

# جاڳ ٻر تنهنجي جيءَ سان

حميد سنڌي

سنڌي ادبي بورڊ

# جاڳ ۽ تنهنجي جيءَ سان

( ڪهاڻيون )

حميد سنڌي

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو، سنڌ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاپو پهريون          سال ١٩٩٦ع          تعداد ١٠٠٠

(حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ)


| | |
|---|---|
| "Jag be tuhunjey jeye Sann" | Short Stories in Sindhi Language |
| Written by: | Hameed Sindhi |
| Published by: | Sindhi Adabi Board, Jamshoro<br>Sindh, Pakistan. |
| First Edition: | 1996 |


پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

قيمت: اسي روپيا
(Price Rs: 80-00)

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ.
( فون نمبر: ٦١٥١٧٩ )

هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو سنڌ ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه
ڇپيو ۽ نفيس احمد شيخ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

sindhsalamat.com          books.sindhsalamat.com

اُنهن جي نانءُ

جن مون کي جنم ڏنو

محترم والد مرحوم سيٺ محمد اسماعيل ۽ امڙ جيجل مرحومه

جي نالي

جن جي دعائن جي صدقي

جيان پيو.

۽

سندن ٻچي جي ٻچڙن

ارشد، تمڪنت ۽ عائشہ

جي نالي،

جن جي لاءِ ٻہ هُو زنده هُيا ۽ وڃڻ گهڙيءَ

تائين دعاگو رهيا.

-- حميد

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٻه اکر

نوري ۽ ناري جوڳيئڙا جهان ۾،
ٻري جن ٻاري، آئون نه جيئندي ان ري.
(شاهه)

مان پانيان ٿو، "سيمي"، "اُداس واديون"، "ويريون"، "راڻا جي رجپوت" وارو سفر "جاڳ ٻه تنهنجي جيءَ سان" تي اچي ڇنو ٿي بيهي رهي ٿو. منهنجا ڪردار نوري آهن يا ناري، پر هنن ٻري ٻاري آهي ۽ منهنجي جياپي جو سهارو آهن. منهنجا ڪردار انهن جوڳيئڙن ۽ ڪاپڙين مثل آهن، جن جو ڪردار شاهه صاحب ڇٽي ڇڏيو آهي. شاهه صاحب جي چائنٽ جي پراڻي پانڌيئڙي جي حيثيت سان مون کي پنهنجي حياتيءَ جي سفر ۾ جيڪي همسفر مليا، پَسيم ۽ پروڙيم، ڪٿي اڳيرو ڪيومان. گوندرن جا ماريل سکن کان وانجهيل، وڪ وڪ واجهائيندا وتن.

ڪيم ڪاپڙين جي، پهرئين ڏينهن پروڙ،
سگها ساعت نه هيڪڙي، چارئي پهر چور،
سدائين سيد چئي، هون سناسي ۾ ستور،
جوڳي ساڻ ضرور، لڪا پُٽن لوڪ ۾!

منهنجي ڪردارن پاڻ ڪجهه نه ڳالهايو آهي: سندن ماحول، ريت رواج ۽ صدين کان مسلط ٿيل سماج پئي ڳالهايو آهي. 'نوٽ ذرتي' جو مينهاٽي مست پرو هجي، 'راڻا جي رجپوت' جو ناچو نينگر گلاب هجي، 'جت جر وهي ٿو جال' جو هڪ غريب پاٽي پريندڙ هجي يا 'دربان' جو چاچو علي محمد هجي يا 'ويريون' جو صابرين شمس الدين هجي يا 'چوري چڏ م چيرين' جي حور هجي، جنهن جو پُرسان حال ڪوبه ناهي. ڏسو ته سهي، ڪنهن به ٻڙڪ ٻاهر نه ڪڍي، پر پنهنجي عمل دخل سان وارو وڄائي ويا.

ڪهاڻين جي هن ڳنڍڪي ۾ موجود ڪردارن کي ڏسو: "ڪچان تان ڪوڪ ٿئي" جي سهڻي نوران آهي، ڪچي جهڙي پت. اڄو مٺو سندس حسن کي پامال ڪيو پر اُهو ئي سندس زبان آهي ۽ سندس ئي بيان آهي. 'زور آور' جو مامو مرندي مري وڃي ٿو، پر ڏک جو اظهار

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نٿو ڪري. "اسان تي الزام" جي پڦي زليخا جي هٿ تي گرم ڪير وهيو ۽ اج به وهندو رهي ٿو؛ اهڙيون زليخائون ريتن رسمن جو ڪاج ٻنجي ڪجھ به نه ٿيون ڪچن. "چور ڪير ساڌ ڪير" جي مائي جنان اج به ڪنهن دڪي تي ويهي خاموش نگاهن سان پنهنجي پنڙي جي وات تڪي ٿي، پر مان سمجهان ٿو ته سڀ ڪردار سماج جي مقرر ڪيل دائري اندر ويٺا ته آهن، پر پنهنجي ڄُر پُر سان بيٺا دانهين ٿا. آهي ڪو سندن ساٿي ٿئي.

"خانو چور ناهي" جو خانو نيٺ سڄي سماج کي سڌي نشاندهي ڪري خاموش تي وڃي ٿو.

منهنجن ڪردارن مان ميٺ ۾ سڀ ڪجھ چوڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهن ڪردارن کي وڌيڪ کولي پڌرو ڪرڻ ۾ منهنجن دوستن ۽ ساٿين ٻن پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي. محترم علي احمد بروهي، رشيد ڀٽي، سليم احمد، ماهتاب محبوب، عبدالقادر جوڻيجو، قاضي خادم، ابراهيم کرل ۽ ٻين دوستن منهنجن اڳين ڪهاڻين جي باري ۾ ڪافي لکيو آهي. ڪهاڻين جي هن ڳنڍڪي ۾ سليم احمد سان گڏ ناصر مورائي جا رايا به شامل آهن.

خاص طرح سان منهنجي پراڻي ساٿي ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جو مهاڳ منهنجي ڪهاڻين ۾ ڪردارن جو چٽو جائزو آهي. سندس هيءُ مهاڳ منهنجي لاءِ وڏي رٿ آهي. مان تنوير سان گڏ ناصر ۽ سليم جو به ٿورائتو آهيان، جن تڪڙ ۾ هيءُ رايا موڪليا آهن. محترم ڪهاڻيڪار انيس انصاري جو هڪ خط ڇپڻ پٺي چاهيم پر نه لڌو، جنهن ۾ هن خاص طرح سان "اسان اذارا آئي آونگ چاڙهيا" تي تبصرو ڪيو هو. مان سيني دوستن جو ٿورائتو آهيان، جن مون کي ياڻ کان پري نه سمجهيو آهي، ڇاڪاڻ ته هو منهنجي معصوم گگدام ڪردارن سان گڏ گهاريندا اچن. ٿي سگهي ٿو ته "جاڳ به تنهنجي جيءَ سان" منهنجي ڪهاڻين جو "آخري" مجموعو هجي، جو ١٩٩٢ع کان پوءِ ڪابه ڪهاڻي نه لکي سگهيو آهيان. اصل ۾ انهن ڪهاڻين لکرائڻ ۽ مهراڻ ۾ ڇپرائڻ جو وڏو محرڪ منهنجو پراڻو ساٿي ۽ همسفر نفيس احمد ناشاد آهي، جنهن مون کي ڪڏهن به سُک سمهڻ نه ڏنو. هن ڪتاب جي مواد سهيڙڻ ۾ سندس ئي محنت ۽ پورهيو آهي. جيڪڏهن اهڙن دوستن، ساٿين ۽ پنهنجن منڻن پڙهندڙن وري به جاڳايو ته شايد ڪجھ ڪهاڻيون لکي وٺان. ڪهاڻين لکڻ

وارو سفر ڪشالن وارو ضرور هو، پر پڙهندڙن جي محبت ۾ سڪ ڪري محسوس نہ ٿيو. ٻيو تہ منهنجا همسفر منهنجا ڪردار مون کي وهڻ بہ تہ نہ پيا ڏين.

مون کي مون پرين ٻڌي وڌو ٻار ۾،
اُپا ايئن چون، مچڻ پاند پُسائيين.

ٿورائتو آهيان محترم حسين شاهہ راشدي، ياءُ غلام رباني آگري ۽ مراد علي مرزا جو، جن هن ڪتاب "جاڳ بہ تنهنجي جيءَ سان" جي مڙهہ ۾ روح ڦوڪي وري جياريو آهي.

"جاڳ بہ تنهنجي جيءَ سان" ۾ ڪيترين ئي ڪهاڻيون آهن، جن جي ڪردارن مون سان گڏ گهاريو آهي ۽ ڪن سان مان گڏ جيئرو رهيو آهيان. جيئڻ زندگي جمود جو نالو نہ آهي، اهي ڪردار هرهنڌ اوهان کي ملندا رهندا، زمان ۽ مڪان جي فرق ڪانسواءِ. شال سماج ۽ معاشري ۾ ڪين سڃاڻپ ملي.

ڪنهن ڪان ڪين گهرن ٻڪ مرندي ٻڪيا،
پيت نہ هيريائون پانهنجا، چوري سانءَ چسن،
ڦڪي فقيرن، ماڳان پني مانءَ جي.

اُميد اٿم تہ منهنجي هنن ڏک سک جي ساٿين، هر گهڙي من ۾ پيهي گهارڻ وارن ڪردارن کي مان ڏئي، گڏ تہ محسوس ٿيندو تہ سنڌ اجا پالهي نہ ٿي آهي.

سدا سور نہ هون، گوندر وڃن گذريو،
اهڪايون، عبداللطيف چئي، پرڪا خاطر پون.
جڳا ايئن چون، تہ در نہ متجي دوست جو.
(شاهہ)

١٢- سنڌي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايڪسٽينشن
فيز -٢،
قاسم آباد، حيدرآباد.
٣١-١٠-١٩٩٦ع

دعاگو
حميد سنڌي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ذرتي دان گهري ٿي

حميد تي لکيل اٽپوري، اڻاولي خاڪي* ۾ مون سندس ڪهاڻين بابت رايو ڏنو هو ته سندس سياءُ ۾ جيڪا ڊرامائي جذباتيت آهي، تنهن جو چڱو چوکو، شايد وڌيڪ، ڀاڱو سندس لکڻين جي نصيب ۾ آيو آهي؛ ۽ نه سندس ڪهاڻيون تڏهن وڏي ڏک ڏينديون آهن، جڏهن هو فضائن ۾ اُڏامڻ بجاءِ زمين تي پير پختا ڪري لکندو آهي.

انهيءَ راءِ ۾ هاڻ هيءَ واڌارو ڪندس. جيئن حميد پاڻ اصل ۾ ٻهراڙيءَ جو آهي، تيئن سندس ڪهاڻيون به پنهنجي ماحول ۽ ڪردارن سوڌيون دهقاني آهن. پاڻ منجهس ۽ انهن ڪهاڻين ۾ ڳوناڻي حياتيءَ جون سنئيون روايتون جيئريون آهن. منجهن 'جديديت'، ذري گهٽ اٺهوند برابر آهي. هو قصي کان يا تمثيل کان گهٽ پري نٿو رهي- ڪهاڻي جا مٿاڇري آڪاڻيءَ کان، مذڪور جو ظاهري بيان کان گهڻو ڪي وڌيڪ ٿئي ٿو. حميد جي دهقانين پنيان مهان تجريدون آهن: نيڪي، بدي، موت، خدا، ۽ سڀ کان وڌيڪ پيار- ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ سان، ماڻهوءَ جو ٻين جيون سان، ۽ ذرتي ماءُ سان. انهيءَ پوئين پيار ۾ ڪوئي(Mystic element)، ڪو الستي اسرار، ڪائي معرفتي مستي ٿئي ٿي، جنهن کي لفظن ۾ بيان ڪرڻ، گهٽ ۾ گهٽ مون لاءِ، ممڪن نه آهي. انهيءَ پيار جو مثال حميد جي ڪهاڻي، 'نوٽ ذرتي' آهي.

'نوٽ ذرتي' مان، ائين ڪٿي چوان، يڪساهيءَ، چوڏار کان بيخبر ٿي ويندي پڙهي هئي، ۽ پڙهڻ کان پوءِ ڪا مهل ڪنهن عجيب ڪيفيت ۾ قابو، ڪنهن عميق ۾ گم رهيو هوس. ڇا ان ڪري ته اها سُني ڪهاڻيءَ جا شرطَ- جيڪي ڪهاڻيءَ جي فن تي لکيل مضمونن ۾ پڙهيا اٿم ته هڪ ڪرو پلاٽ هجي، ڪردار پريور هجن، ٻولي ماحول موجب هجي، (Developed) ڇيهه هجي، اُتندي ئي گرفت ۾ وٺي ۽ سڀ کان وڌيڪ، تاثر جي هيڪڙائي هجي - پورا ڪري ٿي؟ نه، اهو ڪو ٻيو 'فهم' هو، جنهن 'پرين پسايو' هوم.

---

* ١٩٧٦ع ۾ لکيل انهيءَ انگريزي خاڪي جو خود ممدوح جو ڪيل سنڌي ترجمو سندس ڪهاڻين جي مجموعي، 'ويريون' جي ٻئي ۽ ٽئين ڇاپي (آڪٽوبر ١٩٦٥ع) ۾ آيل آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻين جا ڪردار

سنڌي ٻوليءَ جي افسانوي ادب ۾ حميد سنڌي هڪ مٿاهون مقام رکي ٿو. هن ١٩٥٧ع کان لکڻ شروع ڪيو آهي. ٿي سگهي ٿو ته ان کان به اڳ لکڻ شروع ڪيو هجيس، پر اشاعت هيٺ ١٩٥٧ع کان آيو آهي ۽ هن وقت تائين (سال ١٩٩٦ع) تائين لکندو رهيو آهي. ڪهاڻين لکڻ ۾ سندس اظهار جي طرز (Style) لڳ ڀڳ ساڳي آهي. اها سندس خاص خوبي آهي. ائين ڪٿي چئجي ته ڪهاڻيءَ جي سري تي سندس نالو ڇپيل نه هجي، پر ڪهاڻي پڙهڻ کان پوءِ سڃاڻي وٺبي ته ڪهاڻي حميد سنڌيءَ جي آهي. اها خوبي ڪن ٿورن ليکڪن ۾ هوندي آهي. دنيا جا وڏا ڪهاڻيڪار پنهنجن موضوعن، ڪردارن ۽ اسلوب بيان مان سڃاتا ويندا آهن ۽ ان طرح هو منفرد هوندا آهن.

حميد سنڌي اسان جي سنڌي ڪهاڻيڪارن ۾ منفرد ڪهاڻيڪار آهي. هن جيئن ته ننڍپڻ سنڌ جي ڪيترن ئي شهرن، ڳوٺن ۽ واهڻن ۾ گذاريو آهي ۽ اتي تعليم به حاصل ڪئي آهي ته سندس لاشعور ۾ انهن شهرن، ڳوٺن ۽ واهڻن ۽ اتي رهندڙ ماڻهن جون يادگيريون آباد آهن. سندس ٻالجڻيءَ جي انهن مشاهدن ئي کيس هڪ ڪهاڻيڪار بڻائي ورتو آهي. حميد جو مطالعو وسيع آهي، پر سندس لکڻين تي ڪنهن به ڏيهي توڙي پرڏيهي اديب جي ڇاپ نه آهي. سندس موضوع ۽ ڪردار سنڌ جا عام موضوع ۽ ڪردار آهن ۽ ڪهاڻي لکڻ جو ڍنگ سادو، سلوڻو ۽ دل کي ڇهندڙ آهي. سندس ڪهاڻيءَ جي پڄاڻي پڙهندڙ کي ڇرڪ پرائي وجهي ٿي. حميد ڪهاڻي لکڻ لاءِ ڪنهن به تصوراتي دنيا جو سهارو نٿو وٺي. سندس ڪهاڻيءَ جي تاڃي پيٽي ۾ موضوع کان وٺي ڪردار نگاريءَ تائين، منظر نامي کان ويندي مڪالمن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهاڳ

ورهاڱي کان پوءِ جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جو جيڪو نئون جنم (Renais-sance) شروع ٿيو، ان جي پهرئين دور ۾ جمال ابڙو، حفيظ شيخ، رباني، رشيد ڀٽي ۽ آغا سليم آهن ۽ ان کان پوءِ واري ٽهيءَ ۾ حميد سنڌي، امر جليل، غلام نبي مغل، طارق اشرف، عبدالقادر جوڻيجو ۽ جمال رند اچي وڃن ٿا. سنڌي ڪهاڻي انهن کان اڳتي هلي ماهتاب محبوب، نورالهديٰ شاهه، خيرالنساءِ جعفري ۽ شوڪت شوري تائين پهتي.

پهرئين ٽهيءَ ۾ رڳو رشيد ڀٽي هئو، جيڪو آخر تائين ڪهاڻيءَ سان ناتو نڀائيندو رهيو. ان کان پوءِ واري ٽهيءَ ۾ امر جليل ۽ حميد سنڌي آهن، جيڪي لڳاتار لکندا اچن. حميد جا هن وقت تائين ڪل چار مجموعا ڇپجي چڪا آهن جن ۾ آيل ڪل ڪهاڻيون اٺس.

حميد سنڌي نه فقط پنهنجي دؤر جو منفرد ڪهاڻيڪار آهي، پر هن ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ڪهاڻي جي نئين جنم ۾ وڏو عملي حصو ورتو آهي. ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ڪهاڻي پوين پساهن ۾ هئي. محمد ابراهيم جويي، "مهراڻ"، ۽ مولانا عبدالواحد سنڌيءَ، نئين زندگيءَ، جي ذريعي ان ۾ ساهه وڌو، ته حميد سنڌيءَ "روح رهاڻ" ۽ طارق اشرف سهڻي جي ذريعن ان کي نيئن سر جوان ڪيو. روح رهاڻ کان اڳ حميد "زندگي پبليڪيشنس" جو بنياد رکيو. جنهن ذريعي پنهنجي مجموعي ""سيمي"" ۽ اداس واديون" ناصر مورائيءَ جي "راتيون جاڳن جي"، کان سواءِ هن دور جي سنڌي ڪهاڻين جا به اهم ترين مجموعا شايع ڪيا. اهي هئا جمال ابڙي جو "پشو پاشا" ۽ غلام ربانيءَ جو "آب حيات"

ان کان پوءِ "روح رهاڻ" سنڌي جديد افساني جي لاءِ هڪ تحريڪ جو ڪم ڪيو. حميد نه فقط "روح رهاڻ" ۾ پنهنجي دور جا بهترين افسانا شايع ڪيا، پر "روح رهاڻ" جي ذريعي ڪيترائي نوان ڪهاڻيڪار پيدا ٿيا، جيڪي اڄ ڪلهه ادبي آسمان تي جڳمڳ جرڪي رهيا آهن. انهن ۾ امر جليل، عبدالقادر جوڻيجو، نسيم کرل، شوڪت شورو، غلام نبي مغل، سراج، علي بابا، ۽ رشيده حجاب اچي وڃن ٿا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نئين سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر ۽ سنوارڻ ۾ ان دور ۾ نئين زندگيءَ، مهراڻ ۽ سهڻيءَ سان گڏ روح رهاڻ وڏو ڪردار ادا ڪيو.

١٩٥٦ع کان اڳ، جيڪي بہ ادبي ڪانفرنسون ٿينديون هيون. ان ۾ رڳو مقالن جي نشست ۽ مشاعرو ٿيندو هيو. ڪهاڻيءَ کي ادب جو حصو ئي نہ سمجهيو ويندو هئو. سنڌي ادبي سنگت برپا ٿي تہ ان جي گڏجاڻين توڙي ڪانفرنسن ۾ ڪهاڻيءَ جي نشست ڪئي ويندي هئي، ۽ پوءِ جڏهن حميد ساليانہ "جشن روح رهاڻ" شروع ڪيا، تہ انهن ميڙن ۾ ڪهاڻيءَ جي نشست هڪ اهم ادبي پروگرام هوندو هئو، جنهن نہ صرف اڀرندڙ ڪهاڻيڪارن جي همت وڌائي، پر ڪهاڻيءَ کي سنڌي ادب جي هڪ اهم صنف جي حيثيت ۾ مڃتا ڏياري. ويتر جو "روح رهاڻ" طرفان بهترين ڪهاڻين جي حيثيت ۾ ڪهاڻين تي انعام ڏنا ويا، تہ ڪهاڻيءَ جي اهميت توڙي مقبوليت ۾ واڌارو آيو.

حميد سنڌي، نہ فقط هن دؤر جي اهم ترين سنڌي ڪهاڻيڪارن مان آهي، پر سنڌي ڪهاڻيءَ کي سنڌي ادب ۾ رائج ڪرڻ ۽ ان کي مقبول بنائڻ ۾ سندس وڏو ڪردار آهي.

ڪهاڻي پنهنجي دور جي تاريخ آهي. تاريخ نويس جي ڪنهن دور تي لکي ٿو، تہ ان کي Generalise ٿو ڪري، ان جي اونهي اڀياس ۾ نہ ٿو وڃي. ان جي تفصيلن جي اپٽار ڪرڻ جي ڪوشش نہ ٿو ڪري. هو ان وقت جي سماجي، سياسي توڙي اقتصادي حالتن تي هڪ طائرانہ نظر ٿو وجهي. پر افسانوي ادب پنهنجي دؤر جي حالتن، ان جي ڪردارن، انهن جي نفسياتي لاڙن، سماجي ۽ اقتصادي حالتن جي تفصيلن تي روشني ٿو وجهي. جيڪا ڳالھ تاريخ نويس جي وس ۾ نہ آهي. ڊڪنس جو (A Tale of Two Cities). هيمنگوي جو (Farewell to Arms) ان ڳالھ جو مثال آهن. حميد جي افسانن جي وڏي خوبي اها آهي، جو هن سنڌ ۾ اسانجي دؤر جي سماجي، نفسياتي، توڙي سياسي حالتن کي آتشي ڪائي (Magnifying glass) سان وڌائي، انهن مان ڪن اهڙن ڪردارن، واقعن ۽ اهڙي ماحول کي هميشہ لاءِ محفوظ ڪيو آهي، جيڪي اڄ کان چوٿائي صدي پوءِ موجود ئي نہ هوندا ۽ اسان جي دؤر جي تاريخ ان جا اهڃا چٽا ۽ پڌرا نقش نہ ڏيئي سگهندي،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي اسانجي هڻ انوکي ڪهاڻيڪار ڏنا آهن. ”ڏو پار“ ڪهاڻيءَ ۾ هڪ اڙڏو ڪردار آهي، جيڪو اٽي ڏڪر راند تو ڪري، ۽ ان ۾ ايترو ماهر آهي جو جنهن بہ فانوس کي چاهي، گهڙيءَ ۾ پنهنجي اِٽيءَ سان پيچي ٿو ڇڏي. اها اِٽي ڏڪر راند، ۽ اهي گاسليٽ وارا فانوس، هاڻي سنڌ ۾ نہ آهن. نہ وري اهي اڙڏا ڇوڪرا (نفسياتي ساخت پڻ وقت ۽ دؤر سان بدلجي ٿي.)

اهڙين ئي ڪهاڻين مان هڪ ڪهاڻي ”راڻا جي رجپوت“ نہ فقط حميد جي شاهڪار ڪهاڻين مان آهي، پر سنڌي ادب جي شاهڪار ڪهاڻين مان پڻ!

مون کي ياد آهي، تہ حفيظ شيخ، انهي ئي هم جنس پرستيءَ واري موضوع تي بهترين ڪهاڻي ”اوستو جاڙو“ لکي هئي، تہ ان وقت سنڌيءَ جي سڀني رسالن جي ايڊيٽرن ان کي ڇاپڻ کان انڪار ڪيو هئو، ۽ اها ڪهاڻي اڻڇپيل ئي رهجي ويئي ۽ هاڻ اها شاهڪار ڪهاڻي گم ٿي ويئي آهي. ۽ ڪٿي بہ هٿ نہ ٿي اچي.

حميد، ”راڻا جي رجپوت“ لکي سنڌي سماج جي ان اِداري Institution کي ابدي حياتي ڏيئي ڇڏي آهي. جيڪو اڄ پوين پساهن ۾ آهي، ۽ اڄ کان چوٿائي صدي پوءِ اسان جون ايندڙ ٽهيون ان ڪهاڻيءَ کي پڙهي ”ڏندين آڱريون“ ڏينديون تہ ”مار ـ ڪڏهن سنڌ ۾ ائين بہ ٿيندو هئو.“ اها ڪهاڻي، سنڌ جي جاگيرداري سماج (Feudal Society) جو هڪ چِڪندڙ ناسور آهي، حميد جنهن جي تفصيلي اپٽار ڪئي آهي.

”پڳت جي اداري کي، سنڌي سماج ۾ خوبيون بہ آهن، تہ خاميون بہ پڳت جي اداري مان سنڌ کي ڪنور پڳت ۽ ان کان پوءِ ڪي ئي پڳت مليا. جن سنڌي موسيقيءَ ۾ شاندار ۽ فخر لائق ڪردار ادا ڪيا. انسان دوستي، رواداريءَ ۽ پيار جو پيغام ڏنو. تعصب ۽ نفرت کي بنجو ڏنو. ۽ صوفين توڙي پڳتن جي عظيم پيغام کي ڦهلايو. پر جڏهن اهو ادارو وڏيرڪي قبضي ۾ آيو تہ ان ۾ 'Corruption' شروع ٿي، ۽ سهڻا ناچو ڇوڪرا، وڏيرن جي هَوس جو شڪار ٿيا. حميد ان ڪهاڻيءَ ۾ مثالي ڪردار ڪنيا آهن. ناچو ڇوڪرو ـ ان جي نفسيات، وڏيرا، جيڪي ان ناچو ڇوڪري جي ناز تي مست آهن، وڏيري جي زال، جيڪا اڪيلائيءَ سببان پريشان آهي. اهي سڀ ڪردار ڪوبہ ڪهاڻيڪار ان سماج جي تمام اونهي ۽ ويجهي اڀياس کان سواءِ خلقي نہ ٿو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهي. حميد جي هيءَ ڪهاڻي ايندڙ دوَر جي تاريخدانن، سماجيات توڙي نفسيات جي ماهرن لاءِ هڪ اهم ”ڪچو مال“ (Raw Material) ثابت ٿيندو.

اهڙي ئي قسم جي حميد جي هڪ ٻي ڪهاڻي ”زبرو ڏڪ“ به ڏاڍي اهميت واري آهي. جانورن جي ويڙهه (Animal Sports) تي سنڌيءَ ۾ ٿي ڪهاڻيون اهم آهن. هڪ رشيد ڀٽيءَ جي ”ٻڌ“ ٻي حميد سنڌيءَ جي ”زبرو ڏڪ“، ٽين بادل جماليءَ جي ”خفتي“.

”زبرو ڏڪ“ جو ڪردار سنڌ جو هڪ مثالي ڪردار آهي، جيڪو حجامڪو ڪم به ڪري ٿو، پر ڪيس بلتري ڪُتن جو به خفت آهي. ڪتن جي ويڙهه جو به شوقين آهي. هن افسانيءَ ۾ حميد انسان ۾ رحم دليءَ جي عنصر جي اونهي اپٽار ڪئي آهي. استاد نبن، ڦٽي ڦوڪارو ڪندي، هڪ آفيسر کي بلتري ڪتن جي فرمائش تي ڪري، نيٺ وڃيو سندس آفيس ۾ نڪري بلتري ڪتن کي هٿ ڪري ڏاڍو خوش ٿو ٿئي. جڏهن انهيءَ ڪتي جو سوئر سان ميل ٿئي ٿو، ۽ ڪتو ڦتجي مرٽينگ تو ٿئي، ته استاد نبن پاڻ ميدان ۾ لهي پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي، ڪيس بچائڻ جي ڪوشش تو ڪري، ۽ ائين پاڻ به ڦتجي تو پوي، ۽ ٻيا ماڻهو ميدان ۾ لهي، سوئر کي ڏڦن سان ماري، استاد نبن کي بچائن ٿا.

انهي ڪهاڻيءَ ۾ حميد نه فقط ڪردار نگاريءَ جو ڪمال ڏيکاريو آهي، پر انهي طبقي جي خفتين جي ٻولي پڻ ڊائلاگن ۾ محفوظ ڪري ڇڏي اٿائين، جيڪا اڄ ڪان ويهه ـ پنجويهه سال پوءِ گم (EXtinct) تي ويندي.

هي لوسي آ، هي لوسي آ، واهه سائين واهه! واهه جي عزت ڪئي اٿوَ خانداني ڪتي جي؟ خانداني ماڻهو تي ڪري خاندان جو قدر نٿا ڪريو!

”پنهل سائين ڪاٽي تو ڇڏيانءِ اسان جي ته ڀينگ تي وئي آهي. هو شهنشاهه بلتري ڏنو هيئه اهو به نيٺ ميدان ۾ لاٿم. هن ڏڪ ئي نه جهليو. ڀهرين ئي سَٽ ۾ رڄ چڪ هنيس. شهنشاهه ”ڪَئون“ ئي نه ڪئي ۽ الله ڏي هليو ويو“.

هن ڪهاڻيءَ جي چوٽ (Climax) دڪدائڪ به آهي، ته انساني رحم جي جذبي جي چٽي تصوير پڻ. جڏهن استاد نبن پنهنجي پاليل پياري بلتري ڪتي کي بچائيندي زخمي ٿئي ٿو، ۽ ان ڪان پوءِ ڪتو به ڪنهن ڪم جو نه

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو رهي، ۽ استاد نبن جي منهن تي زخمن جا چچريل نشان رهجي ٿا وڃن. تڏهن به هو ان بيڪار ۽ اپاهج ڪتي کي پنهنجي دڪان ۾ ٻدي، ان جي خدمت ڪندو ٿو رهي، ۽ جڏهن اهو آفيسر، جنهن کيس اهو ٻلٽري ڪتو هٿ ڪري ڏنو هئو،) ۽ استاد نبن انهي ڪتي کي شهنشاهه چوندو هو کيس چيڙائڻ لاءِ چئي ٿو ته:

”استاد ـ هيءُ ٻلٽري به لوسي تي ويو آهي“ ته هو چڙي نه ٿو، مرڪي ٿو چوي:

”پنهل سائين ـ اسين ئي لوسي تي ويا آهيون ـ ٻچن جا ڏڪ ڏاڍا ڪي زبرا آهن.“

حميد جي ڪيترن ئي ڪهاڻين ۾ انهي انساني رحم دليءَ جي جذبي جي اپٽار آهي. سندس ڪهاڻي ”هڪ هرڻيءَ جي ڳالهه“ به ان قسم جي ڪهاڻين مان هڪ شاهڪار ڪهاڻي آهي. جنهن ۾ هڪ ٻار جا پاڪ پوتر ۽ نرمل جذبا بيان ڪيا ويا آهن. هرڻيءَ جهڙو سهڻو ۽ شانائتو جانور، ۽ هڪ ٻار جا معصوم، ۽ سادا جذبا، اهو ٻار جڏهن وڏي وڏو ٿئي ٿو، تڏهن به سندس دل ۾ اهي جذبا قائم رهن ٿا، ۽ هرڻيءَ جي ٻچي لاءِ سندس دل ۾ رحم ٿهائين وڏي ٿو وڃي.

اهڙي ئي موضوع تي حميد جي هڪ ٻي ڪهاڻي آهي ”بابا منهنجو چوزو“ حميد نه رڳو انسانن سان پيار ڪري ٿو، پر هو پکي پکڻ (پرديسي پکيئڙا) جانورن (زبرو ڏڪ، هڪ هرڻيءَ جي ڳالهه ۽ بابا منهنجو چوزو) وڻن ٽڻن (درٻان) ۽ ماڳن (ويريون) سان به محبت ٿو ڪري. هن جو موضوع محبت آهي. هن جو، سچل جي هن سِٽ وارو حال آهي ته: ”يار مليو ڪَک پن ۾“ هن جي محبت لا محدود آهي. نه رڳو انسانن، جانورن ۽ پکين تائين، پر وڻن ۽ پِتين تائين هن جا محبوب اهن.

”بابا منهنجو چوزو“ جو مرڪزي ڪردار جيڪو ٻاڻ کي ترقي پسند ٿو سڏائي پر ويس وڳا ۽ ڪاڏا پيتا شاهاٽا اٿس. ڪناري گاڏيءَ تي ڏگهو سفر ڪري ادبي ميڙ ۾ شريڪ ٿيڻ کان اڳ نه رڳو ڦٽي ڦوڪارو ضروري ٿو سمجهي پر ميزبانن کي ڪپڙن جي استري ۽ بوٽ جي پالش ڪرائڻ لاءِ به هدايتون ٿو ڏئي. ڪاڏي جي باري ۾ صاف چئي ٿو ته ”اسين گوشت کائون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻاڪرو ـ اهو بہ نندي ليلي جو. ۽ ڪُکڙ نہ ـ پر چوزو“

ميزبان ڪُکڙ جو ٻوڙ تہ ڪرايو هيو، پر لاچار همراهہ جي فرمائش ٻڌي، چوزي جي ٻوڙ جو ڊونگو تہ آٽي، جنهن کي ميزبان جو ننڊڙو معصوم ٻار ”بابا منهنجو چوزو“ چوندو، ان اديب جي ڪپڙن تي ڦهڪائي ٿو ڏئي.

حميد جي هن ڪهاڻيءَ جي چوٽ (Climax) بہ انساني رحمدليءَ ٻار جي پاڪ معصوم ۽ چوزي لاءِ همدرديءَ وارن جذبن جي تاثر جي تمام چٽي ۽ زوراڻتي نموني ۾ اپٽار ٿي ڪري.

پکين سان پريت جي موضوع تي حميد جي هڪ شاهڪار ڪهاڻي ”پرديسي پکيئڙا“ هن مجموعي ۾ شامل آهي. ان ڪهاڻيءَ جا ٽي مکيہ ڪردار آهن: سچل ـ نوجوان باغائي، جيڪو پنهنجي پيءُ بچل جي پوڙهي ۽ بيمار ٿي وڃڻ جي ڪري ڪانياٽي ٿو سنڀالي ـ بچل جيڪو پوڙهو جهانديد آهي. سڄي عمر ڪانياٽي ڪٽي پکين کي باغ مان اڏاريو اٿس. پر هن کي پکين سان پريت آهي. پنهنجي پٽ کي سمجهائي ٿو تہ ”سچل ڪانياٽي وهندي جي کنهن پکي پکڻ جو کنڀ ڪريو، سمجهہ تہ ڪِيس ڪري ڇڏيئہ. خاص طرح وهين جو تہ خيال ڪجانءِ. هي پنڪڙو پورڙو پکي پرديسي پکي اٿئي.“

بچل ڪيترن سالن کان وهين کي قطارون ڪندي، ڪجين جي چوڌاري لامارا ڏيندي، ٻن ڳرين خاطر جان جوکم ۾ وجهندي ڏٺو هئو.“

نوجوان سچل، جڏهن وَهين جي ولرن سان پڇي نہ ٿو سگهي، تہ ڪاوڙ ۾ سڌي ۽ اُبي ڪانياٽي ٿو وهائي، جنهن مان هڪ ڳوڙهو وڃي وَهئي کي ٿو لڳي، ۽ سچل خوشيءَ مان رڙ ٿو ڪري ”اهو ٿو وڃئي“ جڏهن اهو زخمي وهيو ڪٽي. هو مناهينءَ ڏي ٿو وڃي تہ پنهنجي پيءُ کي مرٽينگ ٿو ڏسي، جنهن جي لونڊڙيءَ ۽ منهن تي ڳوڙهن جا نشان هُئا. هو پيءُ کي هوش ۾ آڻي ٿو تہ پٽس جي نظر ڏکيل پکيءَ تي پئي ٿي، ۽ چوي ٿو.

”سچل پٽ گهٻراءِ نہ پرواهہ ناهي. هر هڪ پرديسي اهي. اڄ پرديسين جو وارو هيو. جهڙو وهيو پرديسي پکي تهڙو مان.“

۽ انساني رحمدليءَ واريءَ چوٽ (Climax) تي، هيءَ شاندار ڪهاڻي پنهنجو ڀرپور تاثر ڇڏيندي ختم ٿي ٿئي.

حميد جون ڪجهہ ڪهاڻيون آهن جن جو موضوع ٻار آهن. انهن مان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ڪهاڻيءَ ”ٻه پار“ جو اڳ ۾ به ذڪر اچي چڪو آهي. ٻهپار جو مرڪزي ڪردار هڪ ارڙهن پار آهي جيڪو فانوسن جا شيشا اٽي ـ ڏڪر ڪيڏنديءَ پچي ٿو. ۽ ڪيس اٺ وٽنڊڙ هڪ ڪردار کي به اٽي وهائي ٿو چڙي.

”ٽڪي ۾ ٻاٽي“ هڪ ٻئي ٻار جي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ هڪ ڪهر وکنڊڙ ٻار جي مايوسين جي اپٽار ڪئي وئي آهي، ۽ ان جي باوجود به سندس همت ۽ عزم کي چٽو ڪري ڏيکاريو ويو آهي. ”ڪنچن ڪايا“ هڪ ٻئي ٻار جي ڪهاڻي آهي، جيڪو چڙي راند جو ماهر آهي. ”منوءَ جي ڪهاڻي“ هڪ شاهڪار ڪهاڻي آهي، جنهنجو مرڪز ڪردار ”منو“ هڪ اهڙي آفيسر جو پٽ آهي، جيڪو بدلي تي ڳوٺ ۾ تو وڃي، ۽ منوءَ جي دل تي اهو نئون ماحول هڪ عجب تاثر تو ڇڏي.

هو ڏيکي ڳاڏي ڏسي عجب ۾ پئجي تو وڃي. اسڪول جو گهنڊ ٻڌي پڇي ٿو ته اسڪول ڇا ٿيندو آهي. سندس پيءُ کيس ”استاد چاڳي مل“ جي حوالي تو ڪري، جيڪو روشن خيال آهي. مثالي ماستر آهي جيڪي رڳو ورهاڳي کان اڳ هوندا هئا. چوي ٿو: ”منو اڄ کان وٺي منهنجو پٽ آهي. کيس مان تيار ڪندس.“

منوءَ جو من سونجهڻو (Inquisitive Mind) آهي. هو هر مشاهدي تي سوال تو ڪري.

”پورهيت ڇا ٿيندو آهي؟“

۽ پوءِ پيءُ کي چوي تو:

”بابا ـ اسان اڄ پورهيت ڏٺو. بابا پورهيت سٺو هوندو آهي نه؟ مان وڏو ٿي پورهيت بڻبس. پنهنجي هٿ سان ان اپائيندس. مامي غلام وانگر.“

۽ پوءِ ماستر چاڳي مل جي گهر وڃي، انهن کي ”سرلا“ جي ڏک ۾ روئندو ڏسي، سندس معصوم من به انهن جي ڏک ۾ شريڪ ٿي ٿو.

ٻارن تي لکيل ڪهاڻين مان حميد جي ڪهاڻي ”خانو چور نه آهي“ هڪ شاهڪار آهي. اها نه فقط حميد جي، پر سنڌي ادب جي شاهڪار ڪهاڻين مان آهي. خانو هڪ معصوم ٻار آهي، جيڪو ٻين ٻارن سان گڏ اسڪول پڙهڻ وڃي ٿو. هو نبل ۽ ڪمزور به آهي، ته غريب به ـ سندن اسڪول ۾ شودا، پيداگير ۽ دادگير ڇوڪرا هئا. جيڪي اهڙن ڇوڪرن کان ”آنڪي“

اڳاڙيندا هئا. خانو اها "آنڪي" پڙهڻ لاءِ چوري ڪندو هئو. هنن پيداگيرن جڏهن "آنڪي"ءَ مان اگهه وڌائي پياني ڪيو، ته خانو چوري ڪرڻ مهل ضمير جو آواز ٻڌو. "خانو چور آهي" ۽ ان ضمير جي آواز کان متاثر ٿي، هن چوري ڪيل پياني واپس رکي ڇڏي اسڪول آيو ته به سندس چپن تي اهي لفظ هئا ته "خانو چور نه آهي".

موڪل ٿيڻ وقت جڏهن شودن چوڪرن کانئس پياني گهري ته هن انڪار ڪيو. چيائين "خانو چور نه آهي" ان تي شودن هن کي نوُنشا هنيا، ۽ سندس رت وهندو ڏسي ڊڄي ڀڄي ويا. خانو جيڪو مار کان نِستو ٿي پيو هئو ٻاهر اسڪول جي گيٽ تي آيو، جتي اچا ڪجهه سندس جهڙا مظلوم ۽ شودن، داداگيرن ۽ پيداگيرن جا ستايل بيٺا هئا. هن رڙ ڪري چيو "اڙي نورا، اڙي شمن، علڻ رحيم، ٻڌو ڪو به هاڻي پيروءَ ۽ سندس شودن جي ٽولي جي آنڪي نه پريندو".

هو ڏسو سامهون وچي ٿو پيرو ۽ سندس شودن جو ٽولو. نه ڇڏيون دسيون، همٿ ڪيو، وڌو همٿ ڪيو".

پوءِ انهن شودن جي ٽولي کي هٽي ڊاهي وڌو. حميد لکي ٿو ته "اڄ ڏينهن پويان ڪمزورن جي سرسي ٿي" ۽ "خانو خاموش اونڌو پيو هئو. پر سندس چپن تي مرڪ هئي. چچريل ۽ رتائون منهن ٻهڪي رهيو هئو. هنن جڏهن ڪمزور، بي جان ۽ نٻل جسم کي ڪنيو ته هنن کي ائين لڳو ته ڪنهن ڳري بت واري جوڌي جوان کي کڻي رهيا هجن.

حميد جي هيءَ ڪهاڻي، سنڌ ۾ هن ڏاڙيلن ۽ ڪلاشنڪوف جي دؤر ۽ تعليمي ادارن ۾ نراجيت جي زماني ۾ وڏيڪ اهميت رکي ٿي. سنڌ ۾ ڦهليل هن ڪئنسر جو علاج تڏهن ئي ممڪن آهي. جڏهن سنڌ جو عام ماڻهو، توڙي تعليمي ادارن جو شاگرد، ڏاڙيلن ۽ داد گيرن کان ڊڄي، ان جي "آنڪي" پڙهڻ کان انڪار ڪري، همت ۽ ٻڌيءَ سان خانوءَ جي مثالي ڪردار کي آڏو رکي، انهن جو مقابلو ڪندو.

چڱائيءَ ۽ برائيءَ جي ويڙهه، هر دور ۾ هلندي رهي آهي، پر اسانجي دور ۾ چڱائي جيتر هيسيل، ڊپيل ۽ نِستي آهي، اوتري شايد سنڌ ۾ ڪنهن به دور ۾ نه رهي هئي. پر تڏهن به هيءَ ڪهاڻي سنڌ جي مستقبل جي ڪهاڻي آهي،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن سنڌ ۾ چڱائيءَ جون هيسيل دٻايل ۽ ڪمزور قوتون، ڪنهن خانوءَ جي مظلوميءَ واريءَ همت جي همدرديءَ ۾ هڪ هنڌ گڏ ٿي، ٻڌي ڪري سماج ۾ پيدا ٿيل داداگيرن کي شڪست ڏينديون. هيءَ ڪهاڻي، ٻارن ۾ نه فقط چڱائيءَ لاءِ احترام ۽ پيار ۽ برائيءَ لاءِ نفرت پيدا ڪندي، پر انهن ۾ برائيءَ خلاف جنگ جوٽڻ، ۽ ان جنگ جي حڪمت عمليءَ جي طرف پڻ رهنمائي ڪندي. ڇو ته داداگير، ظاهر ۾ ڪيترا به طاقتور هجن، پر اهي عوام جي اٿاهه سمنڊ آڏو تچ آهن. ڇو ته عوام ۾ گهڻائي نيڪيءَ، انصاف ۽ حق جا طرفدار آهن.

حميد جون ڪجهه ڪهاڻيون ڊرامائي تاثر رکن ٿيون. انهن ۾ اهم ڪهاڻي آهي "تنهنجو سفر منهنجو سفر" هيءَ ڪهاڻي فيڊر لائين جي هڪ مسافر جي ڪهاڻي آهي، جيڪو صبح جو ريل گاڏيءَ ۾ ڳوٺ ڪنهن ڪم سان وڃي ٿو، ۽ شام جو دير سان موٽي ٿو اچي. ساڳيءَ ئي گاڏيءَ ۾ ويندي به ان گاڏيءَ ۾ هڪ ننڍيءَ اسٽيشن تي هڪ ڪنوار، هڪ اڌڙوٽ، ۽ هڪ لساٽ ٿا چڙهن ۽ موٽندي به ساڳي اسٽيشن تان اهوئي اڌڙوٽ، اهوئي لساٽ ۽ هڪ پڪيءَ عمر واري ڪنوار سان گڏ ٿا چڙهن، جنهن جا وار مينديءَ سان ڳاڙها ٿيل آهن.

هن ڪهاڻيءَ جي ٽيڪنڪ جو ڪمال اهو آهي، جو اهو سمورو واقعو اهڙيءَ حالت ۾ ٿئي ٿو، جڏهن ريل جي گاڏي ۾ پوري روشني نه آهي ۽ ڏسندڙ کي انهن ڪردارن جا مهانڊا به ڇٽا ڇٽا نظر اچن. هو رڳو سندن قد ۽ عمر جو اندازو لڳائي سگهي ٿو. ويندي مهل ڪوبه ڊائلاگ نه آهي. پر ڪنوار جي جسم مان ايندڙ خوشبو، ۽ چوڙين جي جهنڪار اهي به اهم ڊائلاگ آهن. موٽندي مهل رڳو به مختصر ڊائلاگ آهن. ان ڪانپوءَ لسڙاٽ گهوٽ. پڪيءَ عمر جي ڪنوار جي هنج ۾ سڏڪا پريندو، پنهنجي پياريءَ پيٽ کي ياد ڪندو (جنهن جي ان اڌڙوٽ سان شاديءَ ٿي) ۽ ان جي پارت ڪندو سمهي ٿو پوي. جڻ ته ماءُ جي هنج ۾ سمهي ٿو پوي.

هيءَ ننڍي ڪهاڻي. ٽيڪنڪ ۽ موضوع جي لحاظ کان تمام وڏي آهي نه واقعو، نه ڊائلاڪ، رڳو چار ڪردار - جن جون شڪليون به چڱيءَ طرح نظر نه ٿيون اچن، اها اڄوڪيءَ سنڌ جي سماجي ناسور، اڻ برابري واري شاديءَ

جو پرپورو اونھو ۽ چٽو تاثر ڏئي ٿي. جوان ڇوڪريءَ جي اڌڙوٽ سان شادي ۽ پڪيءَ عمر، ميندي رتل ڳاڙھن وارن واريءَ ڪنوار جي لسڙاٽ سان شادي جنھن کي مڇن جي ساول مس آئي آھي، ۽ جيڪو سندس ھنج ۾ سمھي ٿو پوي. ڏي وَٽُ جو ناسور ـ عورت کي وَٽُ (Commodity) بنائڻ جو ناسور ۽ ان مشاھدي کان، انھن اڻ ڇٽن ڪردارن جي ڇٽن دردن، ۽ اڻ ڳالھايل مڪالمن کان متاثر ٿي فيڊر لائين جو اھو مسافر ھڪ خط ٿو لکي، (جيڪو پاڻ پنجاھہ جي پيٽي ۾ آيل ھڪ جھونو آھي) جنھن ۾ پاڻ کان ٽيھہ ورھيہ ننڍي ڪجھہ رقم جي عيوض پرڻجڻ لاءِ ورتي آھي، ان جي پيءُ کي لکي ٿو، تہ اھا رقم ان ڇوڪريءَ کي ڏاج ۾ ڏئي ھو پاڻ ان ڇوڪريءَ سان شادي نہ ٿو ڪري سگھي اھا آھي ھن شاندار ڪھاڻي جي چوٽ (Climax)

ھن ڪھاڻيءَ ۾ حميد، سنڌ جي ھڪ اھم دؤر کي محفوظ ڪيو آھي. فيڊر لائين (جيڪا تازو پتجي وئي آھي) ان تي جنڪشن اسٽيشنون، جن تي بجلي نہ ھوندي ھئي، پر گئس جا گولا ٻرندا ھئا، ويٽنگ روم، ان جا ٻئرا ـ اھو ماحول حميد جو بہ ڏٺل آھي تہ منھنجو بہ.

حميد انھن ماڳن ۽ ٿاڻن کي فنڪاريءَ سان محفوظ ڪيو آھي. حميد جون ڪجھہ ڪھاڻيون ڪردارن واريون ڪھاڻيون آھن ـ ھونءَ تہ حميد جي ھر ڪھاڻيءَ ۾ انوکا ڪردار ھوندا آھن، مٿي ذڪر ڪيل ڪھاڻين مان ”زبرو ڏڪ“، ”خانو چور نہ آھي“، ”راڻا جي رجپوت“ وغيره ڪرداري ڪھاڻيون آھن، پر حميد جون اھي ڪھاڻيون ڪردار نگاريءَ سان گڏ ٻين طريقن جي اپياس ۾ بہ اچي سگھن ٿيون. پر حميد جون ھن مجموعي ۾ آيل ڪھاڻيون ”ڪاڪ ڪنڌيءَ قبرون“، ”زوراور“، ”اسان اُڌارا“، ”چور ڪير، ساڌ ڪير“، ”چوري ساڙ چسن“ ۽ ”اسان تي الزام“ اچي وڃن ٿيون.

ڪردار نگاري ڪھاڻيڪاريءَ جو اھم شعبو آھي، پر ڪھاڻيءَ ۾ توازن (Balance) پيدا ڪرڻ ڪھاڻيڪار جي فني مھارت جو ثبوت آھي. حميد جا ڪردار اھڙا آھن، جھڙا توھان ۽ مون ڏٺا آھن. فطري (Natural) ۽ اڻ اياريل — ”زبرو ڏڪ“ وارو خفتي حجام ”ڪاڪ ڪنڌيءَ قبرون“ جو شھباز توڙي ”راڻا جي رجپوت“ جو ناچو ڇوڪرو ۽ وڏيرو — اھي نہ زوراڻا ۽ فلسياڻا مڪالما ٿا ڳالھائن، نہ وري پنھنجي وت کان وڌيڪ ڪرتب ٿا ڏيکارين — اھي ھن ئي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دنيا جا، هن ئي دؤر جا، هن ئي مٽيءَ جا چرندڙ پرندڙ هلندڙ چلندڙ حقيقي ڪردار آهن. اسان جي دؤر جي ڪن ڪهاڻيڪارن جي ڪهاڻين کي پڙهندي لڳندو آهي ته انهن جا ڪردار نه هن زماني جا آهن، نه هن ماڳ مڪان جا ـ جڻ خلا مان فرشتا آيا هجن، ۽ فوق الفطرت (Super Natural) مڪالما ڳالهائيندا هجن ـ جيڪي رڳو فلسفي ۽ تاريخ جا پروفيسر ڳالهائي ٿا سگهن. حميد نه خلائن جو ڪهاڻيڪار آهي، نه آسمانن جو ـ هو سنڌ جي سر زمين، ان جي مٽيءَ، ان جي عام ماڻهوءَ جو ڪهاڻيڪار آهي. هن جا ڪردار حقيقي ۽ فطري آهن. هو پنهنجي ڪردارن تي ڪا به ڳالهه مڙهي نه ٿو. جهڙا آهن، تهڙا ئي پيش ڪري ٿو. سواءِ ڪنهن ناهه نوهه، يا ميڪ اپ جي ـــ ان ڪري حميد جا ڪردار ڇڪائيندڙ ڏيان ڇڪائيندڙ يا ذهن تي حملو ڪندڙ ڪردارن بدران فطري ۽ حقيقي آهن، جيڪي پڙهندڙن جي ذهن تي حملو ڪرڻ بدران انهن جي دل جي اونهاين ۾ وڃيو گهر ڪن.

انهن ڪرداري ڪهاڻين ۾ حميد جي ڪهاڻي زوراور ڏاڍي دلچسپ آهي. هن ۾ فقط اهو اڄڪلهه اڻلڀ ڪردار جيئرو جاڳندو، چرندو پرندو نظر ئو اچي، پر اهو ماحول پڻ چٽو ۽ پڌرو اکين آڏو اچيو وڃي، جيڪو اڄڪلهه اڻلڀ آهي. اهي زمانا هئا. اها سنڌ هئي، جنهن جا ڪامورا ايماندار هئا. خانداني رٿا بندي به نه هئي، ان ڪري اهي ڪامورا وڏي عيال وارا به هئا. سُڪيءَ پڪيءَ پگهار مان وڏا عيال پالڻ ۽ انهن جي لٽي ڪپڙي جو بندوبست ڪرڻ ناممڪن هيو. ان ڪري ٽيندو ايئن هئو، جو گهر جي وڏن ياتين جا ڪپڙا ڪٽائي، ننڍا ڪرائي ننڍڙن کي پارايا ويندا هئا، ۽ انهي ڪاروائي کي آلٽر ڪرڻ چيو ويندو هئو. اهي زمانا مون به ڏٺا ۽ اهڙا آلٽر ٽيل ڪپڙا مون به پاتا. اهڙو ئي هڪڙو ماهر درزي، "مامو محمد" اصل شڪارپور جو، ان ايماندار آفيسر جي ٻارن لاءِ ڪپڙا آلٽر ڪندي ساڻن گهرو ٿي ٿو وڃي، ۽ جڻڪ گهر جو ڀاتي ٿي ٿو وڃي. اهو زمانو اعتبار ۽ اعتماد جو هئو.

اهو ڪپڙن آلٽر ڪرڻ وارو درزي ـ گهر جو ڀاتي ٿي ٿو وڃي. پاڻ به سئنيما جو شوقين ته ان ڪاموري جي ٻارن کي به ان شوق تي لاهي ٿو. هن جو تڪيو ڪلام هوندو هئو "يرـ تون ڪو ڏاڍو زوراور آن".

جڏهن ان ڪاموري کي خبر پئي ٿي تہ اهو مامو سندس ٻارن کي پڙهڻ کان "ڪاري" سئنيما تي وٺي ٿو وڃي تہ ان ڳالهہ تي ڪاوڙجي مامي کي ڏاڍي چنبڙ ڪڍي.

ان ڳالهہ تي ڪاوڙجي، مامو بنا موڪلائڻ جي هليو ٿو وڃي.

ڪامورو جڏهن گشت مان موٽي ٿو تہ گهر ڀاتين کي بڌائي ٿو تہ مامو سخت بيمار آهي، ۽ ايئن سڄو ڪٽنب تيار ٿي شڪارپور تو پهچي. اتي دل ڀڄائيندڙ ملاقات ٿئي ٿي. هڪ پاسي مامو ٿو روئي، تہ ٻئي پاسي ڪامورو.

جڏهن ڳوٺ پهچن ٿا تہ اطلاع ٿو ملين تہ مامو گذاري ويو. حميد جي هيءَ ڪهاڻي بہ انساني همدرديءَ تي ٻڌل آهي ۽ ان جي چوٽ ڏاڍي دل ڇهندڙ آهي.

اهڙي ئي هڪ ٻي ڪهاڻي جيڪا پڻ ڪردار واري ڪهاڻي آهي، اها آهي، "ڪاڪ ڪنڌيءَ قبرون" ان ڪهاڻيءَ جو مرڪزي ڪردار هڪ سيٺ آهي. جنهنجي سڄي عمر اوڙي پاڙي وارن جون ملڪيتون قبائڻ ۾ گذري آهي. جي ڪو مِٽ مائٽ يا پاڙي وارو مري ٿو وڃي تہ هيءَ ڪمال فنڪاريءَ سان يتيمن ۽ رنن زالن جي ملڪيت هڙپ ڪيو ڇڏي، شهباز خان ظاهر ۾ ٻي روپئي وارو ڊاڪٽر آهي. پر اندر ۾ ڪوٺ اٿس، ڪهاڻي هڪ اتفاق تي ختم ٿي ٿئي، جڏهن سندس ستايل مائٽ رات جو گند ڪچري رکڻ لاءِ ڪڏ تا کوٽن تہ هيءَ تڪڙ ۾ بندوق کڻڻ لاءِ ڪاٺ جي ڏاڪڻ تان هيٺ لهي ٿو، ۽ ڪاٺ جي ڏاڪڻ ٽڙڪو ڏئي ڀڃي ٿي پوي، ۽ هيءُ انهيءَ کڏ ۾ ڪري ٿو پوي ۽ اهائي سندس قبر ٿي وڃي ٿي، هن ڪهاڻيءَ ۾ حميد ڪجهہ مزاح جو بہ رنگ ڀريو آهي، جڏهن شهباز خان سمهندو هئو تہ سندس ڳچي گم ٿي ويندي هئي ۽ ماڻهو چوندا هئا تہ هن جي منڍي ڪير وڍي ويو.

جيتوڻيڪ هن ڪهاڻيءَ جي پڇاڙي: آخري، اوچتي ۽ غير فطري آهي، پر تنهن هوندي بہ ان ۾ ڪردار نگاري ايتري تہ چٽي ۽ جيئري جاڳندي آهي، جو پڇاڙي اهڙو تاثر ڇڏي ئي نہ ٿي.

اهڙي ئي هڪ جيئري جاڳندي ۽ چرندڙ پرندڙ ڪردار جي ڪهاڻي آهي. ڇُڪ!

ڇُڪ ڪيڏڻ وارو سيٺ محمد هاشم اصل ۾ ڪَلُن جو واپاري آهي، ڇُڪ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيڻ سندس ، سائيڊ بزنيس آهي. محمد پڇل هڪ غريب مزور آهي جيڪو وٽس ڇَڪ ڪيرائڻ اچي ٿو. محمد هاشم پهرين ته ڪيس لنوائي ٿو، پر جڏهن پڇل ڪجهه پئسا ٿو ٻاسي ته ان جي ڇُڪ ڪيڻ تي راضي ٿئي ٿو. پڇل جو ڪردار دلچسپ آهي. ڇُڪ نڪرڻ ڪان پوءِ "ائين لڳو ڄڻ چنائي ڀڳو هجي. هو ڊوڙندو وڃي، ۽ نِوڙي زمين تان ڪا ٺڪري يا پٿر کڻي وري سڌو ٿي، پنيان اڇلائيندو ويو."

"سيٺ واهه واهه تي وئي، ڏسو نوبنو پيو لڳان، هي ڏس ...!

محمد پڇل جيڪو اڳ ۾ شِيخ ٿيو پيو هو، سو آرام سان نِوڙيو، وري سڌو پئي ٿيو، وري نئڙي وري سڌو پئي ٿيو، ڄڻ چاٻي اچي وئي هجيس."

حميد جا اهي جملا، پڇل جي ڪردار ۽ ان جي ڇُرپُر کي وڊيو فلم وانگر ڪھڙيءَ نہ چٽيءَ ريت ٿا بيان ڪن.

اتي سيٺ هاشم کي دوُرو ٿو پوي، هو اهڙي زبردست ۽ بي رحم ماڻهوءَ کي بيوس ۽ لاچار ٿو ڏسي.

"هي سيٺ ته اهو سيٺ هئو مزور لاءِ موت هو. سندن مزوري ائين ڳهي ويندو هئو جو ڪجهه ڪچي نه سگهندا هئا. اڄ هو لاچار بيٺو هو نه ڇُري نه پُري." "محمد پڇل کِلڻ تي هو، پر نه کِليو."

پڇل سمجهيو ته سيٺ کي ڇُڪ پئي آهي. هو اندران پوتڙو کڻي آيو ۽ وٽي اهو عمل پئي دهرايائين جيڪو سيٺ هاشم ڇُڪ ڪيڻ لاءِ ڪندو هئو. ائي "پرو" (سيٺ جو نوڪر) ظاهر ٿيو ۽ سيٺ جو حال ڏسي ڏند ڪيڻ لڳو.

ٺڪ ڏيڻ تي هو جو پڇل آهستي چيس، "پيٺان نه کِلجانءِ بي موت مارجي ويندين. سيٺ فوٽو ڪونه پيو ڪڍائي ڇُڪ پئي اٿس ڇُڪ."

ان گنڀير صورتحال ۾ به حميد ظرافت جي جهلڪ ٿو ڏيکاري، جيڪا ان مزور طبقي جي ان بي رحم سيٺ تي اونهي طنز آهي.

پر سيٺ هاشم کي ڇُڪ نه پئي هئي، هن کي ته اٽئڪ (Attack) ٿيو هئو "هو بوٽ پر وڃي کَلُن ۾ ڪريو."

"انهيءَ ويڙهه سيڙهه ۾ سيٺ ته جهڙوڪر کَلُن ۾ ويڙهبو ويو"

اهو جملو اهڃاڻ (Symbolic) آهي.

۽ هن شاندار ڪهاڻيءَ جي چوٽ (Climax) انساني ڪمزوريءَ تي ٿئي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي، جڏهن محمد پڇل مئل سيٺ جي ڪيسي مان پنهنجو ڏنل سوا رپيو ڪڍي پڇي ٿو وڃي، ۽ ڪيس ان بادشاهه جي ڳالهه ياد ٿي اچي، جيڪو ظالم ۽ ڏوهاري ماڻهوءَ کي جيئري ئي ڪِلُن ۾ ويڙهائي ڇڏيندو هئو.

هن مجموعي جي ڪهاڻي "جاڳ ۽ تنهنجي جيءَ سان" جيڪا هن مجموعي جي نالي واري ڪهاڻي آهي، اها جيتوڻيڪ سنڌي سماج جي هڪ اهم موضوع تي آهي، پر ايترو ڀرپور تاثر نه ٿي ڇڏي، سنڌ ۾ اجا ائين ٿئي پيو، ته نياڻين جا پيءُ لالچ ۾ اچي، پئسن تي ڏيءُ مڱائي ڏين ۽ وري مڱڻو ٿوڙي پئسا وٺن، ۽ اهو سلسلو هلندو رهي، جيتوڻيڪ هن ڪهاڻيءَ جو موضوع جاندار ۽ انوکو آهي، پر حميد ان ۾ اهو رنگ پري نه سگهيو آهي، جيڪو حميد جي ٻين ڪهاڻين ۾ آهي، ۽ هيءَ ڪهاڻي اهڙو ڀرپور تاثر نه ٿي ڇڏي جيڪو حميد جي ڪهاڻين ۾ هوندو آهي، ۽ هئڻ گهرجي، لڳي ٿو ته هڪ آفيسر، پنهنجي عزيز ڇوڪريءَ تي پهرينءَ نظر ۾ عاشق ٿي ٿو پوي، ۽ آخر ۾ سهڻي ميهار، سسئي پنهونءَ ۽ مومل راڻي جيان ٻئي جڻا گڏ ٿا مرن.

ڪهاڻي "چوري ساڻ چسن!" ۾ تمام چٽائيءَ سان سنڌ جي وڏيرڪي ۽ پوليسي ماحول جي چٽسالي ڪئي وئي آهي. هڪ هڪ ڪردار، هڪ هڪ واقعي ۽ هڪ هڪ ماڳ مڪان جو بيان اهڙيءَ طرح لکيو اٿس جو پڙهندڙ جڻ پاڻ کي ان ماحول جو حصو ٿو محسوس ڪري، پوليس ڪيئن ماڻهن کي "ڊاڙيل" جو الزام هڻي ۽ ايڪسيڊنٽ ڏيکاري مارائي ٿي ڇڏي.

ڪهاڻيءَ جي پڇاڙي ۽ چوٽ ڏاڍي دکدائڪ آهي ۽ ڏاڍي اثرائتي پڻ، ڪهاڻي ۾ زميندار، ان جي هارين سان روش، پوليس آفيسر، شوقيه چور جيڪو پوءِ عشق جي اري ۾ اچي ٿو وڃي ۽ ۽ آخر ۾ "ايڪسيڊنٽ" ۾ مري ٿو وڃي اهي سڀ اهڙا ته فطري ۽ حقيقي ٿا لڳن جو ڪهاڻي، ڪهاڻي نه پر حقيقت پئي لڳي. ڪهاڻي جي پڇاڙي ايڏي ته دکدائڪ ۽ اثرائتي آهي، جو پڙهندڙ جون رڙيون نڪريو وڃن. جڏهن رستي تي پيل ڪتي جي لاش کي ڏسي، هن کي پنهنجو هاري ٿو ياد اچي، جيڪو ان ڪتي جان ماريو ويو هئو، ته هو ڊرائيور کي چوي ٿو "شمن ڏس ڪنهنجو لاش آهي."

۽ شمن چوي ٿو "سائين هي لاش نه آهي. پر مئل ڪتو آهي توهان هرو ڀرو ڇرڪي ويا آهيو.

ڪهاڻي ”اسان تي الزام“ اهڙي وڏيرڪي سماج جي ڪهاڻي اهي. جتي عورتن کي شادي ڪرڻ کان سواءِ وهاريو ويندو آهي، ۽ اهي مجبور عورتون ذهني مونجهارن (Complexes) ، وهمن ۽ وسوسن جو شڪار ٿي وينديون آهن. هن ڪهاڻيءَ جي ”پڦي زليخا“ بہ اهڙين حالتن جو شڪار آهي، جيڪا ”شهزادي“ جا خواب ڏسندي رهي، ۽ ڏسندي ڏسندي سندس وار اڇا ٿي ٿا وڃن ۽ سندس پائر ملڪيت وڃڻ جي ڊپ کان سندس شادي نہ ٿا ڪن.

هن ڪهاڻيءَ ۾ حميد پڦي زليخا جي داخلي ڪيفيتن ۽ مونجهارن جي تمام سني چٽسالي ڪئي آهي.

ڪهاڻي ”رَيب فريب زندگيءَ جا“ هڪ اهڙي نوجوان جي ڪهاڻي آهي، جيڪو (Frustated) آهي. سندس پيءُ چيڙاڪ ۽ نا مهربان آهي. ڳالهہ ڳالهہ تي کيس چينبڙ ٿو ڪڍي. نوجوان جنهن ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ ٿو چاهي، سندس پيءُ ان جي آڏو ٿو اچي. نيٺ نوجوان انتهائي قدم ٿو کڻي، ۽ گهر وارن کي خود ڪشي ڪرڻ جو دڙڪو ڏيئي اسٽيشن تي ريل گاڏي هيٺيان پاڻ کي ختم ڪرڻ لاءِ اچي ٿو. اسٽيشن جو ماحول تڏهن جو آهي، جڏهن سنڌ ۾ اڃا بجلي عام نہ ٿي هئي. گاسليٽ جون بتيون ۽ گولا ٻرندا هئا. هن ڪهاڻيءَ ۾ حميد روشنيءَ جي اثر (Light effect) کان ڪم ورتو آهي، ۽ انهن روشنين کي اهڃاڻ طور استعمال ڪيو اٿس. هو سوچي ٿو تہ مون کي بچائڻ لاءِ منهنجا گهر وارا نہ آيا تہ مان هنن لاءِ چو مران ۽ نيٺ هو خودڪشيءَ جو ارادو ترڪ ڪري ٿو.

جڏهن ريل گاڏي اسٽيشن تي اچي ٿي تہ تہ سندس نظر هڪ ڳلر تي پوي ٿي جيڪو ريل جي پٽي ڏي ڊوڙي ٿو ۽ گاڏيءَ هيٺان اچڻ وارو آهي.

هو کيس بچائڻ لاءِ ريل جي پٽي ڏي ڊوڙي ٿو ۽ ريل هيٺان ٿو اچي وڃي ۽ بيهوش ٿي وڃي ٿو.

هوش ۾ اچڻ سان ڏسي ٿو تہ سندس ماءُ پيءُ ۽ گهر وارا سندس چوڌاري آهن، هو اطمينان محسوس ٿو ڪري، پر پڇي ٿو تہ ڳلر بچي ويو.

۽ پوءِ هو ڳلر جي (ڪئون ڪئون“ ٻڌي ٿو ۽ هميشہ لاءِ اکيون ٻوٽي ٿو ڇڏي.

حميد جي هن ڪهاڻيءَ جي چوٽ (Climax) پڻ دکدائڪ ۽ اثرائتي آهي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ هن ڪهاڻيءَ ۾ به هن ”جانورن سان رحم“ وارو موضوع اختيار ڪيو آهي.

حميد جي ڪهاڻين تي مجموعي نظر وجهبي ته معلوم ٿيندو ته حميد جون ڪهاڻيون نه خَلائي آهن ۽ نه تصوراتي - هن جون ڪهاڻيون ڌرتيءَ جون ڪهاڻيون آهن. انهيءَ ڌرتيءَ جون ڪهاڻيون جتي حميد جنم ورتو، پليو. نپنو ۽ وڏو ٿيو. حميد جا ڪردار ڪي آسماني ڪردار نه آهن، پر اهي به ڌرتيءَ جا ڪردار آهن. حميد جا ڏنل وائنل، ڪهاڻين جو ماحول به حميد جي ارد گرد جو ماحول آهي انهي ڌرتيءَ، ۽ انهي ماحوال ۾ ۽ انهن ڪردارن سان حميد جي ننڍپڻ، نوجواني ۽ جوانيءَ جون يادون وابسته آهن هن انهي ڌرتيءَ، ماحول ۽ ڪردارن جو اونهو اڀياس ڪيو آهي. هو انهن جو حصو آهي، ۽ اهي حميد جو حصو آهن. حميد جو انهن سان جذباتي لڳاءُ آهي. هو انهن کي رومانوي انداز ۾ پيش ٿو ڪري. ”دربان“ جي ڪجي هجي، ”ويرين“ واريون حويليون هجن، ۽ ”ڏوپار“ وارا ٻار هجن، تنهنجو سفر منهنجو سفر“ ۽ ريب فريب زندگيءَ جا، واريون ريلوي اسٽيشنون هجن، ”راڻا جي رجپوت“ جا ناچو ۽ وڏيرا هجن ”زوراوَر“ وارو درزي هجي يا ”چُڪ“ وارو سيٺ ... اهي سڀ حميد جي شخصيت جو حصو آهن. مان حميد جي ويجهي دوست جي حيثيت ۾ ان ڳالھ جو شاهد آهيان ته حميد جون سڀ ڪهاڻيون، انهن جا ڪردار ۽ انهن جو ماحول حميد جي ماضيءَ جو اڻ وسرندڙ حصو آهن. جن کي حميد هميشه لاءِ محفوظ ۽ جيئرو ڪري ڇڏيو آهي.

سنڌي ادب ۾ هيءُ دور ڪهاڻيءَ جي نئين جنم جو دور آهي. ڪيترائي بي مثال ڪهاڻيڪار حميد جا سهيوڳي آهن. پر مان ايترو چوندس ته حميد کي اها مڃتا نه ملي آهي. جنهن جو هو لائق آهي. (ادبي دنيا ۾ ائين ٿيندو آهي). حميد جي ڪهاڻين جي باري ۾ هڪڙي ڳالھ پوري يقين سان چئي سگهجي ٿي، ته حميد پنهنجي سهيوڳين ۾ هڪ انوکي اسلوب جو مالڪ آهي، جنهن جي ڪهاڻين جا ڪردار، ماڳ ۽ انهن جو ماحول سنڌ جي سماجي تاريخ جو هڪ اهم باب آهي

— تنوير عباسي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سـنـاءُ


- ريب فريب- زندگيءَ جا!.................... ١-٦
- ڇُڪَ.................................... ٧-١٢
- وڏو ماڻهو............................... ١٣-١٧
- منوءَ جي ڪهاڻي........................... ١٨-٢٦
- خانو چور نہ آهي.......................... ٢٧-٣١
- ڪُڇان تہ ڪُوڪ ٿئي......................... ٣٢-٣٩
- چور ڪير، ساڌ ڪير؟......................... ٤٠-٤٣
- تنهنجو سفر - منهنجو سفر.................. ٤٤-٤٨
- اسان اُڌارا آٽي آونگ چاڙهيا............... ٤٩-٥٥
- زوراور................................... ٥٦-٦٢
- زبرو ڏڪ.................................. ٦٣-٧٠
- چوري ساڻ چس.............................. ٧١-٧٨
- اسان تي الزام آندا جڳ جيئڻ جا............ ٧٩-٨٢
- پرديسي پکيئڙا............................ ٨٣-٨٧
- ڪاڪ ڪنڌيءَ قبرون......................... ٨٨-٩٤
- جاڳ بہ تنهنجي جيءَ سان.................... ٩٥-١٠٦





sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ريب فريب ـ زندگيءَ جا!

هن ڪي وڏ وڏ ۾ تڪائيءَ جلدائي هئي. پر هو جيئن اسٽيشن جو سيخائون در ٽپي اندر ٿيو تہ ڪيس محسوس ٿيو ڄڻ سندس اندر وانگر هيءَ اسٽيشن بہ ويران آهي. هونئن بہ هيءَ اسٽيشن فيڊر لائين جي ننڍي اسٽيشن هئي ۽ هت جي ماڻهوءَ جي ڪا ذات مڙندي بہ هئي تہ گاڏي اچڻ مهل. بہ چار ماڻهو لهندا هيا، بہ چار هتان چڙهندا هيا. هڪ ٻن ٽانگن جي کڙ کڙ ۽ ڦيٿي تي لڪڻ هڻڻ جا آواز ٿيندا هيا. ان ويلي لڳندو هيو تہ هيءَ بہ ڪا اسٽيشن آهي. هو هن اسٽيشن کي ايئن سڃاڻندو هو جيئن پنهنجو گهر. هو ننڍي هوندي کان هن اسٽيشن جو رستو چڱيءَ پر سڃاڻندو هو، جو لائين ٽپي ڪيس، عيد براد يا قضيي ويل پنهنجي اباڻي قبرستان وڃڻو پوندو هو.

اڄ نہ عيد براد هئي نہ قضيو ٿيو هو. اڄ هو سالن کان پوءِ هت هڪ مسافر جيان آيو هو، ڇو تہ جڏهن کان سندن ڳوٺ پڪي رستي سان ڳنڍيو هو تہ هرڪو هن ڏڪڙ اڏائيندڙ ۽ گهل ڪندڙ گاڏيءَ کان لنوائيندو هو. پر اڄ هُن اُنهن ضرورتمندن جيان هن گاڏيءَ جو سهارو ورتو هو جيڪي مجبوري سبب اُنهيءَ گاڏي ۾ چڙهندا هيا. هو واقعي مجبور پي لڳو ڇو تہ سندس وکن ۾ هاڻ اُها تڪائيءَ تيزائي نہ هئي جيڪا اسٽيشن ڏي ايندي ويل هئي. هو هاڻ اسٽيشن جو ڪچو پليٽ فارم لتاڙيندي ٿڪو هو. هو هاڻ هڪ وڻ هيٺان پيل پراڻي ڪاٺ جي پٽين سان جڙيل بينچ تي ويهي رهيو. هن ويهڻ سان وڏو ساهہ کنيو ۽ پوءِ آهستي آهستي ماحول سان هو جيءَ پرياڻ لڳو.

ڪيس خبر هئي تہ گاڏي سج لٿي مهل ايندي هئي. هن وقت شام جا پاڇولا ڇوڏاري ڏنا پي. هُن آهستي آهستي محسوس پي ڪيو تہ جيئن سج

لڙيو پي ته ٿڌ وڌندي پي وئي. هن جلدي ۾ ڪو سويٽر يا ڪوٽ ﺑﻪ نه کنيو هو. هو نڪتو ﺑﻪ ته ائين هو ڄڻ جلاوطن ٿيو هجي. ڪو ائين بيعزتو ٿي ﺑﻪ نڪرندو آهي؟ هن کي جيئن جيئن ڳالهيون ياد پي آيون ته سندس منهن ڳاڙهو پي ٿي ويو ۽ اکين ۾ پاڻي پي پرجي آيو. هن ڏک سور لڪائڻ لاءِ چپ پي پڪوڙيا. سندس ڳاڙها چپ وڌيڪ ڳاڙها ٿي ويا.

هو هيو ﺑﻪ ته ڀيرو سهڻو ننڍو نيٺو جوان. سندس اڃا شادي ﺑﻪ نه ٿي هئي. هو شاديءَ جي ڳالهه کي ياد ڪري ٽئين ٽي دکي ٿي ويو. يڪدم هن اسٽيشن جي ماحول تي نظر وڌي. اڃا ڪو ٻيو پليٽ فارم اندر داخل نه ٿيو هو. هن ”ڪون ڪون“ جي آواز تي نهاريو. کيس ﺑﻪ ٽي ننڍڙا ڳُلر نظر آيا، جيڪي پاڻ ۾ راند ڪڏي رهيا هئا. هو آواز ڪيدي خوشيءَ جو اظهار ڪري هيڏانهن هوڏانهن هلي چلي رهيا هيا. ٿورو پريان سندن ماءُ ويٺي هئي، جنهن جي نظر پنهنجي ٻچڙن ۾ هئي. هو ڪا گهڙي انهيءَ نظاري کي ڏسندو رهيو. هن کي ائين محسوس ٿيو ته هي ڳلر ڪانئس وڌيڪ خوش آهن ۽ بهتر زندگي پيا گذارين. گهٽ ۾ گهٽ آزاد هوا ۾ ته ساهه کڻن ٿا. کيس پنهنجو ٻوسٽ وارو ماحول ياد آيو.

هو ننڍپڻ کان پيءُ جي ڏنڊي هيٺ رهيو هو. ننڍو هو ته پٽس جي رڙ پئي پوندي هيس ته ”چورا پڙهه.“ هو اڃا گهٽيءَ ۾ ڪنهن سان کيڏڻ ويندو هو ته ماڻس جي ڊوهه هوندي هيس، ”چورا ايڏو نه رُل - اچ اچي گهر جو ڪم ڪر.“ يا وري چوندس، ”وڃ وڃي پيءُ کي دڪان تي هٿ ونڊاءِ.“

هو دڪان تي ويندو هيو ته پٽس جو ٽُڪ ٻُجو پيو پوندس، ”چورا، هي چانور ٿو تورين - هيءَ بقال ٿو ٻڌين - پُڙي ﺑﻪ نٿي اچئي ٻڌڻ.“ هو ائين مار موچڙي ۽ ٽُڪ ٻُجي ۾ وڏو ٿيو. پر پڙهڻ تان ارواح ڪٽي ڇڏيائين. جيڪي ٽاٽي انٽر ڪيائين، پوءِ اچي پيءُ سان ڏنڌي ۾ لڳو. پٽس جو هاڻ چڱو چوکو واپار هو. بقاليءَ مان هاڻ هو سيٺ هو. شهر جو واپار وڌيو ته پٽس کي ﺑﻪ ٽي ايجنسيون مليون ته سندن گهر جون حالتون ﺑﻪ بدليون. پڪو گهر نهيو. پکا، فرج ۽ ٽي وي آيا. پر جي حالتون نه بدلي نه بدليون ته سندس، چاڪاڻ ته اڄ تائين پٽس ۽ ماڻس کيس هڪ سدوري ۽ شريف ٻار وانگر سمجهي ڪنٽرول ۾ رکڻ جي ڪئي هئي، پر هو جيئن وڏو ٿيو منجهس بغاوت جا آثار

ظاهر ٿيڻ لڳا. هاڻ هو ڪنهن ڪنهن پيءُ جي سامهون به ٿيندو هو. ماءُ کي ته ليڪيندو به نه هو. هو پاڻ کي اڪيلو ۽ ويڳاڻو سمجهڻ لڳو. سندس جيڪي دوست هيا ته به سندس چڙ ۽ ڪاوڙ واري طبيعت ڪري گهڻو جڻاءُ نه ڪندا هيا. هن جي جيڪڏهن لڳندي هئي ته ماسڙ ۽ ان جي گهر وارن سان، جن سان وري پٽس جي ڪڏهن ڪانه پئي، هو پيءُ کان پنج چڏائيندو هو ته ماسڙ جي هشي هوندي هيس ته ڏهه وٺينس. جي پيءُ خرچ ۾ سوڙهو ڪندو هيس ته ماسڙ پنج ڏهه ڏئي ڪاريندو هوس. هيءُ به ڏوڪڙ مليو ناهي ۽ سگريٽ وچين آڱر ۾ جهلي سوٽا هٽي وجي سينيما جا پوسٽر ڏسندو. پوءِ گهڙي ويندو پوئين شو ۾. ٻارهين کان پوءِ گهڙندو هو گهر ۾ جتي موچڙا پسيا پيا هوندا هيس.

ائين هو وڏڙو ٿي اوڙي پاڙي لوٽا هڻڻ لڳو. پٽس جهاڙي ورتس ته نينگر جي اک خراب آهي ۽ نوڪيائينس پادر. هيءُ به نه مڙيو ۽ هڪ رات پاڙي ۾ وڃي پيت ٿيو. پاڙو جاڳي پيو. هن ماسڙ جي گهر ٽپي جان بچائي. ماسڙ جي به هڪ نياڻي هئي ۽ ماسڙ موقعي جو فائدو وٺي پٽس کي سوگهو جهليو. ان سان گڏ کيس به قابو ڪيائين. هاڻ هو نينهن ناتي قابو ٿي ويو. جيسين پٽس کو شاديءَ تي راضي ٿئي. هو ماسڙ جي گهران عشق ۾ ڳاڙهو ٿي نڪرندو هيو ۽ پنهنجي گهر اچي شاديءَ لاءِ رنيندو هيو. ماڻس ، پٽس جي دپ کان کيس دم دلاسو به نه ڏيندي هئي. پٽس جي ماسڙ سان ورهين جي دشمني هئي، سو ڪاٿي تو سولو هائو ڪري. کيس ڳالهه تان هٽائڻ لاءِ خرچ به بند ڪيائين ۽ پري جي مائٽن ۾ قابو ڪرڻ جا به جتن ڪيائين. نيٺ انهيءَ رنجهه ڪنجهه ۽ گوڙ بگوڙ وارو بمر ڪلي طرح ڦاٽو ۽ هو پٽس جي سامهون ٿيو. ساڻس وڙهيو، ماءُ کي ٺيلها ڏنائين، گهر جا ٿپڙ پڳائين، پوءِ خودڪشيءَ جون ڌمڪيون ڏيندو اچي ٿيشڻ نڪتو. جت گاڏيءَ اچڻ ۾ اجا دير ڪئي هئي.

هو ڳالهين کي ياد ڪري دکي ٿي ويو ۽ اکين ۾ پاڻي پرجي آيس. هاڻ ته پاچا به لڙي ويا هيا. سج جو ڪرٽو به نه هو. ولهه لهي آئي هئي. هو ٿڌ ۾ ڏڪڻ لڳو. هن نمر جي وڻ ڏانهن نهاريو جو مٿس چانو ڪيو بيٺو هو. ۽ هوا جي جهوٽن تي کيس وڏيڪ هوا ڏئي رهيو هو. هن کي ياد آيو ته جهيڙي ۾ هن اڄ منجهند ماني به نه کاڌي هئي. هن بک جي خيال کان هيڏانهن هوڏانهن لوٽا هنيا. کيس ڪو گهورڙيو به نظر نه آيو جو ڪا شيءِ وٺي. پوءِ هن خيال

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو تہ هو اسٽيشن ٻاهران وڃي ڪا شيءِ وٺي اچي. ڪيسي ۾ هٿ هنيائين تہ ڪيس اهو بہ ياد پيو تہ ڪيترن ڏينهن کان پٽس جي سختيءَ ڪري سندس خرچي بہ بند هئي، تہ سندس پيارو سگريٽ پيئڻ وارو شوق بہ پورو ٿيو پيو هو. هو ماسڙ کان ٿيڻ واري سهري ناتي جي ڪري بہ پائي پئسو نہ وٺندو هيو. اڄ تہ هن ماسڙ جي گهر ۾ گهڻيءَ جا چڪر هنيا، نہ وري ڪو ديدار ئي ڪيو. سندس اڄوڪو ڏينهن قيامت جي ڏينهن جهڙو ڏينهن هو. هو هاڻ تڏ بہ برداشت نہ پيو ڪري سگهي. هو الائجي ڪهڙي جذبيءَ هيٺ سٽ پائي اسٽيشن جي چوڏاري لڳل سيخائين ڪٺهڙي ۾ منهن وجهي ٻاهر ڏسڻ لڳو. سندس نظرن شهر ڏانهن ويندڙ رستي جو وڃي توڙ ڪيو، ڪيس اهو رستو ائين ئي ويران نظر آيو جيئن هيءَ اسٽيشن هو ورَ ورَ ٻاهر تڪيندو رهيو پر ڪيس ڪا اهڙي پهر يا روشني نظر نہ آئي جا سندس ڏکن ۾ غم جي زخمن جي چيٽ ڪري يا ڏيد ڏئي.

ائين هن پٽڪو ٻڌو. هن پٺيان نهاريو تہ ڪيس بہ ماڻهو نظر آيا. هن سندن پٽڪو چٽيءَ طرح ٻڌو.

”هيءَ سيٺ محمد جو چوڪرو آهي. هن مهل هت الائجي ڇو بيٺو آهي.“

هو پٽڪو ٻڌي اڳتي وڌي ويو. سامهون اسٽيشن جي هڪ ماڻهوءَ لالٽين پٺي ٻاريا. هو ڪا گهڙي سندس پر ۾ بيٺو رهيو ۽ بتين جي ٻرڻ ۾ وسامڻ جو تماشو ڏسندو رهيو. الائجي ڇو هو بتين جو پڙڪو ڏئي روشن ٿيڻ ۾ وري پڙڪڻ کي ڏسي دکي ٿيڻ لڳو. هو بتين جي ورَ ورَ پڙڪڻ تي هڪدم ٻاهر ڏسڻ جي ڪرڻ لڳو. هاڻ اوندهہ رستي کي وڪوڙيندي پي وئي. اُت ڪيس ڪو بہ ماڻهو يا روشني ڏسڻ ۾ نہ آئي، جيڪا ڪيس پنهنجي ارادي ۾ ڪمزور ٿيڻ ۾ مدد ڏئي.

هو وِلهہ ۾ بڪارو منجهند کان ائين بي حال هو. هاڻ ڪيس وڏيڪ روئڻ پي آيو. هو اوچنگارون ڏئي روئڻ لاءِ پليٽ فارم جي ڇيڙي ڏانهن ڊوڙيو. هن جون وکون اُت جمي ويون ۽ هنيانءُ ڏڪ ڏڪ ڪرڻ لڳو، جڏهن هن گاڏيءَ جي سيٽي ٻڌي ۽ پوءِ پريان ڪيس روشني نظر آئي.

هو آهستي پگهرجڻ لڳو، ڪيس فيصلو هن ويلي ڪرڻو هو. هن کي پيءُ کي ٻڌايل پنهنجي خودڪشيءَ جي فيصلي تي عمل ڪرڻو هيو. هو سامهون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روشني ڏسي رهيو هو، جنهن جا پري کان ايندڙ ڪرڻا هن کي سج جا ڪرڻا پي لڳا. هن جي جسم ۾ گرمي اچي وئي هئي. هو هاڻ ولهه محسوس نه ڪري رهيو هو. هن پوئتي نهاريو. هاڻ بتيون سڀ بري چڪيون هيون، پر هڪ بتيءَ اڃان پي پڙڪا ڪاڍا. هو تيئن هراسجي ويو. آهستي وڏي اسٽيشن جي نالي واري بورڊ کي ٽيڪ ڏنائين. هن هڪ دفعو وري ٻاهر ڏٺو. ڪيس ڪي ۽ سڄاڻ ٻاڇا نظر نه آيا. هو مايوس ٿي ويو.

هاڻي ته هن کي ڏاڍي خار به آئي، ”ڏس ته سهين مان خودڪشي پيو ڪيان ۽ ڪير مون کي روڪڻ به نه آيو آهي. مان رسي آيو آهيان ڪير مون کي پرچائڻ به نه آيو آهي. هنن کي منهنجي پرواهه نه آهي ته مون کي به پرواهه نه هجڻ گهرجي. هو منهنجي لاءِ نه ٿا مرن ته مان ڇو هنن لاءِ مران.“ هو سوچيندو رهيو ۽ سندس نئون فيصلو اُڀرندو نسرندو نڪرندو آيو ۽ هن سک جو وڏو ساهه کنيو. هن جي پيشانيءَ تي آيل پگهر خشڪ ٿيڻ لڳو. سندس ٽنگن ۾ آيل ڏڪڻي بيهجي وئي. هن پر پرو رکيل بتين ڏانهن ڏٺو، اتي هاڻ پڙڪا کائيندڙ بتيءَ پڙڪا نه پئي ڪاڍا. هن کي وڏيڪ اطمينان ٿيو. هاڻ هو پاڻ کي محفوظ سمجهڻ لڳو. پوءِ هو ڏاڍي اطمينان سان گاڏيءَ جي رڙهندڙ روشنيءَ کي ڏسڻ لڳو جا هاڻ ڪيس اچي ويجهو پئي هئي ۽ هو بي ڊپو ٿيو ريل جي پٽي لڳ وڏي گاڏيءَ کي ايندو ڏسڻ لڳو.

هن کي ريل جي ڏانهس ايندڙ روشني ڏاڍي وڻي پي، اُن جا جيڪي ڪرڻا ريل جي چمڪندڙ پٽي کي چمڪائي رهيا هيا، انهيءَ روشني جو عڪس هو پنهنجي چهري تي محسوس ڪري رهيو هو. هو هاڻ خوش هو. هن نئون فيصلو به ڪري ورتو ته هو هن ٽرين ۾ چڙهي زندگيءَ جي نئين سفر جي شروعات ڪندو، نوڪري ڪندو، محنت ڪندو، مزوري ڪندو، هڪ گهر ٺاهيندو ۽ ان گهر ۾ هڪ ڪنوار آڻيندو ۽ سندس آڏو هڪ وٺندڙ مُک اچي ويو.

هو گاڏيءَ جي ڏڌڪي ۽ ويجهي آيل روشنيءَ تي سجاڳ ٿي ويو. گاڏي آهستي آهستي وڏي رهي هئي. اوچتو هن جي نظر پٽن تي پئي ته اُت ڪا شيءَ چرندي نظر آيس. هِن سڃاتو، هڪ ننڍڙو گلر هو جيڪو چرندو ڪيڏندو ساٿين ۽ ماءُ کان وچڙجي هيڏي اچي نڪتو هو. هو ڪڏهن پٽي تي پي ٽپيو

۽ ڪنهن پٽن جي اندرين حصي ۾ پي چريو. هن کي ڏاڍو قياس ايو. هن ڏاڍي "هش هش" ڪيس پر گلر پنهنجي نموني سان پٺي چريو ۽ وڌيو. هن گاڏيءَ کي ايندو ڏٺو. گاڏي ڪجهہ پريرو هئي. پوءِ هو تکائي ۽ جلدائي سان گلر ڏانهن ڀوڙيو، جيڪو ڪانئس اڳيرو نڪري ويو هو.

هن ڀوڙندي گلر کي ڪنيو ۽ جيئن ئي ريل جو پٽو ٽپڻ جي ڪئي تہ سندس پير تارن ۾ وچڙيو ... ۽ ان کان پوءِ ڪيس پيڙا ۽ درد محسوس ٿيو. هن کي محسوس ٿيو تہ هو فضائن ۾ اُڏامي وري ڪنهن اوڙاهہ ۾ ڪريو آهي، جنهن کان پوءِ هن کي هوش نہ رهيو.

هن کي جڏهن هوش آيو تہ هو انهيءِ ڪاٺ جي پٽائين بينچ تي پيو هو. نم جو وڻ مٿس واءُ ڪري رهيو هو. هن اکين کي گهٽو کولي هيڏانهن هوڏانهن نهاريو. هو عجب ۾ پئجي ويو، سندس پيءَ هو، سندس ماءُ هئي، سندس عزيز هئا، دوست هئا. سندس ماسڙ هو ۽ اهو روشن ڀڪندڙ چهرو بہ هو جنهن سان هن پيار ڪيو هيو ۽ جنهن ڪري هو جهيڙو ڪري گهران نڪتو هو. هن ڪيس پيار سان ڏٺو ۽ پوءِ ڏانهن ڏٺائين، ماءُ پيءُ ڏانهن ڏٺائين، سندس اکين ۾ هڪ سوال هو، "توهان دير چو ڪئي؟" هنن ڪجهہ نہ ڪڇيو. هو رُئندا رهيا. شايد انهن وٽ جواب تہ هو تہ هنن سيني کي گڏ پي ڪيو. پر هو ڪجهہ نہ ڪڇيا ۽ رُئندا رهيا. هن آهستي پڇڪيو،

"گلر بچيو؟"

پٽس ڳوڙها ڳاڙيندي ڪنڌ سان ها ڪئي ۽ اشارو ڪيائين. گلر سندس پير ۾ بينچ وٽ "ڪون ڪون" ڪئي پٺي ۽ چريو پي. هن هڪ دفعو انهيءَ روشن مک ڏي نهاريو ۽ پوءِ هن اکين ٻوٽڻ جي ڪئي، هو گهٽي دير اکيون کولي نہ پي سگهيو ۽ جڏهن سندس چچريل جسم کي بينچ تان کڻي کٽ تي سمهارئيون ۽ اسپتال پي نيئون تہ هن تڪليف کان هڪ دفعو وري اکيون کوليون ۽ سندس نگاهہ وري انهيءَ بتيءَ تي پئي جا اڃا انهيءَ مٿاهين هنڌ تي رکيل هئي، بتي بہ روشن هئي ۽ ڪوبہ پڙڪو نہ پي ڪاڍائين، سندس جوت ٽم ٽم لاتيون بيني هئي. هو مرڪي پيو ۽ پڇڪيو "ٺڳ - فريبي - دوکي بازا!" پوءِ هن جون اکيون هميشه لاءِ ٻوٽجي ويون.

●

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چُڪَ

سيٺ محمد هاشم، تور واري اسپرنگ ڪانٽي کي چڪي ڏنو. پوءِ ان جو مٿيون هُڪ دروازي جي گول ڪڙي ۾ ڦاسايو ۽ پنهنجي نوڪر پروءَ کي سڏ ڪيائين:

"پروا مال ڪٽي آ."

پروءَ کلن جو ڍير مٽي تي ڪٽي اچي اوطاق جي اڱڻ ۾ اڇلايو. سيٺ هاشم کلن جي ويڙهيل هَڙ جي ڳنڍ کولي ۽ هڪ هڪ کل ڪڍي چنڊيندو ٻاهر ڪندو ويو. ڪا کل اڇي ٻڪر جي هئي ته ڪا ڪاري جي ته ڪا وري ناسڙي رنگ تي هئي.

"پرو، ڪيئن ٿو ڀانئين رنگي جا رنگ، مال به ڀلو ته رنگ به ڀلا."

پروءَ پنهنجا پيلا ڏند ڪڍي ڪنڌ ڌوڻيو ۽ پوءِ وري مال واريءَ جاءِ ڏي ٻيو مال ڪٽڻ لاءِ گهڙي ويو.

سيٺ هاشم هڪ هڪ کل کي ڪانٽي ۾ چاڙهيندو ويو. ڳري تور تي ته ڪانٽو چريو پئي، باقي هلڪي سلڪي کل تي ته ڪانٽي جو اسپرنگ ئي نه پئي چريو.

"مارا ڪي ٻنهه هلڪيون آهن." سيٺ هاشم ٻڙڪيو. ٻندي ڪنيائين. تور لکيائين پئي ته سندس نظر سامهون پئي. محمد پڇل بيٺو هو.

"هي وري ڪٿان آيو. هڪ ڪم جي مهل، ٻيو وري خيرات." سيٺ هاشم وري آهستي ٻڙڪيو.

محمد پڇل جو منهن لٿل هو. هڪ ته سنگل هڏي ماڻهو وري پيلو پڻ ٿيو پيو هو. سيٺ هاشم کي قياس اچي ويو.

"ڪر خبر محمد پڇل، سور تنگ ڪيو آهي يا پيٽ!"

"مزوريءَ تي ته لڳو آهيان، پر چيلهه جي سور ماري چڏيو آهي. ٻن ڏينهن کان ڪم تي به نه ويو آهيان. هڪ ٻچا ٻڪ تي، ٻيو هيءُ سور، اصل مري پيو آهيان. سيٺ، بس تو وٽان چُڪ ڪڍائي وڃان ٿو. ڏينهن ئي ڪونه ٿا گذرن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ﺗﻪ چيلهه ونجيو وڃي. پنهنجي اصل ڪمان ٿيو پئي، هاڻ ڪر ڪا سرداري."

"محمد پڇل بابا! مون ڪڏهن انڪار ڪيو آهي. تون مون وٽ مزوريءَ تي هئين ﺗﻪ ﺑﻪ ٻنان پائي پئسي چڪ ڪيندو هئس. بيروزگار هئين ﺗﻪ ﺑﻪ چڪ ڪيمانءِ، ڪجھ ڏنئه يا ﻧﻪ، مون خيال ﻧﻪ ڪيو. باقي ڪم جي وقت ڏکيو ٿيو پئي. ڏسين ٿو، مال پيو توريان. اڄان ڪلن ڪي ويڙهي وري تور ڪرڻي آهي. هاڻ پروءَ ڪان ﺑﻪ ڪم ڪونه پڄي. چلي سو ونئي ٿو باقي ڪڏهن لوڻ ﺑﻪ مان ڏيان ۽ صفائي تي ﺑﻪ مان موڪليان. ٻُج لهيو اچن ﺗﻪ سڪائي ﺑﻪ مان موڪليان. بس بنهه هچي پيو آهيان."

محمد پڇل جو منهن اهوئي پيلو ۽ سور ﺑﻪ ڏاڍو پئي لڪايائين. ڪا گهڙي محمد پڇل بيٺو رهيو. سيٺ هاشم بس ﻧﻪ ڪئي ۽ وري شروع ٿي ويو.

"تون ﺑﻪ ڪم جي مهل اڇين، اسان پيٽ جي ڪيون يا وتون ماٺهن جي چُڪ ڪيندا. ابي ڏاڏي جو اڌن مليل آهي، ان جو مطلب اهو ﺗﻪ ﻧﻪ آهي ﺗﻪ ابي ڏاڏي جو ڏنڊو ﺑﻪ ڇڏي ڏيون. يار هيئنر ﺗﻪ ڇڏ، پيءُ ويل اڇجانءِ."

سيٺ بنديءَ تي حساب لکڻ ۾ لڳي ويو. ڪنڌ متي ڪنيائين ﺗﻪ محمد پڇل ڪيسي مان ڪجھ ڪڍي ترڻيءَ تي ڪٽي رکيس، ۽ پنهنجي خشڪ چپن تي زبان ڦيرائڻ لڳو. ڪيس خبر هئي ﺗﻪ سيٺ مفت ۾ پرو ﺑﻪ ڪونه ڏئي.

"يار پڇل تون ﺑﻪ زورآور آهين، مون تو ڪان ڏوڪڙ ﺗﻪ ﻧﻪ گهريا. بار پيو چاڙهين، زور ڪرين ٿو ﺗﻪ پوءِ نيڪ آ. پروا اڄ ﺗﻪ سهين، محمد پڇل جي چڪ ڪيڻي آهي، هٿ ڏوئيو اڄ."

هن سوا رپيو سوگهو جهليندي چيو ۽ پوءِ ململ جي چولي جي ٻاهرين ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيائين.

حقيقت ۾ سوا رپئي اڌن جي منائيءَ سندس چهري تي رونق آڻي ڇڏي. هن يڪدم ڪونرو ڪنيو ۽ وينو هٿ ملڻ. سيٺ هاشم ابي ڏاڏي چمڙي جو واپاري هو. هاڻ وڏڙا ويچارا ويا گذاري ۽ پاڻ ﺑﻪ جهونڙو ٿيو هو. باقي ننڍن مان ڪنهن ﺑﻪ اهو ڪم هٿ ۾ ﻧﻪ ڪنيو. "هي ﺗﻪ ڪم ڊيڊن جو آهي،" چئي ننڍا ڪي وڃي ڪهڙي ڪرت سان لڳا، ڪي ڪنهن سان، پر محمد هاشم اڄان سيٺ ئي هو ۽ اڪيلي سر چمڙي جي واپار سان دل لايو پئي آيو. ورهاڱي کان پوءِ چمڙي جي واپار ۾ جا موڙي آئي هئي، تنهن هٽي واپارين جا لاهه

ڪدي چڏيا هئا. اگهہ بنھ پَٽ پيا هئا. جيئن سيٺ محمد هاشم خانداني چمڙي جو واپاري هو سو هوشياري سان ڪم هلائڻ لڳو. ڪوٺيءَ تي چار- ڇهہ نوڪر هئس، اهي بہ ڪڍي ڇڏيائين. پاڻ ۾ پرو ٻئي سني وقت جي انتظار ۾ ڪجهہ مال سوڌي، گذر سفر لاءِ ڪم ٽپائيندا هئا. ڪنھن مهل ڪو همراهہ وٽس ڇُڪ ڪڍائڻ ايندو هو تہ سينڪي ڏيڪاربي ضرور هئي، پر اندران خوش ٿيندو هو تہ ابي ڏاڏي جو هُدو جيڪو مليل هوس، اهو بہ ڪمائي ڏيس پيو. سوا رپيو ماڻهوءَ تي ڏينهن ۾ ٻہ - چار همراهہ شهر توڙي ٻهراڙيءَ جا ايندا هئس تہ ٽڙي پوندو هو. هڪ ڏنڊي جي موڙي، ٻيو چوڪرا بہ ڇڏي ويس، گذر سفر لاءِ اهو ڇُڪ ڪڍڻ وارو ڌنڌو منجهس روح ڦوڪي ڇڏيندو هو. هو جيئن متيءَ سان هٿ مَلي، ڏوئي صاف ڪري اُٿيو تہ پرو بہ پوتڙي سان هٿ اُگهندو آيو.

سيٺ هاشم اوطاق ۾ اندر ويو ۽ دري کولي، ڪٻٽڙيءَ مان انگوڇو ڪڍيائين ۽ ناسي رنگ جو مَرُ چڙهيل شيشو ڪڍيائين. انگوڇو پروءَ کي ڏنائين، جيڪو بينو ان کي وٺڻ ۽ پوءِ وات ۾ ان جي پيچڙي جهلي ائين وٺيائين جهڙو نوڙ. انهيءَ وچ ۾ سيٺ هاشم تيل جو چنبو پري پيچل جو پلو پري ڪري پنيءَ تي ڪٽي هنيو ۽ بيني پير مالش وارو هٿ هٽي، ور ڪري وٺيل انگوڇو چيلهہ کي سندرو ڪري ٻڌائينس ۽ ڇڪي آيس اوطاق کان ٻاهر. وٺيل پوتڙي جو هڪ ڇيڙو پاڻ جهليائين ۽ ٻيو پروءَ ڇڪيو ويا ڇڪيندا ۽ پيچل ويو ڏرتيءَ ڏانهن جهڪبو. سيٺ هاشم جڏهن ڇڪي بينو تہ رڙ ڪيائين، ”ڇُڪ ڪڍانءِ.“

محمد پيچل ڪنجهيو ”ها.“

”ڇڪ ڪڍانءِ.“ پيچل وَر ڪيو چوي، ”ها“. هو ٻيٺو تي ويو هو. چيلهہ جي سور کان بنھ پگهرجي ويو هو.

جيئن تہ سيٺ هاشم ۽ پرو ڇڪي جهليو هوس، هو ڪنجهڻ لڳو ۽ پوءِ آهستي آهستي هو واپس سڌو ٿيڻ لڳو ۽ سمجهيائين پئي تہ هو هاڻ آرام سان سڌو ٿي پئي سگهيو.

سيٺ ۽ پرو آهستي آهستي وٺيل پوتڙي کي ڍرو ڪندا ويا، تان تہ محمد پيچل سنئون سڌو بيهي رهيو ۽ پوءِ جيئن هنن چيلهہ مان پوتڙو ڪڍيو تہ محمد

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو هوس.

محمد پچل ڪلڻ تي هو پر نه ڪليو. مزور ماڻهو. سيٺ هاشم وٽ ته ڪي سال ڪمائي ويو هو. اڳيان موچڙا به پئي سجهيس. هو ڪا گهڙي سوچيندو رهيو. پوءِ يڪدم رڙ ڪيائين، ”اڙي پرو! وارو ڪر سيٺ ونجي ويو آهي، اڙي وارو ڪر.“

ائين چئي ڊوڙ پائي اندران انگوچو ڪٽي آيو ۽ ائين وٺڻ لڳو، جيئن پرو وٺيندو هو. هڪ چيڙو وات ۾ جهلي، وٽي نوڙي وانگر تيار ڪيائين، ائين پرو مال واريءَ جاءِ مان جتي ڪلن واري ڪوٺي هئي، ڊوڙندو نڪتو. جيئن سيٺ جو اسٽل پوز ڏنائين ته الائجي جو سندس پيلا ڏند نڪري آيا ۽ ٿهڪ ڏيڻ تي هو جو پچل اچي آهستي چيس: ”پيٽان نه ڪلجانءِ، بي موت مارجي ويندين. سيٺ فوٽو ڪونه پيو ڪڍائي، چُڪ پئي اٿس چُڪ!“

پروءَ جا پيلا ڏند لڪي ويا. هو وڏي ويجهو اچي بيٺو. سيٺ ڪجهي ڪونه پيو سگهي. هاڻ ته زبان بيهي وئي هيس. سڄو بت ڪمان مثل چڪجي ويو هوس. نه چري پيو، نه ڳالهائي پيو. سندس اکيون ڦريون پئي. هو ائين جميو بيٺو هو، ڄڻ سياري جو سٽيل هجي ۽ جمي پارو ٿي ويو هجي.

پرو ته هراسجي ويو، پر پچل حرڪت ۾ هو. هُن مَرُ چڙهيل شيشي مان تيل جي لپ ڀري سيٺ جي چيلهه تي ملي. پوءِ مالش جو هٿ هڻڻ لڳو. هاڻ سيٺ ڪنڌ ڌوڻڻ لڳو. هڪ ٻانهن چورڻ لڳو. اشاري سان منع ڪيائين. پر پچل هڪ ڪاريگر وانگر ته تي اهڙا مهڻا چاڙهيس جو سيٺ جو ڪنجهڻ به بند ٿي ويو ۽ ٽڏو ٽيڻ لڳو. پچل وٽ ڏئي وٽيل سٽيل انگوچو چيلهه کي سندري وانگر ٻڌي، پروءَ کي اشارو ڪيو ته اچي ٻئي پاسي کان ونيس ۽ ڇڪيس. پر پرو پري بيهي رهيو. پوءِ ڪنڌ سان اشارو ڪيائين ته ائين نه ڪري.

”پرو، وارو ڪر نه ته سيٺ ويو پيو اٿئي. جلدي ڪر همراهي ڪراءِ.“

پرو ڪا گهڙي سوچيو، پوءِ وڌيو. سيٺ وري ڪنڌ ڌوڻيو. گهٽي هون هون ڪئي. پرو چرڪيو پر پچل ٻانهن کان وٺي قابو ڪيس ۽ انگوڇي جي هڪ ڪنڊ ڏنائينس ۽ پاڻ ٻئي پاسي ڇڪڻ لڳو. آهستي آهستي ڇڪڻ لڳا، پر سيٺ نه ڪو جهڪي نه ڪو چيا. پچل تڪڙ ۾ چوڻ شروع ڪيو:

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"چڪ پچانءِ سيٺ؟ چڪ پچانءِ جڏهن سيٺ چڪ پچانءِ؟"

هوڏانهن ڪوبه قوت پوڏ جو اهڃاڻ به ڪونه هو. پچل سٽ ۾ زور ڏئي ڪيس نئڙايو پر سيٺ انهي ست سان بوٽ پر وجي ڪلن ۾ ڪريو. پچل ته انگوچو چڏيو، پر پرو ٽپ ڏئي وجي پري بيٺو ۽ رڙيون ڪرڻ لڳو.

"الاڙي باباڙي! سيٺ مري ويو ـ اڙي سيٺ مري ويو ـ اڏ رنگي ۾ مري ويو ـ پچل! سيٺ اڏ رنگي ۾ مري ويو اٿئي اڏ رنگي ۾. چڪ ڪانهي اڙي! چڪ ڪانهي!" پوءِ هو رڙيون ڪندو اوطاق کان باهر نڪتو ۽ گهل گهوڙا ڪندو سيٺ جي گهر ڏانهن ڀڳو.

پچل هاڻ هراسجي ويو هو. سڄي حڪمت ۾ چُڪ ڪيڻ وارو شوق هوا تي ويو هوس. هو آهستي وڌيو ۽ سيٺ کي ڪنڌ کان وٺي مٿي کڻڻ جي ڪيائين.

هو ڪيس سنئون ڪري نه سگهيو. هو ڪا دير کڻڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو ۽ انهيءَ ويڙهه سيڙهه ۾ سيٺ ته ڪلن ۾ جهڙوڪر ويڙهبو ويو. هن آخري ڪوشش ڪئي. هو ڪيس فرش کان ڪا دير مٿي جهلي بيٺو. هاڻ ته سيٺ جي ڇهري تي زندگيءَ جو واقعي ڪو اهڃاڻ نه هو. هن سيٺ کي جيئن واپس فرش تي چڏيو ته سندس نظر ململ جي چولي ۾ پيل انهيءَ سوا رپئي تي پئي، جيڪو هن صبح جو بڪئي پيٺ پچن کي نه ڪارائي به سيٺ جو ڏن پريو هو.

سيٺ جيئن واپس بوٽ پر ڪريو ته هن به هٿ وجهي ململ جي چولي مان سوا رپيو ڪيڍي ورتو. هن هيڏانهن هوڏانهن نهاريو. اجا اوطاق ۾ ڪير نه پهتو هو. هن جيئن سوا رپيو ڪيسي ۾ رکيو ته سندس هٿ ڏڪيا پئي ۽ سندس پيشاني ايستائين پگهرجي به وئي هئي. هو پوءِ تڪڙو اوطاق جي ٻاهرين در تائين پهتو ۽ ور ڪري پنيان نهاريائين. سيٺ ائين ڪلن ۾ ويڙهيو پيو هو. پچل کي ان ويلي هن ئي اوطاق تي ڳالهيرن جي ڪنيل انهيءَ بادشاهه جي ڳالهه ياد آئي، جيڪو ظالم ۽ ڏوهاري ماڻهوءَ کي جيئري ئي ڪلن ۾ ويڙهائي ڇڏيندو هو. هاڻ هو جيئن واپس وريو ته سندس وک شاهاڻي هئي.

●

# وڏو ماڻهو

ماضي جي گم ٿيل رستن ڪي ڳولڻ جي ڪندي هُن ڪي شام ٿي ويئي. سندس پيءُ گذرئي ڪي گهڻا ڏينهن ڪونه ٿيا هئا. پهريائين ته سندس گهر ماين جا ميڙ ۽ اوطاق تي ماڻهن جي اچ وڃ هئي. آهستي آهستي هرڪو ٽڙي پکڙي ويو. اِئين لڳو، ڄڻ ڪو ميلو هو ۽ هرڪو ويکڻ آيو هو ۽ هاڻ ته ميلي جي موٽ وارا ڏينهن به ماضيءَ جي دز ٻٽبا پئي ويا. هو نه نوڪريءَ تي وڃي پئي سگهيو، نه وري هن جي دل پي لڳي. هو اُباڻڪو اوطاق تي وينو هوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن اباڻي ٻنيءَ جو ڪو هاري يا پري جا رهيل مِٽ مائٽ، سُڃاڻو يا دوست تعزيت لاءِ گهڙيءَ لاءِ ڦرڪو ڦيرائيندا هيا، نه ته هو واڻ جي وڏي کٽ تي پاسا ورائيندي بيحال ٿيو پيو هوندو هو. سندس پرسان پيل ڪتابن ۾ به سندس دل نه لڳندي هئي. هو هر هر ائين چاهيندو هو ته هو هاڻ هتان هليو وڃي، پر سندس ماءُ، عزيزن جو حڪم هيو ته چاليهو ڪري پوءِ يڪو نڪري. هُن وچ ۾ ڪوشش ڪئي ته هو ڪجهه ڏينهن لاءِ شهر وڃي نوڪريءَ ۽ ٻين گهرجن جي پورائي لاءِ ڪجهه ڪري اچي، پر ڪڏهن جماڻو ته ڪڏهن مائٽن جي اچ وڃ، سندس وڃڻ هٽبو ويو. هاڻ ذري گهٽ اچي مهينو پئي ٿيو.

هو جيتوڻيڪ وساميل پيو هيو، پر هميشه وانگر ڪجهه وقت ماضيءَ جي رستن تي ڀٽڪڻ لاءِ نڪري ويو. سندس ذهن اُنهيءَ رستي تي هليو ويو، جت کيس پيءُ هٿ کان وني هلڻ سيکاريو هو. پيءُ کي ياد ڪرڻ جي بهاني اُن ڳالهه کي ضرور ياد ڪندو هو ته کيس وڏي ماڻهو ٿيڻ لاءِ محنت ڪرڻ سان گڏ ڪنهن به نموني سان وڏو ماڻهو ٿيڻو آهي. هو پيءُ جي وڏ ماڻهائپ ڏسي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ھاڻ ھو جڏھن ۽ اڪيلو ٿيندو ھو تہ اھو سوچيندو ھو تہ ھو ڪيئن وڏو ماڻھو بڻجي، پر پنھجي پيءُ کان وڏو ماڻھو. جيڪو پئسي ۾ بنھہ وڏو نہ ھو. ھو ڪڏھن ناڪاميءَ جي انديشن ۾ ٻڏل. ڪڏھن اُميد جي ڪرڻن سان روشن پَلَ پيو گھاريندو ھو ۽ من ئي من ۾ واريءَ جا گھر ناھي، ڊاھيندو ھو.

ھيءَ شام تہ ڪيس ڏاڍي ڏمڪيل ۽ اُجھاميل لڳي. ھو جيئن تيئن ڪري اُٿيو. پاڻيءَ لاءِ پيءُ جي جھونڙي نوڪر گلوءَ کي سڏ ڪيائين، پر ڪيس سڏ نہ مليو. ھو پاڻ اُٿيو، پاڻي پيتائين. پوءِ سڌو گھر ڏي رخ ڪيائين. ماڻس فرش تي ليٽي پئي ھئي. سندس زال ۽ ٻار انھيءَ فرش تي ويٺا ھئا، سواءِ سندس وڏي پٽ انور جي.

گھر ۾ ڪو بہ مٽ مائٽ نظر نہ آيو. ھو ماءُ جي پيرن کان ويھي ڪيس زور ڏيڻ لڳو. ھوءَ اُٿي ويٺي.

”اجا مقام تي نہ ويو آھين. ٽيھري بہ اچي لڙي آھي. شام پئي ٿئي، پنڌ پري آھي. جي وڃُو اٿئي تہ جلد ٿي اچ. منھنجي راڻل کي سلام ڏجانءِ، جيڪو ھاڻ مٽين متيءَ ھيٺ ائين ڇڏي آيا آھيو.“ ماڻس روئي ويٺي.

ھو بہ اداس ٿي ويو. ھو اٿيو، زال کي سڏ ڪيائين، ۽ پاسي تي وٺي وڃي چيائينس:

”ڪجھہ پئسا اٿئي، سگريٽ بہ کپي ويا آھن.“

”مون وٽ تہ ڪجھہ بہ نہ آھي، چئين تہ امان کان وٺي ڏيانءِ.“

”نہ نہ، ڀلا انور ڪاٿي آھي؟ سونجھڙو آھي، متان ڪجھہ پيسا ھجنس.“

ائين انور سندس وڏو پٽ اندر گھڙيو. مرڪي پيءُ ڏي ڏٺائين، پوءِ کيسي مان سگريٽ ڪڍي کيس ڏنائين.

”مان مامي جي دوڪان تان کڻيو آيو ھيم. اوطاق تي ويم تہ ڪڙو ڏنو پيو ھيو“

ڀلا مان بہ ھلانوَ مقام تي؟“

”نہ، بابا. تڪجي پوندين. مان بس اچان ٿو.“

ھن گھر کان ٻاھر نڪري سگريٽ دُکايو. مُرڪي وينو. انور سندس وڏو پٽ ھو. اجا مئٽرڪ مس پاس ڪئي ھئائين ۽ ڪاليج ۾ داخلا ورتي ھئائين جو ھو ھيڏانھن قضيي تي ھليا آيا. پر الائجي ڇو ھو ڪيس تمام وڏو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمنجھندو ھو: سياڻو. ڏاھو ۽ اميد ھيس تہ ھو ودو ماڻھو بڻبو. ڏاڏي ڪان ٻہ وڌو. پاڻ تہ ڪجھ ٻہ نہ ھو.

سوچيندو، ڳوٺ لتاڙيندو ڳوٺ جي ٻاھران وھندڙ وڏي واھ وٽ جڏھن پھتو تہ کيس ٺڏڪار جو احساس ٿيو. ھن گرمي ۾ واھ ۾ وھندڙ ڳجي ڪندڙ پاڻي جو ٺڏڪار ھبڪار ڪندڙ ھو. ھو تيز تيز واھ جي مٿان نھيل پل ۽ ريگيوليٽر تي پھتو تہ پاڻي جي گوڙ واري آواز ۽ چولين کيس بيھاري ڇڏيو. ھو ڪا گھڙي تہ چولين جي مستي ۽ پاڻي جي وھڪري کي ڏسندو رھيو. جيڪو اڳتي وڃي، ويندڙ واٽ وانگر مانو ٿي ڪنھن پنڌ پرانھين جو ڏس ڏيندو رھندو پئي ويو. ھو پاڻيءَ جي انھي نھندڙ رستي کي ڏسي مرڪي وينو ۽ پوءِ اڳتي ويندڙ رستي ڏي ڏنائين، جيڪو مقام تائين کيس نيندو ھيو. ھو ڪا گھڙي اُنھي رستي کي بہ ڏسندو رھيو ۽ پوءِ سامھون پري ڪان پيءُ جي تازي نھيل قبر ڏسي کيس ڪجھ ياد آيو. ھو تڪڙو پُل ٽپي واھ سان ٺورو اڳتي لھوارو ھليو. جتي وڃي پاڻي مانار ڪري واٽ ونيو پئي ويو. ھُن کي ڪي ھمراھ ڳوٺائي مليا. جيڪي وضو ڪري مقام تي پئي ويا ۽ ڪي وري مقام تان پئي موٽيا. شفن وڏيري تہ رڙ ڪري چيس:

"ابا، دير ٿي ٿئي، جلدي اچ. نما شام جو مقام تي تہ نہ وڃو."

ھو تڪڙو تڪڙو وڃي واھ جي ڪناري تي وينو ۽ جھڪي جلدي جلدي وضو ڪرڻ لڳو. ھو جيئن جيئن جلدي ڪندو ويو، تئين کيس محسوس ٿيو تہ ھو انھيءَ گپ ۾ ويھندو پيو وڃي ۽ ڳھڙيءَ ڪان پوءِ ھو سڄو پاڻيءَ ۾ ھو. الائجي چو ڪانئس ڪابہ دانھن نہ نڪتي، نہ ھُن پريان ويندڙ ڳوٺائين يا شفن وڏيري کي سڏ ڪيو تہ مان پاڻيءَ ۾ ڪري پيو آھيان ۽ اچي مون کي ٻاھر ڪڍو. ھن سمجھيو تہ ڪاڏل ڪناري جي ڪرندڙ پڪ سان ڳڏ ھو ھيٺ ھليو ويو آھي. ھُن کي ھيءُ ٺڏڪار وٺيو پئي. ھو ڪناري وٽ اڌ ڪان مٿي ٻڏل بينو ھو. ھُن سامھون وھندڙ وھڪرو ويندڙ واٽ وانگر ڏٺو. ھو تارون ھو. ھو ھن وھڪري ڏانھن وڌيو. ھن کي خيال آيو تہ ٻڳو ھو تہ سڄو پڄي ۽ گپ لاھي نڪري. ھو جيئن اُن واٽ تي ويو تہ وھڪري پير ڪڍي وڌس. ھيءُ نہ حياتيءَ جو وھڪرو ھو، نہ وري خيالي وھڪرو ۽ نہ ڪو ماضي جو نڳيندڙ وھڪرو ھو. ھو اُنھيءَ وھڪري ۾ ھڪ ئي سٽ سان وھي ويو. اُن ۾ ھُن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وهندي هڪ جهلڪ ماڻهن. قبرستان ۾ آخر ۾ پيءُ جي قبر جي ڏني. هو هميشه جيان ڪنهن کي ٻہ نہ سڏي سگهيو. هو ائين وهي ويو جيئن چڙ تہ پاڻ ٻہ هڪ پاڻي هو، جو پاڻيءَ ۾ سمائجي ويو.

هاڻ هن جي لاءِ اُهو ئي قبرستان هو، اُهوئي واهہ جو ڪنارو ۽ اُهوئي ماضي ۾ ماضي جا رستا. پر هاڻ هو مٽين مٽيءَ هيٺ هو، پنهنجي پيءُ جهڙي قبر اندر.

هُن جي قبر تي سندس پٽ انور صرف ٽي ڏينهن آيو ۽ ٽئين ڏينهن هُن قبر اندران ٻہ ڏنو ۽ ٻڌو: هو قبر وٽ ويهي ڏاڍي ڪڙائيءَ سان چئي رهيو هو: "بابا، مون کي واقعي وڏو ماڻهو ٿيڻو آهي، اُن ڪري مون وٽ وقت نہ آهي. مان وڃان پيو، نہ مان اوطاق تي واڻ واري کٽ تي پنا اُگهاڙا ڪري وهندس، نہ ڪنهن آسري يا اميد جا ويچار ڪندس. منهنجي منزل پري آهي. مان جڏهن وڏو ماڻهو ٿي ويندس تہ عيد براد تي تو وٽ ضرور ايندس. هاڻ مون وٽ وقت نہ آهي، مان وڃان ٿو. منهنجي منزل پري آهي."

هو قبر مان ڪيس ڪوبہ جواب ڏئي نہ سگهيو ۽ پوءِ هُن هميشه لاءِ اکيون بوٽيون: دل جا دروازا بند ڪيا. ماضيءَ جي گم ٿيل رستن کي هميشه لاءِ وڃائي پاڻ هڪ ماضي جي رستي جي دز ٻڌجي ڌوڙ ۾ گڏجي ويو.

●

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# منوءَ جي ڪهاڻي

منو چيچڙن جي آواز تي ڇرڪ ڀري اٿيو ۽ ٽپ ڏئي ڪڻ تان لٿو، سڌو ڪوٺي جي پلئوڙي واريءَ پٽ وٽ وڃي بيٺو. هن پٽ ڏانهن نهاريو مايوس ٿي موٽڻ جي ڪئي، ڇاڪاڻ ته پٽ ڪانئس ڪجهه مٿي هئي. ائين ٻن مضبوط هٿن کيس مٿي کنيو ۽ پٽ تي جهلي بيهاريائينس.

"بابا، هي ڇا آهن؟"

"پٽ، اهي ڏيڍي گاڏيون آهن."

"پر، بابا، اسان واري ڳوٺ ته اهي ڪونه هيون؟"

"پٽ، هن پاسي ڏيڍي گاڏيون تيديون آهن."

"بابا، گهوڙي گاڏيون به ته تيديون آهن؟"

"ها پٽ، تيديون آهن، پر هت نه تيديون آهن."

"ڇو؟"

"هت ڪچا رستا ۽ واريا سو علائقو آهي، ڏيڍو ئي هن بار کي ڍوئي سگهي ٿو."

"بابا، ماڻهوءَ گاڏي به هوندي آهي؟"

"ها پٽ، پر شهر ۾."

ڪا گهڙي مِنوُ گاڏين جو قافلو ڏسندو رهيو ۽ پوءِ پٽس کيس ڪوٺي جي پلئوڙي وٽان هيٺ لاٿو. هو ٽپ ڏئي هيٺ لٿو.

اڃا هو بيٺو ئي مس ته زور سان گهنڊ وڄڻ لڳو. هو وائڙن وانگر چوڌاري نهارڻ لڳو. پوءِ هو ڊوڙي ڪوٺي جي ٻي ڪنڊ تائين ويو ۽ پلئوڙي جي پٽ ۾ نهيل ٽُنگن مان ٻاهر نهارڻ لڳو. کيس ڪجهه ڪجهه نظر نه آيو. هن پنتي پيءُ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏي نهاريو. پٽس ڪلي چيو، منو، اهو اسڪول جو گهنڊ آهي.“

”بابا، اهو اسڪول ڇا ٿيندو آهي؟“ ائين نوڪر اچي پاسي ۾ بيٺو.

”ڇا آهي، گلو!؟

”سائين، استاد ڇاڳومل آيو آهي.“

”واهه واهه! سڏ ڪرينس. منو! تنهنجو ماستر اچي ويو آهي. هاڻي اهوئي سڀ ڪجهه توکي سمجهائيندو ته اسڪول ڇا ٿيندو آهي.“

”پر بابا، ماستر ڇا ٿيندو آ؟“

”ماستر اسڪول ۾ پڙهائيندو آهي.“

”پر بابا، اسڪول ڇا ٿيندو آ؟“

سائين استاد ڇاڳي مل منهن ڪڍيو ۽ هو هٿ ٻڌي بيهي رهيو.

”سائين، نياز ٿئي.“

”استاد، هاڻي ڳالهه ٻڌ، هيءُ ڇوڪرو منهنجو مٺو ڪائي ويو آهي. پاڻ سان وٺي وڃينس ۽ سڀ ڪجهه سمجهائينس. توکي ته خبر آهي ته اسان جهنگ جا وڏيرا آهيون. نوڪري سانگي ٻاهر نڪتو آهيان ته اولاد کي به تعليم ڏيارڻ ضروري سمجهان ٿو ...“

”سائين، توهان خيال نه ڪيو. اوهان اڳ به ڳالهه ڪئي هئي. نينگر آيو آهي ته اکين تي. توهان ڀلي آفيس لاءِ تيار ٿيو. مان ڪڪي کي شنان پاڻي ڪرائي وٺي ٿو وڃان.“

”پر توهان کي اسڪول لاءِ دير ٿيندي هوندي.“

”مان ديوان هاسارام هيڊ ماستر کي چئي آيو هيس ته مختيارڪار صاحب گهرايو آهي، سو فڪر جي ڳالهه نه آهي.“

خانصاحب محمد علي خان وڏيرا ته هڪ ننڍڙي ڳوٺ جو هو، پر پڙهي پيو ۽ اچي ڪلارڪي مان چڙهي مختيارڪار ٿيو. ورهاڱو مس ٿيو ته همراهه کي ڳڙهي خيري ۾ مختيارڪار رکيائون. سندس گهر ۾ پڙهيل ڳڙهيل زائفان ته هئي ڪانه، نه کي سندس ڳوٺ ۾ ڪو اسڪول هو. پاڻ به ڳوٺ کان پنج ميل پري اسڪول ۾ پڙهيو هو. تڏهن ته سندس پيءُ حيات هو. هاڻ سندس اولاد کي ڪير سنياري ۽ پڙهائي، سو پنهنجي پٽ کي وٺي اچي ڳڙهيءَ جي استاد ڇاڳي مل جي حوالي ڪيائين. اُستاد ٻٽيادي ديوان هو. سندس وڏا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واپاري هيا، پر هيءُ همراه تعليمي ڪاتي ۾ اچي گهڙيو. مشهور تہ اهو هو تہ استاد چاڳي مل جو پڙهيل هميشه ڪڙهيل ئي نڪتو. سندس شاگرد وڏين ڪرسين تي هيا. خان صاحب محمد علي خان پَرَ ۾ پچائون ڪري ڪيس نينگر حوالي ڪيو هو.

اُستاد جيئن نينگر کي وٺي هيٺ لٿو تہ نوڪر ڦري آيس. ”ديوان، منوءَ کي تيار ڪري وٺان؟“

”تون ڪير ٿيندو آهين؟ منو پٽ اڄ کان وٺي منهنجو پٽ آهي، ڪيس مان تيار ڪندس.“

منو اکيون ڇنڀيندو ٻنهي کي نهاريندو رهيو. پوءِ ديوان ڪيس ڇنڊيو ڦوڪيو، سنواريو، سُرمان تيل ڦليل ڪرائي، اڇا ڪپڙا اوڍائي، گهر کان ٻاهر وٺي آيو.

ڳڙهيءَ جو شهر وڏو تہ ڪونہ هو، پر ننڍڙي مِنوءَ لاءِ سڀ ڪجهہ هو.

سامهون سارين ڇڙڻ جو ڪارخانو هو. ڏاند گاڏيون بيٺيون هيون. ماڻهن جا ميڙ هيا. هن حيرت وچان ڪن کي پلال ڍوئيندو، ڪن کي ڳوٽيون چاڙهيندو ڏٺو تہ پڇي ويٺو:

”سائين، هيءُ ڪير آهن؟“

”هي پورهيت آهن، بابلا، پورهيت.“

”پورهيت ڇا ٿيندو آهي؟“

”پورهيت هٿ جو پورهيو ڪندو آهي. هي هٿ جي پورهيي سان اَن اُپائين ٿا.“

”مامي غلام وانگي.“

”ها پٽ، ڪي ڪڙمي، ڪي ڪاسبي. هٿ جي پورهيي سان ٽانوَ ٺاهين تہ ڪنير، ڪپڙو اُڻن تہ ڪوري، ڪاٺ جو ڪم ڪن تہ واڍا.“

”اسان وٽ ڳوٺ ۾ بہ ولَو ڪنير ۽ علڻ واڍو آهي.“

”ها مَن، هر ڳوٺ، هر شهر ۾ ڪڙمي بہ آهن تہ ڪاسبي بہ، سندن هٿ جو پورهيو سون آهي. اسين جيڪي کائون ٿا، پهريون ٿا، ڏٺي ڏٺي ٿو ۽ اُن ئي هن پورهيت کي بڻايو ۽ هُنر ڏنو آهي تہ هو سڄي انسان ذات جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪري.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منو ڪجهه سمجهيو، ڪجهه نه. هو هر شيءِ کي عجيب نظرن سان ڏسندو اسڪول پهتو. اُستاد چاڳومل سڌو کيس ديوان هاسارام هيڊ ماسٽر وٽ وٺي ويو، جنهن کلي کيڪاريس ته هُنَ اُستاد کان يڪدم پڇيو:

”سائين، هي ڪير آهي؟“

”هيءُ هيڊ ماسٽر صاحبُ آهي.“

”اُهو ڇا ٿيندو آهي؟“

”اُهو وڏو ماسٽر هوندو آهي.“

”اُهو وري ڇا هوندو آهي؟“

هاسارام کلي ويٺو. چاڳومل يڪدم کيس آفيس کان ٻاهر وٺي آيو. منو اسڪول جي عمارت ۾ ڪلاسن کي ڏسندو ٽڪيندو توريندو سوال پڇندو ڪلاس ۾ پهتو. اُستاد چاڳي‌مل ڪٻٽ مان پٽي، ڪلڪ ۽ مس ڪڍي، پوءِ پٽيءَ تي ليڪا ڪڍي اِنڊا پرڻ لاءِ ڏنا. منو ته قلم جهلي نه پيو سگهي. اُستاد هٿ کان وٺي کيس لکڻ جي مشق ڪرائيندو رهيو ته ٻين ٻارن جي سار سنڀال به ڪندو رهيو. منو به ڪوشش ڪندو رهيو. مسُ هاريائين، ڪلڪ ڀڃي وڌائين، سَو سوال پڇيائين. ڪٻڙا پوءِ مُنهن، مَسُ سان ڀريائين. اُستاد کيس ڏسندو رهيو ۽ مشڪندو رهيو. رسيس ۾ کيس بسڪوٽ ۽ ڪتمنڙا وٺي ڏنائين، ٻين ٻارن سان راند يون ڪرايائين. جڏهن موڪل مهل کيس وٺي گهر آيو ۽ آئينو ڏيکاريائين ته منو کلي ويٺو.

اُستاد چاڳي‌مل شايد خان صاحب محمد علي جي مهربانين ڪري، يا الائجي کيس نينگر وڻيو هو، يا وري فرض ڀانيئين جو وري وينس کيس ڳيٽيون ٿاهي ماني کارائڻ. خان صاحب محمد علي جيڏي مهل آفيس مان موٽيو ته منوءَ کي ستل ۾ استاد کي ڪرسيءَ تي گهڏندي ڏٺائين. هو مُرڪي وڌي آيو ۽ اُستاد کي هوشيار ڪيائين.

”سائين، منو نيڪ آهي. شامَ مان وري ايندومانس ۽ گهمائڻ وٺي ويندومانس.“

”مهرباني، ديوان. تڪليف جي معافي.“

”خان صاحب، منو جهڙو اوهان جو ٻچو، تهڙو منهنجو.“

شام جو سج اجان چڱو ٻيٺو هو ته اُستاد اچي نڪتو. منوءُ ويٺي ٿاڌل

پيتي. الائجي ڇا خيال آيس.

"سائين، ٿاڌل پيئو."

"هُن پنهنجو گلاس ڏانهس وڌايو:

"هان هان، جونئو گلاس، ترس، اُستاد لاءِ ٻيو گلاس ٿا گهرايون."

"نه، سائين، مان پيئندس ته اِن گلاس ۾ ئي منوءَ سان گڏ."

پٽس ڏنو ته ٻنهي گلاس مان سُرڪيون پريون. منو گد گد ٿي پيو. اوچتو منو گلاس رکي پيءُ ڏانهن نهاريو:

"بابا، اسان اڄ پورهيت ڏٺو. بابا پورهيت سٺو هوندو آهي نه، مان وڏو ٿي پورهيت ٿبس، پنهنجي هٿ سان اَن اُپائيندس، مامي غلام وانگر."

"هي وري ڪهڙيون ڳالهيون ٻڌايون اٿئيس. اَباڻو پورهيو ڇڏي نوڪري ڪئي اٿئون. محنت ڪري ته مختيارڪار ٿيو آهيان. وري هن کي سمجهائين تو ته ڪڙمي ٿئي."

"نه سائين، اوهان به ته پورهيت آهيو. مِنُو، تنهنجو بابا به پورهيت آهي، قلم جو پورهيو ڪندو آهي. هاڻ هل ته قلم جو پورهيو ڪريون ۽ ڪتاب وٺي اچون."

جيئن هو بزار ۾ گهڙيا ته منوءَ جا سوال شروع ٿي ويا.

"هيءُ ڇا آهي؟"

"انگوڇو آهي."

"انگوڇو ڇا ٿيندو آهي؟"

"پوتڙو"

"اِئين ڇئه."

"هي ڇا آهي؟"

"هوٽل."

"هوٽل ڇا ٿيندو آهي؟"

اُستاد کيس سمجهائيندو اچي ڪتابن جي دوڪان تي پهتو.

ٻاراڻي جو ڪتاب، مس قلم ۽ ٻيون شيون چڪائي کيس وٺي ڏنائين.

منوءَ جيئن ڪتاب کوليو ته رڙ ڪيائين:

"سائين، ڏِڳو، ڏِڳي ڳاڏي."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

استاد هاڻ ڪيس جواب نه ڏنو. سڌو ڪيس پنهنجي گهر وٺي ايو.
جيئن گهر ۾ گهڙيا ته ڏٺائون، ديوان جي گهر واري پٺي پرت پريو ۽ پٺي جهونگاريئين. منو وڏي وچي متائنس بينو. ديوان جي گهرواري پرت پرڻ ۾ ايڏي ٻڌل هئي جو کيس خبر نه پئي ته ڪير متان اچي بينو آهي. هوءَ ڳوڙها ڳاڙيندي وچي ۽ چوندي وچي:

اللهَ ڪارڻ اونيا، ڪرها مَ ڪاهيو،
جانب، جڏي جيءُ جو آڳانڊو آهيو،
لاڳاپو لاهيو، متان منهنجا سپرين.

منو پوئتي هٽي اَچي اُستاد وٽ بينو، جنهن جي اکين ۾ به پاڻي هو. هو ٻنهي کي تڪيندي پڇي وينو:
”سائين، هيءَ ڪير آهي؟ توهان رُنو چو ٿا!“
”هيءَ منهنجي گهرواري آهي، منو.“
”ڏس، هٽ جو پورهيو اِها به ڪري ٿي.“
”پوءِ هيءَ به پورهيت آهي؟“
”ها، مَن، هر ماڻهو پورهيت آهي: مان: تون: اسين سڀ.“
”پوءِ هيءَ روئي چو ٿي؟“

”هر پورهيت رُئندو به آهي، منو.“
”ڪڙمي، ڪاسبي، واڍا، ڪنير، سڀ.“
”ها، مَنَ، سڀ. جڏهن به ڪنهن کي جهوري لڳندي آهي ته جُهري پوندو آهي ۽ تنهنجي ڪلڪ وانگر پڇي پوندو آهي.“
”جهوري چا ٿيندي آهي؟“
اُستاد چاڳي مل جي اکين ۾ پاڻي پرجي آيو. هو جواب ڏئي نه سگهيو.
سندس گهرواري کيس ۽ منوءَ کي ڪا گهڙي تڪيندي رهي.
”هي منُو آهي نه، جنهن جي تو سوير ڳالهه ڪئي هئي؟“
”ها،“ چاڳي مل وراڻيس.
سندس گهر واريءَ ڪٽ تان اُٿي اچي منوءَ کي ڀاڪر ۾ پريو ۽ منيون:

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنائينس، پوءِ ڪيس ڪٽ تي ويهاري، چيائينس:

"منو، مان ٻڌايانءِ تہ جهوري چا ٿيندي آهي؟"

"ها."

"منو. توکي ماءُ ياد ايندي آهي؟"

"ها،" "ها." منوءَ ورجايو ۽ هاڻ منو روئڻهارڪو ٿي ويو.

"تون ڪانئس ڏار ٿيو آهين، هوءَ تو کان ڏار ٿي آهي. انهيءَ جدائي تي توکي ڪجهہ ٿئي ٿو مَنَ؟"

منو روئي وينو. اُستاد چاڳو مل بہ ورانگهون تڪڙيون ڀري اچي منوءَ کي ڀاڪر ۾ ڀريو. "اهو چا ٿي ڪرين. ٻچڙي کي رئاري وڌءِ. نہ، منو، نہ، ڏٺي توکي جهوري نہ ڏئي. تنهنجي دادي چري ٿي آهي، آهي نہ چري؟"

منوءَ ڳوڙها جهلي ورتا هيا. هو ماٺ ۾ وينو رهيو.

"هاڻ اُتي ٻار کي ڪو ٿول ٻول ڏي. ڇڏ اِنهيءَ رودن کي."

داديءَ کي ڇڻ تہ چابي اچي وئي. ٽپ ڏئي صندل جي ڪاٺَ مان نهيل سهڻي ڪبٽ کي وڃي کوليائين. چرڙاٽ جي آواز تي منوءَ اوڏانهن ڏٺو. ڪاٺ تي اچي عاج جهڙي چٽسالي پسي، هو اُتي اوڏانهن ويو ۽ مٽس لس ئي لس هٿ ڦيرڻ لڳو. داديءَ کي ٿول ڪيڏڻ وسري ويا. هوءَ ٻارڙي جو چاهہ ڏسي موهجي وئي.

"منو، هيءُ ڪبٽ توکي وڻي ٿو؟"

"ها."

"ڏس، هن ۾ آئينو بہ لڳل اٿئي."

منو هن سهڻي چٽيل وڏي ڪبٽ کي ڏسندو رهيو ۽ هٿڙا ڦيريندو رهيو. دادي ڪنڌ ورائي مرڪي ڏانهن ڏٺو، جيڪو آرام ڪرسيءَ تي وينو ڪين تڪي رهيو هو.

"پٽس! هيءُ ڪبٽ سرلا جو هو. هاڻ منوءَ جو ٿيو. هيءُ اج ئي ڪٽائي منوءَ جي گهر پهچراءِ: هاڻ اسان جي ڪهڙي ڪم جو. هونئن بہ سرلا بہ تہ منهنجو پٽ ئي هئي." دادي وري روئڻهارڪي ٿي وئي.

منوءَ داديءَ ڏي ڏٺو، استاد کي ڏٺو ۽ پوءِ گيٽ ڏئي آهستي چيائين:

"سرلا ڪير آهي، دادي؟"

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوڌاري چپ چپات ٿي وئي.

”دادا، سرلا ڪير آهي؟“ منوءَ جو آواز وري گونجيو.

داديءَ يڪدم چرڪ ڀري ڪبٽ مان شيون ڪڍيون. هڪ نئين دٻڪي چنبڙي ڪيڊي. اُن ۾ ڳانئيا، ننڍڙا بسڪوٽ ۽ منا ٻڳڙا وڌائين، دٻڪي منوءَ آڏو جهليائين، ”منو، تون شيءِ کاءُ، جاني.“

منوءَ هٿ هٽي سندس دٻڪي کي لوڏي وڌو ۽ هيٺ ڳانئيا، بسڪوٽ ۽ ڪنڌ ٻڳڙا ڦهلجي ويا. منو اڳتي وڌي ڪبٽ وٽ وڃي بيٺو. وچين تختي تي ڪيترا وڳا ويڙهيل رکيا هئا. هُن آهستي هڪ وڳو ڇڪيو ۽ اُهو وڳو وڏڙي چولي وانگر ڦهلجي ويو. هو حيران اُن چولي کي نهاريندو رهيو، جنهن تي ٽُڪ ۽ آرَ جو ڪم ٿيل هو.

”هي‌ءَ سرلا جا آهن؟“

اُستاد ڪان هاڻ رهيو نه ٿيو.

”منو، ڏاهو ٿي. مون وٽ سيني سوالن جا جواب آهن. پر هن سوال جو جواب توکي ڇا ڏيان، ڇا ڏيان؟ ها، اهي ويس وڳا سرلا جا آهن. سرلا کي هاڻ ٻئي ملڪ موڪليو اٿئون.“

”سرلا کي ڇو موڪليو اٿوَ؟“

”سرلا وڏي ٿي وئي هئي منو. سرلا وڏي ٿي وئي هئي. هٿ، هٿ سندس لاءِ جاءِ نه هئي.“

منو انهيءَ ئي انداز سان سوال پڇيو، ”مان جي وڏو ٿي وڃان ته توهان مون کي به ٻاهر اُماڻي ڇڏيندو، ٻئي ملڪ اُماڻي ڇڏيندو؟“

”اُستاد وٽ ڪوبه جواب نه هو. ڊاديءَ اوچنگارون ڏئي پئي رُنو.

اُستاد چاڳو مل، منوءَ جو هٿ وٺي ٻاهر هليو. منوءَ ويندي، داديءَ ڏي نهاريو. هن چٽو ٻڌو:

”الله ڪارڻ اونيا، ڪرها مَ ڪاهيو،
جانبَ جڏي جيءَ جو آڳانڊو آهيو،
لاڳاپا لاهيو، متان منهنجا سپرين.“

منوءَ کي گهر ڇڏڻ وقت اُستاد چاڳي مل نڙي مِني ڏني ۽ اکين ۾ پاڻي پرجي آيس. هو يڪدم ٻاهر هليو ويو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منو پيءُ وٽ آيو، پر پيءُ وٽ اڱڻ ۾ ماڻهن جا ميڙ ڏسي، هو ڪوٺي تي چڙهي ويو. هُن کي خبر نہ پئي تہ صبح ڪيڏي مهل ٿيو. هو کٽ تي پاسا ورائيندو رهيو. نيٺ هو هيٺ لهي آيو. اُستاد اجا نہ آيو هو. اوچتو سندس نظر ورانڊي ۾ پيل ڪٻٽ تي پئي. هو انهيءَ ڪٻٽ کي ڪا گهڙي تڪيندو رهيو. پوءِ هُنَ ٻاهر ڊوڙ پاتي. نوڪر جو ڪيس ڊوڙندو ڏٺو سو بہ ڪيڏ آيس ۽ ٻنهي استاد چاڳي مل جي گهر تي وڃي توڙ ڪيو.

منو ٽپڙي کٽي اندر هليو ويو. اندر ڪير بہ نہ هو. منوءَ آهستي پڪاريو "دادا، دادا."

جواب نہ آيو.

"دادي، دادي."

جواب نہ آيو. هو پوءِ ڪوٺين، ورانڊي ۽ اڱڻ ۾ ڦيريون پائيندو رهيو. اتي ڪير بہ نہ هو. پوءِ هُو رئڻ لڳو. لڙڪ لاڙي ڪجهہ چوڻ جي ڪيائين، ڪانئس ڪو بہ لفظ نہ نڪتو. هو آهستي آهستي پوئتي موٽيو ۽ نوڪر جي هنج ۾ منهن وجهي روئڻ لڳو.

●

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي صندلي ۾ يڪدم هٿ وڌائين ۽ اچل ڏئي ڪنيائين. سندس صندليءَ جو پاسو ديڳڙي ۾ پيل ڪيويءَ سان لڳو ۽ ديڳڙيءَ جي ڍڪ وجي هيٺ ستڪو ڪيو. هو پنڊ پهڻ تي ويو. ڪپڙن سڻ ڪڻ جو آواز بيهي ويو. ۽ ماڻس جو آواز آيو؟

"ڪير آ."

هن جواب نہ ڏنو ۽ آهستي سان ڍڪ ڪٽي ديڳڙيءَ مٿان رکيائين. پوءِ لوهہ پائي صندليءَ سوڌو ڪمري ۾ گهڙي ويو. هو هاڻ سهڪي پيو. هن وڏي دريءَ مان ٻاهر نهاريو. ماڻس وهنجڻ جاءِ جو در کولي رڌڻي ۾ نهارڻ لڳي. پوءِ هوءَ هيڏانهن هوڏانهن نهاري ڪنڌ کي لاڙي وري وهنجڻ جاءِ ۾ گهڙڻ لڳي. ڪيس وري خيال آيو ۽ ڪنڌ ڪيدي ٻاهرين در ڏانهن نهاريائين. اهو ڪيس بند نظر آيو ۽ پوءِ وهنجڻ جاءِ جو در وري بند تي ويو ۽ خانوءَ جڏهن ڪپڙن جي سڻ ۽ ڪڻ جو آواز جاري ٻڌو تہ ڪيس پيٽ ۾ ساهہ پيو ۽ وجي ساڳي ڪرت سان لڳو. صندلي ڪرسيءَ تي رکي پيالو هٿ ۾ جهلي جيئن هو مٿي چڙهيو تہ ڪٻٽ جي ڇت صاف پئي نظر آيس. هن آرام سان پيالو اتي رکيو ۽ ٽپ ڏيئي هيٺ لٿو. جيئن هن صندلي هٽائي تہ اوچتو سندس ڪن ٻُرڻ لڳا:

"خانو چور آهي."

"خانو چور آهي."

"خانو چور آهي."

هو يڪدم پٽڪيو، "خانو چور نہ آهي، خانو چور نہ آهي."

ائين چرين وانگر پٽڪندي هو وري ٽپ ڏئي مٿي چڙهيو. پياني ڪيسي مان ڪڍي واپس پيالي ۾ وڌائين. پوءِ ڪرسي پنهنجي جاءِ تي رکيائين. صندلي لوڏيندو رڌڻي ۾ آيو ۽ صندلي ڦٽي ڪري آرام سان اڱڻ لتاڙي در کولي ٻاهر نڪري آيو.

هو جيئن اسڪول پهتو تہ رسيس ختم ٿي چڪي هئي. هو ڊڄندو ڪلاس ۾ گهڙيو. ماستر بورڊ تي حساب لکي رهيو هو. هو ماٺ ميٺ ۾ اچي بينچ تي ويهي رهيو. چوڪرن جي پٽڪي تي ماستر پٺتي نهاريو.

"ڇا جي مستي آهي؟"

هڪ نينگر يڪدم چيو، "سائين خانو..

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”خانوءَ کي ڇا ٿيو آ. ڇاهي ڙي، خانو؟“

خانو اٿيو ۽ بي اختيار ڪائنس نڪتو ”نه، سائين خانو چور نه آهي.“

ماستر وائڙو ٿي ويو. ”اڙي وري ڪا مستي سجهي اٿو؟“

يڪدم لڪڻ ڪڻي خانوءَ تي الاريائين.

خانوءَ يڪدم چيو، ”سچي سائين خانو چور نه آهي.“

ڇوڪرن کلڻ ۽ ڪجڪڻ شروع ڪيو. ماستر لڪڻ سان ميز تي وڏو نڪاءُ ڪيو.

”خاموش! هاڻي جنهن به مستي ڪئي ته بخيا اڌيڙي ڇڏيندومانس.“

پوءِ هو بورڊ تي حسابن جي جوڙ ڪٽ ۾ غرق ٿي ويو. خانو سڄو وقت ايئن وينو رهيو، ڄڻ هو ڪلاس ۾ هوئي ڪونه. ڪيڏي مهل گهنڊ وڳو ۽ موڪل ٿي، ڪيڏي مهل ڇوڪرا اٿيا ۽ ڪلاس مان نڪتا، کيس سمڪ ئي نه رهي. ايئن ڪو اچي پر ۾ بينس ۽ کيس ڌونڌاڙيائين.

”هل ٻاهر. هل ڙي، خانو چورا“

هن ڪنڌ کڻي مٿي نهاريو. پيرو سندس پاسي ۾ بيٺو هو. خانو کيس ڏسي چيو:

”پيروا خانو چور نه آهي. خانو چوري نه ڪندو.“

”خانو چوري نه ڪندو ته ڇا ڪندو. هلاءِ ٻياني. صبح وعدو ڪيو هو. آنڪي مان اڳهه چڙهي ٻيانيءَ تي پهتو آهي.“

”پيرو، مان روز تنهنجي آنڪي پري آهي. هاڻي ٻياني نه پريندس.“

”پوءِ تيار ٿي وڃ پٽ!“

هن هڪدم ٻاهر بيٺل ٻن ڇوڪرن کي سڏ ڪيو، ”روشو، گلو. اچو يلا.“

خانوءَ ڏٺو ته اسڪول خالي ٿي چڪو آهي ۽ ٿي شودا سندس ڏڳ جهلي بيٺا آهن، تنهن هوندي به هو نه گهٻرايو.

”اڙي ڪيد ٻياني.“

”ڪانهي ٻياني. داداگيري آهي ڇا؟“

”داداگيري ئي سمجهه. جيئرو نه ٻچندين.“ ائين چئي پيروءَ کيس نڪاءُ نونشو ڪرايو. هو نٻل ڪمزور نينگر جو اڳي ئي پنهنجي ڪمزور هجڻ ڪري پيداگيرن جي آنڪي پريندو هو، سو سٽ ڪهڙي جهلي سگهيو پئي.

هو بينچن مٿان بولانيون ڪائيندو وڃي ڪريو ۽ هڪ بينچ ۾ لڳل لوهہ جو پٽ لونڊڙي چيري ويس. هو آهستي سنئون ٿيو ۽ بينچن مان نڪري ٻاهر آيو ۽ هاڻ رت ٽينڊيون ڪري پئي وهيس.

”هاڻ مان ٻياني تہ چا آنڪي بہ نہ پريندس، پٽ. خانو چور نہ آهي.“

پيرو ۽ سندس شودا ساٿي هئا تہ جاننا ۽ متارا پر جو رت ڏنئون ۽ نبل نينگر جو ٻوائتو منهن پسي هو ونبي پيا.

خانو ترندو ٿابڙندو رڙيون واڪا ڪندو ”خانو چور نہ آهي پٽ. خانو ٻياني تہ چا پر آنڪي بہ نہ پريندو“ اسڪول جي ٻاهران نڪتو. سندس ڪلاس جا ڪجهہ نينگر اچا گيٽ وٽ بيٺل هيا.

”اڙي نورا، اڙي شمن، علڻ، رحيم، ٻڌو ڪوبہ هاڻي پيروءَ ۽ سندس شودن جي آنڪي نہ پريندو. ڪوبہ چوري نہ ڪندو. سمجهو ٿا، ڪوبہ شودن جي ٽولي جي آنڪي نہ پريندو. ٻڌو ٿا؟ هو ايئن رڙيون ڪندو ٽڙيو ۽ ڪرڻ تي هو تہ سيني ڪيس سنڀالي ورتو. هو اچا وقلي رهيو هو.

”هو ڏسو سامهون وڃي ٿو پيرو ۽ سندس شودن جو ٽولو. نہ ڇڏيون، دسيون، همٿ ڪيو، وڌو همٿ ڪيو.“ نينگرن هڪٻئي ڏي نهاريو ۽ پوءِ سٽ ڏئي پيروءَ ۽ سندس ٽولي ڏانهن ڀڳا. ويجهو وڃي هو هنڪي بيهي رهيا. هاڻ شودن جي ٽوليءَ ۾ ٻيا بہ بہ جٽا هئا. پيرو ۽ سندس ساٿي کين خونخوار نظرن سان ڏسي رهيا هئا. پنيان خانوءَ جو وري آواز آيو:

”آنڪي ڪير نہ پريندو ونون، نہ ڇڏيون.“ هنن ٻوئتي خانوءَ ڏي نهاريو جو رت ڳاڙيندو ترندو ڏانهن آيو پئي. ڪيس رت ڳاڙيندو ڏسي سندن اکين ۾ بہ رت تمي آيو. پوءِ هو طوفان وانگر ڇانئجي ويا. نبل ڪمزور آنڪي پريندڙ نينگر هينئر شينهن هيا ۽ هٿي تنهي شودن کي ڊاهي وڌائون.

خانو رت ڳاڙيندو بہ ور ور ڪيو حملا پي ڪيا. سندس نعرن کين پئي همٿايو. اڄ ڏينهن ٻويان ڪمزورن جي سرسي ٿي هئي. هو هاڻ نعرا هٿي رهيا هئا. ”هاڻ ڪير بہ آنڪي نہ پريندو ڪير بہ چور ناهي. ڪير بہ چوري نہ ڪندو. ڪير ٻياني تہ چا آنڪي بہ نہ پريندو.“

شودن پجڻ جي ڪئي پر هنن اصل ڪٿي دسين. کين مرڻ جهڙو ڪري ڇڏيائون. ساٿين ساهي پٽي. هاڻ چوڌاري خاموشي هئي. ڪوبہ نعرو نہ هٿي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيو هو. هنن خاموشي ۾ سجاتو ته خانوءَ جو اواز به نه هو. ڏنئون خانو خاموش اونڌو پيو هو. هو هاڻ نعرو به نه هڻي رهيو هو پر سندس چپن تي مرڪ هئي، چچريل ۽ رتائون منهن ڀهڪي رهيو هو. هنن جڏهن سندس ڪمزور بي جان ۽ نٻل جسم کي کنيو ته هنن کي ائين لڳو ته ڪنهن ڳري بت واري جوڌي جوان کي کڻي رهيا هجن.

●

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪُچان تان ڪُوڪ ٿئي

هو منهنجي سامهون زور سان ڪنگهي رهيو هو، ۽ ڪنهن گهڙيءَ پوتڙو منهن کي ڏئي پيو ته ڪنهن مهل ساڻو ٿي پوتڙي جو پلئو پري پئي ڪيائين. مون ڪيس چتائي پئي ڏٺو. سندس جوڀن ته ختم هو، پر سندس منهن ۾ رت ڦڙو به نظر نه پئي آيو. هڏائين منهن ۽ جسم سان هو ساڻو ٿيو پيو هو. پرسان وينل سندس پٽڙي پرگهور پئي ڪئي. ڪنهن ڪنهن مهل هو سامت ۾ پئي آيو. مان سندس ههڙو حال ڏسي پاڻ بي حال ٿي ويو هوس. هڪ ته اسين ورهين ڪرهين ڳوٺ وڃون، سو به پنهنجي دلبرن ۽ پيارن جا ههڙا ڏکوئيندڙ نظارا ڏسون، اصل دل ڦتجي پئي. مون ڊاڪٽر کي ته ماڻهو موڪليو هو، پر ڪاوڙ ۾ هر هر ڪانئس پڇيم پئي، ”اڙي ههڙا حال ڪيئن ٿيئي موسيٰ، اڙي چاڪ چڱو ڀلو ته ڇڏي ويو هومانءِ. سيڪجھ ته هيٺ، هي سال ڪن ۾ چا ٿي ويئي؟“

هو جواب ته ڪونه پيو ڏئي، پر ڪنگهندي هڪ آڱر مٿي آسمان ڏي ڪري، رب جي مرضي تي ڇاڙايائين. ڪيس دوادرمل دارونءَ کان ڪنهن جهليو ته ڪونه هو، يا ان کان به ويو هو جو پاڻ ڪٺائي مون تائين پهچي ها. ڪاوڙ پئي آيم، ائين ڪندي مون وارو سوٽ ڊاڪٽر اندر اوطاق ۾ گهڙيو.

”ايتري دير!“

”دڪان تي رش هئي.“

”ها بابا، پيسن وارن کي ڏسندؤ، هنن غريبن کي ڪاٿي ڏسندؤ.“

”هن موسي غريب کان پيچ ته ڪيترن ڏينهن کان مون وٽ ايندو آهي،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن پائي پئسو ورتو اٿمانس؟ توهان جو پراڻو نوڪر آهي ته اسان جو به پراڻو يار آهي. سندس هوٽل تي جام مال کاڌا اٿئون. ڪيئن موسيٰ؟"

موسو ڦڪي کل کليو ۽ ڊاڪٽر کيس تپاسڻ لڳو.

"ڪمال آ، موسو هيترن ڏينهن کان بيمار آ، مون کي خبر نه آهي، ۽ وري ڊاڪٽر اهڙو ٿيو آهين، جو کيس اڃان تائين ٺيڪ ڪري نه سگهيو آهين."

مون واري سوٽ ڊاڪٽر کيس تپاسڻ ڇڏي، مون ڏي خار مان نهاريو. "هڪ ته ٿي بي اٿس پيو ڪري هوٽل تي ٻاهه جو ڪم، وري دوا دارون کان آڳوٺو ته ڏينهن نه لڳندا ته ڇا ٿيندو. هونئن به هاڻ هن ۾ رهيو ڇاهي. توکي خبر آهي ته سندس هاڻ ڪهڙا حال آهن. اهو جهڳيءَ ڇاپ روڊ وارو هوٽل جو تو کيس ڪيرائي ڏنو هو، سو بند پيو آهي. گذر سفر لاءِ پائي پئسو ڪونهي. هنن غريبن کي اهي بيماريون لڳن ٿيون وڃ ويڙهيءَ وانگر، جڪڙي نپوڙيو نهوڙين."

مون حيرانگيءَ مان موسي ڏي ڏٺو. هن ڪنڌ سان هائو ڪئي ۽ وري به آڱر مٿي ڪٺي رب جي رضا ڄاڻايائين. مون يڪدم نظر ڦيرائي ڊاڪٽر ڏي ڏٺو. هو نسخو لکڻ ۾ پورو هو. پوءِ ڪنڌ کڻي ڏانهس نهاريو ۽ چيائينس: "دوائون لکي تو ڏيانءِ، باقاعدي کائيندين ته شفا به ٿيندءِ. ها، جوڙهين وري ڪم تي نه ٿي اچي. ڇنجانئس لالچ ۾ منهن نه وجهي، هي اسان واري ويڙهي وارا گهر ايترو ڏينس ٿا، پوءِ جو ٿي در در ڀٽڪندي وتي."

پوءِ ڊاڪٽر کيس سُئي هڻي ۽ ٽڪڙو ٽڪڙو ائين چوندو نڪري ويو، "يار هاڻي سالن کان پوءِ آيو آهين ته پنهنجي پياري موسي کي سنڀال، هٿن مان ويندءِ هليو."

مون ڏانهس نهاريو به نه ۽ موسي جي منهن ۾ نهاريو. هو خاموش اوطاق جي گلم تي ليٽيو پيو هو. سندس پٽ پئي پُني مَهتي. مون پٽس ڏي ڏٺو، الائجي ڇو مون کي موسي جي جواني ياد اچي وئي. پٽس جا مهاندا به اُهي ئي هئا، جيڪي پٽس جا هوندا هئا. موسو چوڪرات ئي هو جو منهنجي پيءُ وٽ نوڪري ۾ گهڙيو. اسين تنهن وقت ٻار هوندا هئاسين، پر هو جنهن نموني سان اسان ٻنهي ڀائرن جي خدمت ڪندو هو ۽ ساٿ ڏيندو هو، ڇڻ اسان جو سَنُ آهي ۽ هڪ جيڏو سرتو آهي. اسان به کيس پنهنجن دوستن وانگر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهندا هئاسين، توڙي ڪٽي جوان ٿي وياسين، نوڪرين وارا ٿي وياسين، پر موسي کي ڪڏهن نوڪر نہ سمجهيوسين. هو سنهڙي هڏ ڪاٺ وارو پر سهڻو جوان نڪتو. اسين سندس فيشني گلن وارا وار ۽ چوٽا ڏسي، بابي کي دانهن ڏيندا هئاسين.هن بہ ڪيس پٽن وانگر پاليو هو. مرڪي دڙڪو ڏيندو هئس: "موسيٰ، مارينِدوسانءِ، هڪ تہ پاڻ فيشني ٿيو آن، وري مون وارن پٽن کي بہ ڪارين ٿو."

اسان يڪدم پنهنجن اڏوگابرين فيشني وارن کي هٿ هٽي گُلُ ڊاهي سڌو ڪرڻ جي ڪندا هئاسين. وقت کي پَرَ هئا يا نہ، پر وقت اسان کي ائين اُورانگهي ويو هو جو موسي جهڙو جوان پَٽ تي پيو هو ۽ سندس پوٽڙو رت سان پريل هو!

مون کي اهو وقت بہ ياد هو جڏهن موسي سان اسان جو ناتو انسان دوستي ۽ ڀائپيءَ وارو وڃي رهيو هو ۽ موسي اسان جي نوڪري ڇڏي گهر وسايو ۽ هڪ جهوپڙائين هوٽل ۾ وڃي چانهہ ناهڻ لڳو. اتي ئي ماني جو ڌنڌو ڪ ليائين. پوءِ تريل گوشت جون چانپون، سيخ ڪباب ۽ ڀيون شيون ناهڻ لڳو، جو شهر جا شوقين روڊ تي گهمڻ ويندا هئا تہ موسي جي هوٽل تي ڪباب يا چانپون ضرور کائيندا هئا. مان عيد براد تي جڏهن بہ ڳوٺ ويندو هئس تہ موسي سان ڪچهري بہ هلندي هئي ۽ سندس ماني بہ کائبي هئي. جي نہ ويندو هئس تہ ڪڏهن چانپون، ڪڏهن ڪڪڙ پُڳل، ڪڏهن چا تہ ڪڏهن چا، ڊاڪئان پري گهر موڪلي ڏيندو هو. هڪ ڏينهن جيئن شام جو گهر پهتس تہ ڏسان موسي وارا ڊاڪئان ٻوڙ پلاءُ ۽ چاشني سان پريل هئا. مون امڙ ڏي نهاريو، مرڪي چيائين: "موسي جي اڄ شادي اٿئي. رات نڪاح اٿس، الائي ڪيترا دفعا پڇڻ آيو آهي تہ مون وارو صاحب آيو يا نہ."

مان تَڙ ٻڙ ڪري، ڪپڙا مٽائي، اوطاق تي پهتس تہ موسو بينو هو. اصل ڪنيي ويو. اسان بہ ڪيس ڳائي وڃائي پرڻايو. سندس شادي اهڙي ٿي جو اُتي جي راڄن بہ گهٽ ڏٺي ٻڌي هوندي. موسي وارن جو ڳوٺڙو شهر کان پريرو اسٽيشن جي پاسي ۾ هيو. سندن گهرن ڏي وڃڻ لاءِ همٿ ڪپندي هئي. پر مان وٽس ايسٽائين ويندو رهيس، جيسٽائين وري هو ڪم تي نہ چڙهيو ۽ مان واپس نوڪري سانگي هليو ويس.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ڏينهن مان ڳوٺ ئي هيس جو هو جيئن آيو تيئن مون کي ڇڪي گهر وٺي هليو ۽ سڌو اندر ڪٺي ويو. اڱڻ ۾ ٻه ڪٽون پيون هيون، هڪ ڪٽ تي هڪ سهڻي سيبتي نينگر ويٺل هئي. اصل ٽِڙي پيو. چي: ”ڏس، صاحب، هيءَ اٿئي منهنجي ڪنوار نوران. آهي نه سهڻي؟“

مان ڪا گهڙي ڪيس ڏسندو رهيس. نينگر واقعي سهڻي، جسم ۾ پريل هئي. اُتي ويٺي ۽ هٿ ڏيڻ لاءِ رئي جو پلئه جهليائين ته منهنجي ڪلهي تائين ٿي آئي. هلي ٿي ته اصل ڊيل هئي. رنگ جي پوري، منهن ۾ مشعالون پئي ٻريس. سندس ڪارا ڀنيا وار گوري منهن تي ٿهيا ۽ جرڪيا پئي، ۽ سندس وارن ۾ هڪ عجيب سونهن هئي. عجيب وٺاءُ هو. هلي پئي ته سندس چوٽو ڪيل وار لهرو ڪائيندا وَرُ واسينگ جيان پئي وريا. مون کي هوءَ مڪمل سونهن جي جوڙيل پتليءَ جيان لڳي، جنهن ۾ ڪا به ڪمي ڪا نه هئي. ڪلي پئي ته ڏند جرڪيس پئي.

”واقعي، يار ڪنوار ڀلي ملي اٿئي.“ مون کيس وَرُ وَرُ ڏسندي چيو. ويچاري نئين ڪنوار هوندي به چڱي خدمت ڪئي. جيسين ماني پچائي نه کارايائين، تيسين آرام نه آيس. وري جو مون کي ڏورانهين نوڪري ملي ته مان ڏانهن گهر لڙيس به ڪونه. باقي جڏهن به ڳوٺ اچبو ته موسي جي هوٽل تي ضرور وڃبو ۽ ڪچهري ضرور ڪبي، موسي به ٻه ٽي دفعا صلاح هنئي ۽ ماني جي دعوت ڏني، پر اسان جو پير پٽي تي به نه هجي. ڏار هوٽل ڪيڻ چاهيائين ته ٻنهه جهونپڙائين ڪَچي پڪي منّاهين نهرائي ڏني مانس ۽ سندس پنهنجو هوٽل زور تي هلڻ لڳو. پر هاڻ هو اصل اڃي لالچ ۾ پيو. ٻارهوئي چلهه تي چڙهيو ويٺو هوندو هيو. ٻاهه هٽي سٽي وڌس. ٻه ٽي دفعا بيمار ٿيو ته زوري شهر وٺي وڃي سندس علاج چڱي طرح ڪرايو مانس ۽ همراهه وڃي ڪرت سان لڳو. ڊاڪٽرن اِهو تاڪيد ڪيو هوس ته ٻاهه جو ڪم گهٽ ڪر. پر همراهه به ته مڙي. همراهه اولادي ٿيو ته پٽن جي طهرن جون خوشيون ڪيائين ۽ منّايون اڃي اسان کي شهر پهچايائين.

سندس منهن تي مرڪ ته هوندي ئي هوندي هئي. اُن وقت جي مرڪندو هيو ته اَڄ هھڙي هيٺي حال ۾ به مرڪ ساڻ هيس.

مون يادگيرين کي سندس مرڪندڙ منهن ۾ پئي پسيو: هاڻ سندس ڪنگهه

بند هئي، هو اُتي وينو هو ۽ وچڻ جي موڪل گهريائين.

”چيم ته حياتي الائي باقي گهڻا ڏينهن، سو وڃي پنهنجي صاحب کان موڪلائي اچان.“

”خير، خير آ. پر تون پاڻ چو آئين، نياپو ڪرين ها.“

”مون پنهنجي صاحب جي پٺي جي حاضري ڀري آ. وڏو صاحب اڄ دنيا ۾ ڪونهي پر اُنهيءَ جي اولاد جي هن دنيا ۾ مان ويندي به حاضري نه ڀري وڃان ته پوءِ لعنت آ.“ هو سهڪيو پئي. مون ڪيس پاڻي پياريو. هو پاڻي پي اُٿي کڙو ٿيو. مون ڪيس ٻانهن کان وٺي اچي موٽر ۾ اڳيان وهاريو. اصل وهلور پيو وڃي پر ڪيس ۽ پٺس ڪي ڪٽي آيس سندس ڳوٺڙي.

سندن گهر اسٽيشن پريان هيا، مون گاڏي اسٽيشن اوريان جهلي. ڪيس آهستي آهستي ريل جو بند ٽپائي اچي گهر ڀيڙو ڪيم. جڏهن ڪيس اچي اگڻ ۾ ليٽايم ته اُهي ئي ٻه ڪتون پيون هيون، جن تي هڪ ٻار ۽ ٻارڙي وينا هيا: ٻيو گهر ۾ ڪير ٻه نه هيو. گهر ۾ هڪ عجيب خاموشي ۽ ويراني هئي. ٻنهه ڳوڙها ڳڙي پيم. پرسان تي وينومانس، هو چپ چاپ پيو هو. ڊاڪٽر جون ڏنل گوريون ڦڪايون مانس. آهستي آهستي ڪيس گهيرٽ اچي ويو ۽ هو سمهي پيو. مان اُٿي اگڻ ۾ چڪر هڻڻ لڳس. ٽي ٻارڙا هيا. شاديءَ کي ست اٺ سال مس ٿيا هوندس. مون سوچيو: هي ننڍڙا ٻار ڪاڏي ويندا. موسي جي حالت واقعي صحيح نه هئي، مون ايندڙ گهڙين لاءِ سوچيو. منهنجي نظر ٻارڙن جي معصوميت ۽ ويچارپڻي تي ڪتل هئي. هو ويچارا ٻتَ ٻڌيا ڪٽ تي ٽنگون لڙڪائي وينا هيا. سندن سڪل هڙٻاٽيون- نڪتل چهرن تي ڪا ٻه خوشي ڪانه هئي. اوچتو ننڍڙو ڪڪو ٽپ ڏئي ڪٽ تان لٿو ۽ ڊوڙندو دروازي ڏي ويو. اچي برقعي سان ڪير اندر گهڙيو. هُن ننڍڙي کي ڪٽي ڀاڪر پاتو ۽ چمي ڏني. ٻيا ٻئي وڏڙا وينا رهيا. هُن اچي واري واري سان ٻنهي کي ڀاڪر پاتو.

”اوندهه ۾ چو وينا آهيو؟ نياڻ تو بتي چو نه ٻاري آهي؟“ هُن وڏي کي چڙٻيندي چيو. هوءَ برقعو اُچلائيندي، رنڌڻي واري پاسي تکي وئي ۽ گهڙيءَ ۾ لالٽين کنيو اگڻ ۾ آئي. مون کي جهڙو اوندهه جو احساس نه ٿيو هو تهڙو روشني جو نه ٿيو. اُتي ڄميو بيٺو رهيس. اوچتو سندس نظر مون تي پيئي. هوءَ ڀهريائين چرڪي وئي، پوءِ لالٽين اُبو ڪيائين. لالٽين جي روشنيءَ مون تي

پڇي يا نه پر سندس نقش چٽا ڏسڻ ۾ پئي آيا. پهريائين اوپري پئي لڳي پوءِ لڳي ته موسي جي اُهائي گهر واري جا ڪي ورهيه اڳ هن اڱڻ ۾ ڪنوار بڻجي آئي هئي. هن گندي ۾ وار ويڙهي پويان ورائي چڏي هئي، سندس سونهن جهڪي ضرور ٿي هئي پر سندس ڏيا ۾ ڪمي ڪانه هئي. سندس بت اڄ سنهو ۽ سوس ڪاڏل پئي لڳو، پر سندس قد اُهوئي وَرُ ڪائي ويل پئي لڳو. هوءَ اُنهيءَ ٻيل چال سان مون ڏانهن وڌي آئي.

”سائين، توهان ڪيڏي مهل آيا؟“ هوءَ مون کي چڳيءَ طرح سڃاڻي ويئي.

”بابا صاحب ڏي ويو هو اَمان. بابا کي ۽ مون کي صاحب ڪار ۾ وٺي آيو آهي، امان. بابا کي صاحب سئي هڻائي ۽ دوائون وٺي ڏنيون، اَمان. بابا کي صاحب گوريون به ڦڪايون.“ سندن وڏو پٽ جو اوطاق ۾ به خاموش هو ۽ هت به، پر هاڻ اصل کُلي پيو. هو ڳالهه ڪندو وجي ۽ سهڪندو پيو وڃي.

”چڱو، چڱو. سائين کي ويهار ته سهين. تو ته سائين کي چانهه به ڪانه پياري هوندي.“ هوءَ لالٽين اتي ئي نيڏڙي ٿهيل دڪي تي چڏي وئي. گهڙيءَ ڪان پوءِ رنڌڻي ۾ به روشني ٿي وئي. هُن شايد ٻيو لالٽين ٻاريو هو. هوءَ جيسين چانهه ڪٺي آئي، مان سندس ويچار ۾ رهيم. سندس سونهن پريي هڏڪاٽ ۽ وريل بت، اُنهن ساڳين جرڪندڙ ڏندن کي ڏسي ڪئين خيال آيم. مون موسي ڏي ڏٺو، هو نشي جي گورين سبب غشي پيو هو. مون سندس گهر ۾ غريبي جا مڪمل اهڃاڻ ڏٺا. مون ٻارن کي ڏٺو ۽ سندس مستقبل ڏٺو. بنهه چرڪي ويس. مون هڪدم نوران لاءِ واجهايو ته اُنهي سهڻي سيبتي جو ڇا ٿيندو. هوءَ جيئن رنڌڻي مان نڪتي ته سندس چال ۾ ڪوبه فرق نه هو. هوءَ ٻيل مثل هئي. هوءَ هٿ ۾ لوڏ سان ڪوپ کي به لوڏيندي آئي. گنديءَ سان پورهيت جيان وارَ ڍڪيل، مرڪندي هُن مون ڏانهن ڪوپ وڌايو. مون سندس هٿن ڏي ڏٺو. سندس هٿ ڪاراٽيل ۽ ٻاهه جا سڙيل هئا. سندس آڱريون بصر وڍي ۽ مانيون اٿلائي، ڦاٽي پيون هيون. انهيءَ جهڪي روشنيءَ ۾ هڪ اهڙي روشني به هئي، جا آهستي آهستي مون آڏو مشعالون ٻاريندي پئي وئي.

”تون ڪٿي ڪٿي ڪم ڪندي آن؟“

مون کي پنهنجي ڊاڪٽر سوٽ جا موسي کي چيل جملا ياد آيا. ڏٺم ته سندس چهري تي هڪ رنگ آيو ۽ هوءَ مرڪي ڏنائين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"کهڙا گهر ڳڻايانوَ. جت به پورهيو ملندو اهي، تت ويندي اهيان. پڳهار تي بيهان ٿي ته مالڪياڻيون تڪي پيسي تي به ڪرِ ڪرِ ڪن ٿيون. بس، پوءِ جيترو ڊوڙي سگهان ٿي ڊوڙان ٿي ۽ جيڪي روز سيني هنڌان مليم ٿو، گنج آهي. ڪٿي ماني پچايان، ڪٿي جنڊ مليم ته ڪٿي ٿانوَ ٻهاري."

مون ڏنو اصل بنهه کُلي پئي: "سائين، ڏسو سال کن ۾ ڇا ٿي ويو آهي. هاڻ ته روز گار به بند اٿس. چئي ٿو چاڪ ٿيان ته نياز کي ڪم سيکاريندومانس. هاڻي سائين نياز ڏسو ۽ هوٽل جو ڪم ڏسو. بس چيو اٿمانس ته دل نه لاهي. جيءُ جاءِ تي هيس ته ڪارايائين به ته چوڙڻ لاءِ به سي ڪي ڏنائين. بس رَب ڪو کيس تندرستي ڏي، باقي گهر جو خيال نه ڪري؛ مان پورهيو ڪري به پالينديس مان. کيس حيدرآباد به ڪٽي ويندم. نياز کي پڙهائي وڏو ڪندم. وري نياز هنن ٻن پلونگڙن کي سنڀاليندو. ها نه، نياز؟"

هن ڳالهايو پئي، مان الائجي ڇو ڪڙو ٿيندو ويس. هوءَ چوندي هلي وئي.

"سائين، مڙئي خير آ. مان پورهيي سان پڄي پوندم. موسي جهڙي مڙس سانُ سِرُ لڳي. هيءُ سر به گهري ته حاضر آ. شل ڏٺي هٿ سڄو ڏئيس گهر ڪٽي ونبو."

پوءِ هن جهڪي مڙس جي مٿي تي هٿ ڦيريو ۽ ڪوپ ڪٽي رڌڻي ۾ هلي وئي. مان کيس ڏسندو رهيس، مون کي هاڻ هن گهر ۾ ڪابه ڪمي يا غربت ۽ ويراني ڏسڻ ۾ ڪانه پئي آئي. هوءَ ٻئي لالٽين سان واپس اڱڻ ۾ آئي چڻ ته ڏينهن ٿي ويو. سندس هلڻ ۾ اهائي ڊيل چال هئي. سندس هٿ به پئي انهيءَ رفتار سان لڏيا. مان آهستگي سان اٿيس ۽ پوءِ ٻارن ڏي ڏٺم، سمجهيم ته سندن مستقبل به محفوظ آهي. مرڪي ٻارن جي مٿي تي هٿ رکيم ۽ کيسي مان ڏهين جا ڪجهه نوٽ ڪڍي کين ڏنم ۽ پوءِ کيس ڏٺم، اهوئي ڏيل، اهائي ڏيا، اهائي سونهن ۽ ڪابه ڪمي ڪانه. بي اختيار کيسي ۾ هٿ وجهي، سَون جا نوٽ ڪڍيم ۽ کيس ڏنم: بنهه مرڪي پئي.

"سائين، ٻارن جي خرچي ٺائين ته نيڪ آهي، پر مون لاءِ نه. توهان رڳو دعا ڪيو."

هُن مون کي نوٽ موٽائي ڏنا. الائجي ڇو مون کي ڏک ٿيو. پيسا کيسي ۾ وجهي، جيئن وريس پئي ته نوران بي خياليءَ ۾ لهندڙ گنديءَ کي مٿي ٺائين

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنيو ۽ ورائي ڏڪڻ لڳي. مون جيڪي پل ۾ ڏٺو، انهيءَ مون کي پگهرائي ڇڏيو. نوران جو سچو متو اڇو ٿي ويو هو ۽ اڇاڻ چانديءَ مثل جرڪي پئي مان جمي بيهي رهيس. مون کي هاڻ ڪنهن ڪميءَ جو احساس ٿيو ۽ پوڙهي وڏي مون سندس متي تي هٿ رکيو. هن ويلي سندس ڳوڙها ڳڙي پيا ۽ هو اوچنگارون ڏئي رُئڻ لڳي.

●

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چور ڪير، ساڌ ڪير؟

حاجي شاهه محمد خار مان سونهاريءَ تي هٿ ڦيريو، پوءِ ٿڌو شوڪارو ري فرش تي وينل مائيءَ ڏانهن ڏٺائين. مائي ٻنهي اوچنگارون ڏئي پئي رنو ۽ هائي دانهن هيس:

”اڙي او حاجي، آخر ٻار آهي. اول ته هن چوري نه ڪئي آهي، پر جي غلطي ٿي اٿس ته معاف ڪرينس.“

حاجيءَ آهستي ڳالهائڻ جو اشارو ڪيس.

”مائي بابا، معاف ڪرڻ واري مٿين ذات آهي، مان ڪير ٿيندو آهيان. مان پاڻ گنهگار عيبدار ٻندو آهيان. مون جيڪي ڏٺو، انهيءَ جي شاهدي ڏني. تنهنجو پٽ چور آهي. منهنجي دوڪان مان پئسا ڪڍي پئي ڀڳو. جي مان تڪڙو سلام نه ورايان ها ته هيءَ ته پينگ ڪري ڇڏي ها.“

”او حاجن سائين، تو جيڪي ڏٺو، اهو اکين تي. پر ڪڍي ته ڪجهه نه ويو، ڇورو منهنجي بيماريءَ ڪري بتال ٿيو هو. هاڻ تو ئي پوليس ۾ ڏنو اٿس ۽ تون ئي چوندين ته ڇٽندو نه ته ٿيپ کائيندو.“

حاجيءَ جون اکيون ڳاڙهيون ٿي ويون، ”ٿيپ؟ ٿيپ تي چئين، هاڻ ته قانون اهو آهي ته چور جو هٿ وڍي ڇڏجي. سندس هٿ وڍبو ڪرائيءَ وٽان. مائي تون ڇا ٿي سمجهين. حاجي شاهه محمد جي دوڪان تان چوري ٿي ڪيائين، ڪنهن ٿلو ٽوپڻ جي دڪان تي ڪو نه ويو هو. جي قانون ڪيس رڳي ٿيپ ڏني ته مان سندس هٿ وڍيندس.“

حاجي شاهه محمد هاڻ ڏاڍو تپي ويو هو. سندس نظرون ٻار ٻار ڪاٺ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي پيتيءَ ڏانهن پئي ويون. جتان مائيءَ جي نينگر پئسا ڪڍي وٺي ڊگ پاتي هئي. پر حاجي شاهه محمد ڪوڻ سڏائي. سلام ائين ورايائين، جو نينگر کي خبر ئي نه پئي ۽ وچي ڳتڙ ڪان جهليائينس. چوڪر قابو ٿي ويو. غريب جو ٻار، ڪير ڇڏائيس. سندس عزيزن ڪن ڏينهن کان زور لاتا. هاڻ جڏهن خبر پين ته سزا ڪائي ويندو ته سندس ماءُ آئي ايلاز منٿ ڪرڻ. پر حاجي ڪاٿي ٿو مڙي.

دڪان ۾ هاڻ خاموشي هئي. حاجي ڳالهائي تڪو هو. مائي روئي بس ڪئي هئي. ائين ڪندي مائي اتي ۽ دڪان کان ٻاهر وڃڻ لڳي. هوءَ دڪان جي در تي وڃي بيهي رهي ۽ پوءِ ڊڪيل منهن ڏانهس ورائي چيائينس:

”حاجي مان وڃان ٿي، پر اهو ياد رکجانءِ، جي منهنجي پٽ کي ڪجھ ٿيو، ڪنهن سندس جسم کي هٿ به لاتو ته ـ پوءِ، ته پوءِ...!“

”پوءِ ڇا؟ ڇئه، پوءِ ڇا؟ تون ڇا ڪندينءِ. ڌمڪي ٿي ڏين. هڪ چوري ٻي سينازوري.“

”مان سيني کي ٻڌائيندس ته تون ڪهڙو اشراف آهين. تو ننڍي هوندي ڇا نه ڪيو. اڄ سيٺ ٻڻيو آهين. اهي ڏينهن ياد ڪر جڏهن ماڻهن جي عزت....!“

”بس ڪر رَن. ڪيانءَ نه تاراج. گاريون ٿي ڏين. نڪر هتان، ڇوانءَ تو ڪر هتان. پر تون آهين ڪير؟“

جيئن شاهه محمد دخل تان اتي دڪان جي در وٽ پهتو ته ڏنائين ته رڙين ني ماڻهو مِڙڻ شروع ٿي ويا هئا. حاجي شاهه محمد اتي ڪجھ تڏو ٿيو. ڇگو، ڇگو، هاڻ تون هل.“

مائيءَ ماڻهو ڏسي، ڪيس تڏو ٿيندي ڏنو ته وٺي ٻتالي ڪاڏو:

”مان ائين نه ويندس، جيستائين تون منهنجو پٽڙو نه ڇڏائي ڏيندين.“

”بابا، ڇيم ته هل هاڻي، گراهڪي نه ڪار. تنهنجي پٽ جو فيصلو ڪورٽ ڪندي. هل هاڻي، ڇيم نه!“

”حاجي، مان ڇوانءَ ٿي ته ايڏو ظالم نه ٿي. چوڪر کان غلطي ٿي، سا ٿي.“

حاجي ماڻهن ڏي ڏٺو. پاڙيسري دڪاندارن ڏانهن ڏٺو. هن نيٺ پاسي واري دڪاندار کي چيو، ”ادا هاشم، هن مائيءَ کي ٻڌاءِ ته ڪيئن سندس پٽ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيتيءَ مان ڏوڪڙ ڪڍي وٺي پڳو. رڙين تي تون بہ ائين. تو سندس هٿ ۾ ڏوڪڙ ڏنا، الله ڪارڻ تو بہ شاهدي ڏني. پيٽسان اسان جي چوري تئي ۽ فرياد بہ نہ ڪيون!"

ائين مائيءَ هاشم ڏانهن گهوري نهاريو. سندس منهن تان هاڻ ڪجهہ پلنہ هٽيل هو.

"سيٺ هاشم، ان مهل الله ڪارڻ شاهدي ڪو نہ ڏني هيئہ، جڏهن حاجي صاحب، غلام علي مستريءَ جي گهران چوري ڪري نڪتو هو،سامان بہ تہ ڪڍايو هيئہ."

هاشم جو رنگ پيلو ٿي ويو.

"سيٺ، ڊڄ نہ، اهااج جي ڳالهہ نہ آهي، جڏهن تاجن جي ميڙا چونڊي چورائي اچي ميري جي گهر رکي هُيوَ."

حاجي شاهہ محمد تہ سُن ٿي ويو. سيٺ هاشم سيڌي وارو جيڪو پيلو هيڊو ٿي ويو هو، تنهن آهستي پاڻ سنڀالڻ شروع ڪيو. هن مجمعي ڏانهن ڏنو ۽ پوءِ ٽپ ڏئي حاجيءَ جي دڪان جي ڊِڪي تي ٿي ويٺو.

"هلو بابا، هلو، دڳ ڇڏيو. هلو هتي ڪا منائي تي ورهائجي چا؟ هيءَ مائي آهي چري، پٽس پيو آ ڍڪ ۾ تہ ٿي آ بتال . توهان هلو هتان!"

مائيءَ هيڏو ميڙ ويندي ڏنو تہ وري ٻر ٿي ويئي، "اڙي بابا، ٻڌو ائين نہ وڃجو. نہ هاشم سيٺ آ نہ حاجي وڏو ماڻهو آ. ٻئي نورپور جا مشهور چور ڳنديچوڙ آهن. هي شهر ۾ اچي وڏا ماڻهو ٿيا آهن. هنن جو اصل نسل تہ ٻڌو، ٻيهو." مائيءَ جو منهن هاڻ ڪليل هو.

پر انهيءَ وچ ۾ ماڻهن وٺي تاهہ ڪاڏو. ڪٿان ڪو پوليس وارو اچي نڪتو، وٺي لٺ ڦيرايائين. گهڙيءَ ۾ اُت ڪير ڪونہ هو. مائي دڪان جي دڪيءَ تي اڪيلي ويٺي هئي.

"چا جو گوڙ لڳايو اٿئي، مائي؟ چا ڳالهہ آ، حاجي صاحب؟"

حاجي، جيڪو انهيءَ وچ ۾ دپ کان اندر وڃي ڪخل تي ويهي رهيو، تنهن اتان ئي وراڻيس، "ڪجهہ ناهي، بس چرڙي آهي. پوليون پئي ٻوليائين،

سو ماڻهو اچي مڙيا!“ حاجيءَ وڏو ٺهڪ ڏنو. سپاهي به ڪلندو بزار ۾ اڳتي وڌي ويو.

هاڻ هاشم وري پنهنجي دڪان مان نڪري سُري آيو. سڌو اندر حاجي وٽ وڃي بيٺو.

”واهه حاجي، واهه! واهه جي پنهنجي ۽ ٻين جي عزت ڪرائي اٿئي. تو ڪيس سڃاتو به نه.“

”ڇڏ، يار ورهيه ٿيا، جوانيءَ جي ڳالهه هاڻ ٿي ياد پوي. پر، يار هاشم، هيءَ جنان آئي ڪٿان؟“ حاجيءَ سرٻاٽ ڪيو.

هاشم مائي جنان کي ڏنو ته جنان رنو پئي. هو ڪيس اندر وٺي آيو. ڪيس انهيءَ صندل تي وهاريائين، جتي حاجي ويٺو هو. پوءِ هو پاڻي کڻي آيو. مائي جنان جو جهريل چهرو سڄو ڳوڙهن سان پرجي ويو هو. هن ڏڪندڙ هٿن سان پاڻي پيتو ۽ پوءِ حاجيءَ ڏانهن گهوري نهاريو. سڏڪندڙ لهجي ۾ چچريل آواز سان چيائين، ”سائين حاجي صاحب، مون کي سڃاتوَ؟“

حاجيءَ ڪنڌ سان هاڪار ڪئي. مائي يڪدم حاجيءَ جي پيرن تي ڪٽي هٿ رکيا: ”مون کي پٽڙو ڇڏائي ڏيو.“

حاجيءَ ڪنڌ سان هاڪار ڪئي.

مائي جنان اتان اٿي وڃي دڪان جي ٻاهران ڏِڪيءَ تي ويهي رهي. هاڻ هوءَ رُني ڪانه پئي، آسروند ويٺي هئي. اندران حاجي شاهه محمد ڪيس ڏسندو رهيو. چاليهه ورهيه هن ڪيس نه ڏٺو هو. هُن اڄ ڪيس ڏٺو هو. هو ڏسندو رهيو.

هوءَ سندس گهر ڪان ڀڳل زال هئي. هوءَ سندس چوريءَ جي عادتن ڪان ڀڳي ۽ ساڌ ٻڌڻ لاءِ جبل جهاڳڻ نڪري پئي. اڄ هو ساڌ هئا، هيءَ چور هئي.

ڏِڪيءَ تي ويٺل هڪ عورت، جا سماج جي چور هئي، سندس پٽ به چور هو. هوءَ خاموش هئي. شايد ايستائين، جيستائين سندس پٽڙو جيل مان ڇڏائجي نه ٿي آيو.

●

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تنهنجو سفر ـــ منهنجو سفر

ويٽنگ روم جي بيري جئين ئي ٻڌايو ته گاڏي پليٽ فارم تي لڳي وئي آهي، مان ٽپ ڏئي اٿيس. مون اوورڪوٽ پاتو، مفلر ويڙهيم. لوئي ويڙهي ٻانهن تي وڌم. ٽيلهو لوڏيندو جئين ٻاهر نڪتس ته وِله وڪوڙي وئي. منهن جهٽ پل ۾ سُن ٿي ويو. مون کي لڳو ته منهنجي سفر جي هيءَ تمام سرد رات هئي. منهنجو هيءُ سفر ٻنهه نئون ته نه هو، پر گهڻي عرصي کان پوءِ ڪم سانگي هن پاسي ويس ٿي. منهنجو رخ پاڙهي انهيءَ پاسيري پليٽ فارم ڏي ٿي ويو، جتي هن جنڪشن اسٽيشن تان فيڊر لائين واري گاڏي تيار بيٺي هئي. مان جيستائين ان پليٽ فارم تي پهتس، تيستائين مان جمي برف ٿي وڃان ها، جي مان پري کان ٻاهه ڪڍندڙ انجڻ، جنهن شوڪارا پي پريا، جو سيڪ نه محسوس ڪريان ها. رڙهندو پليٽ فارم تي ته پهتس پر مون کان فرسٽ ڪلاس ڳوليو نه ٿي لڀيو. پليٽ فارم تي ڪا به بتي ڪانه هئي. پري کان ٽمڪندڙ بتين تي گاڏو ڳوليم ۽ دروازو کولي جئين اندر ٿيس ته پيٽ ۾ ساهه پيم. مون هڪدم دروازو بند ڪري اوسي پاسي واريون دريون بند ڪيون. پليٽ فارم تي مون کي ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو ڏسڻ ۾ آيا. جي نوان مسافر آيا به پئي ته يڪدم ڪنهن نه ڪنهن گاڏي ۾ گهڙي ٿي ويا. پارو به پارو هو، اصل چوي ته اڄ نه پوان ڪڏهن پوان. منهنجيون ته چاڙيون پئي ڪڙڪيون. ٽيلهو مٿن کان رکي ٽپ ڏئي مٿين سيٽ تي چڙهي ويس. اوورڪوٽ سوڌو سڌو ٿي ليٽي پيس. مٿان ڪٽي لوئي وڌم. ڏڪڻي اڃا بند نه ٿي هئي. خبر هيم ته گاڏي اڃان هلڻ ۾ اڌ منو ڪلاڪ ڪائيندي. پڇتايم ته ويٽنگ روم کي ٽڪڙو ڇو ڇڏيم. خبر هوندي به دل ۾ بيري کي پئي گاريون ڏنم، جو هن جي اشاري تي نچندو ڪڏندو ٻاهر نڪري آيس، جڻ ته صبح واري سير تي پيو وڃان. جهٽ پل کان پوءِ ڪجهه ساهت ۾ آيس. ٻت ۾ گرمي آئي ته آرام آيو. گهڙيءَ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇتو پٽو ڏنم ته هيءَ ته ٻنهه ننڍي نيٽي نينگر هئي. هن همراهه ڪيس برقعو پارايو. ڪيس ڇڳيءَ طرح ڍڪي پاڪر ۾ پيري هو دروازي تي وٺي آيو ۽ دروازو کوليائين. ماڻهن جو وڏو گوڙ هو. هاڻ ته گاڏو به روشن هو مون هاڻ ڇتو ڏٺو ته ـر ته ٻنهه ننڍو جوانڙو هو ۽ اجا ائين پڌل وينو هو. مون کي مڇن واري آيل ساوڪ به پئي نظر آئي. جڏهن ڪن همراهن اچي سامان لاٿو ته هيءَ نينگر به اٿيو. هو جيئن لٿو ته مان به ٽپ ڏئي هيٺ لٿس. شيشي واري دريءَ مان ٻاهر ڏسڻ لڳس. ننڍي اسٽيشن هئي، پر وڏو ميلو هو. وڏي ڇڄ پئي لڳي. بين گاڏن مان به ماڻهو، عورتون ۽ ٻار لٿا. ات به ماڻهو، ٻار موجود هئا. جيئن گاڏي اڳتي هلي ته ان جوان ڪنڌ کڻي گاڏيءَ ڏي حسرت سان ڏٺو. هن جون منهنجون نظرون ٽڪريون. مون سندس اکين ۾ اداسيءَ جا پل ۾ پاڇولا ڏٺا. گاڏي اسٽيشن کان نڪري آئي. مان مانٽ ۾ اچي ويو هئس، هاڻ هيٺ ٽي ويهي رهيس. هوا ۾ مٽي احساس ڏياريو ۽ مان دروازي جي ٽڙڪن کي بند ڪرڻ لاءِ اٿيس. دروازي وٽ آيس، هاڻ ڏينهن هو، مان ڪا گهڙي ان هوا ۾ مٽيءَ جي تيز جهوٽن کي سهندو رهيس. مون کي هاڻ سيءَ جو ٻنهه احساس نه پئي ٿيو. گاڏي جيئن ڪنهن اسٽيشن تي پهتي ته مان هوش ۾ آيس. سامهون ٽڏ ۽ ڪوهيڙي ۾ ويڙهيل سهٽو ننڍو شهر هو. مون اسٽيشن جو نالو پڙهي پڪ ڪئي، پوءِ يڪدم ٿيلهو سنڀالي لهي پيس.

انهيءَ شام ئي منهنجي واپسي ٿي هئي. ڪم ڪار لاهي سانجهيءَ ٽاڻي اچي اسٽيشن پيڙو ٿيو هوس. اسٽيشن جي ٻاهران هڪ ننڍي هوٽلڙي هئي. گهربت چانهه ڪجهه بت ۾ گرمي آندي. ٿڌ لهندي پئي وئي. مان چپ چاپ اسٽيشن جي ٻاهران ٿهيل اونداهي مسافرخاني ۾ هڪ بينچ تي آهلي پيس. اُتي ويٺي سڄي ڏينهن جي ڪم ڪار تي سوچيم ئي پئي ته اسٽيشن تي گهنڊ وڳو. مان اوورڪوٽ اوڙهي، لوئيءَ جو ٻُڪل هٽي اچي پليٽ فارم تي پهتس.

هيءَ اسٽيشن ننڍي هئي. ان جو پليٽ فارم ڪچو ۽ ڌُسڙ وارو هو. هڪ ٻن هنڌن تي لالٽين ٽمڪيا پئي. هڪ ٿڌ، ٻيو رات واري گاڏي، ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو اسٽيشن تي، هئا. گاڏي ڪسڪندي گسڪندي اچي بيٺي. اُهي ئي گاڏا، اُها ئي انجڻ هئي. ٽپ ڏئي انهيءَ صبح واري گاڏي ۾ وڃي وينس. گاڏي ۾

ڪهڙي شرط هڪ هڳاءُ آيم. يڪدم صبح وارو نظارو ياد آيم. ڪا گهڙي هينيءَ سيٽ تي ويهي ويچاريم. ڪجهه ڳالهه سمجهيم، ڪجهه بنهه ڪونه. ٽپ ڏئي تيلهو مٿي ڪان ڏئي مٿينءَ سيٽ تي وڃي اَهليس. گاڏي لوڏا لُما کائيندي هلي ۽ جيئن هڪ اسٽيشن تي بيٺي ته دُهل شرناين جا ڌڌڪا ۽ ماڻهن جو گوڙ ٻُڌم. اندازو نه لڳائي سگهيس ته ڪهڙي اسٽيشن آهي، پر دل ۾ خوش ٿيس ته اچوڪو ڏينهن سدورو آهي جو ايندي به ڄڃ مليم ۽ هاڻ ويندي به دُهل ۽ شرنايون. ائين دروازو زور سان کليو. ڪي ماڻهو اندر آيا. سامان رکيائون. ٽي ٻاچا هئا. هڪ عورت هئي، جيڪا انهيءَ ئي سيٽ تي ويهاريائون، جنهن تي صبح جو ڪنوار ويٺي هئي. ٻاڻ ٻئي وچينءَ سيٽ تي ويٺا. جيئن ويجها ڏٺم ته سڃاتم. همراه ٻئي ساڳيا هئا. هن دفعي به سانت هئي، صرف چوڙين جي وڄت ٻڌم.

گاڏي هن دفعي ڪجهه دير بيٺي، شايد ڄڃ ٻئي چڙهي. گارڊ سيٽي ڏني ۽ گاڏي ڪوڪ ڪئي ته اڌڙوٽ همراهه اُٿي ڪڙو ڏيو ۽ سَٽ پائي هُن عورت جي مٿي تي هٿ رکيائين ۽ اُن ننڍڙي همراهه کي پٽڪو ڪري چيائين: ”گل، اَديءَ جي پارت اٿئي. منهنجي پياري ۾ پياري ڀيڻ آهي. خيال ڪجانئس.“ پوءِ هو در کولي لهڻ تي هو ته ننڍي نينگر به هن دفعي پٽڪو ڪيو. پر اهو پٽڪو صبح ڪان ڪو روڪيل هو. يڪدم وڏو واڪو ٿي ويو.

”ادا، او ادا. منهنجي ننڍڙي ڀيڻ سڪيلڌي مومل جو خيال ڪجانءِ.“

ائين چئي هُن دروازو بند ڪيو ۽ اندر اچي اوڇنگارون ڏئي روئڻ لڳو. گاڏي هلي ته به هو سڏڪندو رهيو. برقعي واري عورت، جيڪا هاڻ سمجهيم ته سندس ڪنوار آهي، اُٿي اچي هن جي پاسي ۾ ويٺي. هُن برقعي جو مٿيون حصو لاهي ڇڏيو ۽ پوءِ هُنَ نينگر کي آهستي وٺي هنج ۾ ليٽائي ڇڏيو. اُهو نينگر ننڍي ٻار جيان، جيڪو ماءُ جي هنج ۾ هڙڪندو ۽ سڏڪندو آهي، اُن وانگر ٻئي رُنو ۽ هنجون هارَيائين. گاڏي اچي وڏي اسٽيشن جي ويجهو ٿي ۽ روشنيءَ جا ٻاچولا نهڻ لڳا. گاڏي ۾ روشني اچڻ لڳي. مون ٿورڙو نئڙي ڏٺو، مائي ويچار ۾ هئي. هُن جيئن منهن هن پاسي ڪيو ته مان ڇرڪي ويس.

هيءَ عورت وڏي عمر جي پڪي مائي هئي. سندس وار مينديءَ ۾ ڳاڙها ٿيل هئا ۽ سندس هنج ۾ اُهو نينگر ائين پئي لڳو، ڄڻ واقعي هڪ ٻارڙو روئي

پنھنجيءَ ماءُ جي ھنج ۾ ستو آھي. گاڏي جيئن بيني تہ اھي ئي دھل شرنايون ۽ ماڻھن جو گوڙ ھو. جوانڙو اٿيو، آرس ڀڳائين. زال کي برقعو پارايائين، پوءِ پليٽ فارم تي لاٿائين.

ھن دفعي گاڏي وڏي پليٽ فارم تي آئي ھئي. روشني ئي روشني ھئي. گھڙي ترسي مان ٿپ ڏئي مٿان ھيٺ لٿس ۽ در وٽ وڃي بيٺس. پانيم تہ ڇڄ ھلي وئي ھوندي، پر ڇڄ اتي ئي بيٺي ھئي ۽ سامھون مونکي اھوئي نينگر نظر آيو، جنھن جي مڇن تي ساوڪ مس آئي ھئي ۽ ھو گھوٽ بڻيو بيٺو ھو. قدرت وري اھڙي جو يڪدم اسان ٻنھي جون نظرون مليون. سندس اکين ۾ اھائي حسرت ۽ اداسي ھئي. پر ھن ويلي ٿورو ترسي ھو مرڪيو، پر سندس مرڪ ڦڪي ھئي.

مون سامان سھيڙيو، ھيٺ لٿس ۽ وٿس ويجھو ويس پر ڪجي نہ سگھيس، ڇاڪاڻ تہ ھو ھُن جو سفر ھو، ھيءُ منھنجو سفر ھو. ٿيلھو لوڏي ٽڪڙو اڇي ويٽنگ روم پيڙو ٿيس. ھن ويلي نہ ولِھ ڪنيم، نہ ڏڪٽي ورتم. يڪدم ٿيلھو کولي نوٽ بڪ ڪڍيم. لکندي محسوس ڪيم تہ ھن نوجوان کان منھنجو سفر مختلف نہ ھو. پوءِ مون لکيو:

”محترم سائين، اڄ اوھان ڏي جنھن ڪم سانگي آيس، ڏک اٿم تہ اھو واعدو نڀائي نہ سگھندس. اوھان جي مجبوري نياڻي آھي، پر منھنجي مجبوري اھا آھي تہ اوھان جي نياڻي مون کان ٿيھہ ورھيہ ننڍي آھي، ۽ ھيءُ سڱ مون پنجاھہ جي پيٽي ۾ آيل جھوني کي نٿو سونھين. وڏو ڏک اھو اٿم تہ بدلي ۾ ٻہ تہ مون وٽ ڪو سڱ ڪونھي نہ تہ شايد ايڏو بار نہ ٿئيم ھا. اوھان کي ڏنل رقم ان جو بدل نٿو سمجھان. جيڪا رقم ۽ سامان اوھان کي ڏنو اٿم، اھو پنھنجي نياڻيءَ کي ڏاج ۾ ڏيندا. اميد تہ مون کي معاف ڪندؤ.

نياز مند

چٺي لکي لفافي ۾ وجھي بيري کي سڏ ڪيم. ھو ڊوڙندو آيو، ”صاحب! گاڏي تيار آ.“ ھن دفعي مون ٽڪڙ نہ ڪئي. مان کيس لفافو ٽپال جي ڊبي ۾ وجھڻ لاءِ چئي، آرام ڪرسيءَ تي ٽنگون پساري ليٽي پيس. ڇاڪاڻ تہ ھيءُ منھنجو نئون سفر ھو.

●

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اسان اُڏارا آٽي آونگ چاڙهيا

اسان وٽ ترَ ۾ دوستيون ٻُڌنديون ۽ ترنديون آهن، پر اسان جيئن سيٺ خدا ڏني کي نياز محمد تي ساهه چڱيندو ڏٺو، اها ڇڻ اڻ ٽيٽي هئي. ٻي شادي نياز محمد ڪئي، ٽڙي اصل سيٺ خدا ڏنو پيو. ڏاڍي پوتي ته هيس پر سيٺ خدا ڏني جو خيال هو ته زال مٽيل چڱي. سو نياز محمد ڳولي وڃي اهڙي لڌي جو ڪانئس ته وڏي هئي، ۽ ساڻس گڏ هڪ پُٽ به هو. پر شادي، شادي هئي، سا به نياز محمد عشق ڪمائي ڪئي هئي. خوشيءَ ۾ نه پئي ماپيو، ڇڻ ڪيپ ڪٽي هئائين. سيٺ خدا ڏني به نچي ڪڏي پرڻايو هيس.

اصل ۾ نياز محمد جڏهن ننڍو هو ته اچي سيٺ خدا ڏني جي پنسارڪي دڪان تي نوڪر ٿيو ۽ پُڙيون ٻڌي وڏو ٿيو. اچي جو خدا ڏني کي پاڳ لڳو ته وڏو واپاري ٿي ويو. ان سان گڏ نياز محمد به: سيٺ نياز محمد ٿي ويو. سيٺ خدا ڏني جو پائيوار ۽ ڪرتا ڌرتا اصل ۾ نياز محمد ئي ته هو. گيهه جي ايجنسي هجي يا پاڻ جي، اَن جو واپار هجي يا ڪنهن ٻي جنس جو، سيٺ خدا ڏنو ساڻس نه رڳو پائيوار هو، پر وک وک تي صلاحڪار به هو.

چون ائين ٿا ته سيٺ خدا ڏني جو نياز محمد سان ڏاڍو پيار هو. اصل ڪا ميخ لڳل هئس جو گهڙي به کيس پري نه ڪندو هو. رات هجي يا ڏينهن، سيٺ خدا ڏنو ۽ نياز محمد جُٽَ هوندا هئا. گهڻو ڪري سيٺ خدا ڏنو ماني ئي نياز محمد وٽ کائيندو هو. جڏهن کان نياز محمد نئين زال پرڻيو ته سيٺ خدا ڏنو گهڻو وقت نياز محمد جي نئين گهر گذاريندو هو. هيءَ نئين مائي گلان، نياز جو عشق ته هو، پر هئي چڱي عمر جي. سيٺ خدا ڏني سان ته

سن مک ٿي ايندي هئي ۽ ٻئي اور گهور ويندي هيس. سيٺ خدا ڏنو ڏاڍو خوش ٿيندو هو، جڏهن مائي گلان کيس زور ڏئي، ننڍڙي ڪرائيندي هئي.

هوڏانهن وري نياز محمد کي ٻہ ڪو سال ئي ڪو نہ گذريو تہ اچي بيمار ٿيو ۽ ڪنگهہ ڪڙڪو ٿيس. چاليهن پنجيتاليهن جو هوندي بہ لڳو پئي تہ ڇڻ سٺ جو آهي. سيٺ خدا ڏني دوا درمل تہ ڪرايس، پر ڏس بہ ڏنائينس تہ ٿين شادي ڪر پر ننڍي نيتي، بنهہ جوان ٿي پوندين. نياز محمد بہ سيٺ خدا ڏني جي هشڪر ۽ ڏوڪڙن جي زور تي ٿين شادي بہ ڪري ورتي. ننڍي نيٽي حُسنا ڇڻ خريد ڪري آيو. پر نياز محمد ۾ وت ۽ ست گهٽو هو؟ نئين شادي اچي پاسا ورتس. خبر تڏهن پئي جو اچي کٽ تي پئجي رهيو. واپاري پلو هو ۽ ساک چڱي هيس، ڪجهہ ڏينهن تہ جالاري ويو، پر آهستي آهستي هو پوئتي پئبو ويو.

سيٺ خدا ڏنو منجهند ٽاڻي دستور موجب وٽس ايندو هو، ۽ ڪائنس طبيعت پڇي دوا دارون جي ڪري، هو ٻئي ڪمري ۾ کٽ تي چڙهي ويهندو هو. هاڻ وري نياز محمد جي نئين زال حُسنا ماني کڻي اچي اڳيان رکندي هيس. هو جيسين ماني کائيندو هو، حسنا وچٽو هٽندي هيس ۽ پوءِ جڏهن سيٺ خدا ڏنو ننڊاکرو ٿيندو هو تہ حسنا کيس زور ڏئي سمهاريندي هئي. ڪڏهن سيٺ جو خيال ڦرندو هو تہ گلان واري پاسي، ان جي ڪمري ۾ هلي ويندو هو ۽ هوءَ بہ ائين خدمت ڪندي هيس، جيئن هو وٽس اڳ ايندو هو. ڪڏهن اوٻاريون لهواريون ڪندس، ڪڏهن ماني ٽڪر کارائي ننڍڙي ڪرائي، شام جو دڪان تي روانو ڪندي هيس. باقي نياز محمد جي ڏاڍي پوٽيءَ واري گهر، هاڻ گهٽ ويندو هو. ڪنهن زماني ۾ تہ وڏا ڦيرا هيس. هاڻ جڏهن بہ ويندو هو تہ سجو گهر کيس پير ڪري مٿي وهاريندو هو. مائي ۽ نياٽيون پيرن ۾ ٻيٺيون هونديون هيس ۽ خدا ڏنو اُت بہ پَرسن هوندو هو.

نياز محمد جي بيماريءَ ۾ بہ هو سيني گهرن کي خرچ پکو پهچائيندو رهيو ۽ سندس ڪاروبار کي بہ هلائيندو رهيو. هوڏانهن وري نياز محمد جي علاج ۾ وسان نہ گهٽايائين. ڪو ڊاڪٽر، ڪو شهر، ڪا اسپتال نہ ڇڏيائين. پر نياز محمد آهستي آهستي پوئتي پوندو ويو ۽ نيٺ پنجاهہ جي پيٽي ۾ هيءُ جهان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڏيائين.

سيٺ خدا ڏنو نهايت جهان‌ديدو ۽ ڏاهو ماڻهو هو. ڪرائڻ ڪي ته هن نياز محمد ڪي ٽي شاديون ڪرايون، ان ۾ سندس مرضي به شامل هئي، پر هاڻ جو ان مان عيال ٿيو ۽ خرچ پڪو ايترو ته پي هليو جو سيٺ خدا ڏني جهڙو ماڻهو ته بنهه ويچار ۾ ڏڇي ۾ پئجي ويو. نياز محمد ڪي پهرين زال مان ٽي جوان ڌيئر ۽ هڪ پٽ هو. گلان هڪ جوان پٽ رانجهو ڪٽي ته آئي پر بي اولاد رهي. حسنا هڪ ڌيءُ ڄڻي ۽ اجا هنج تي ئي هيس جو نياز محمد هيءُ جهان ڇڏيو.

سيٺ خدا ڏنو پاڻ اڪيلو هو جو ڪو زمانو ٿيو ته سندس زال گذاري وئي ۽ نه وري ڪيس ان مان ڪو اولاد ٿيو. سيٺ خدا ڏني جي زندگي، دڪان، اُن سان لڳ پاسي ۾ اوطاق، نياز جي سنگت ۽ ان جا ٻار هئا. پر هُنَ انهن سيني ڪان اُتم حقيقت ۾ پيسي ڪي رکيو. واپار هڪ پئسي ڪان شروع ڪيائين، هو اڄ لکن ۾ هو. ڪانئس پئسو ڇڏائڻ به مشڪل هو. سندس لاءِ مشهور هو ته وٺانئس ڪانگ به نيرانا ويندا هئا. هُن جي ماني به ٻاهر هوندي هئي. نيرن منجهند نياز جي گهر ته رات جي ماني، ڪير ۽ جوئر جي ماني ڀاءُ جي گهر ڪائيندو هو ۽ اتي ئي اباڻي گهر ۾ رهندو ڪندو هو.

گهر هلائڻ جو ڪو خاص تجربو ته ڪو نه هئس، پر هاڻ ٽي گهر سندس حوالي هئا. نياز جو ڏنڏو پڻ ڪيس مليو. ڏوڪڙ پئسا ڏراوتون سيئي ڇڻ ته سندس ٿيا. نياز جي ٽنهي گهرن ڪيس اهو ئي پير ڪري پئي پوڄيو، جيئن اڳ هو، ائين ئي هر گهر ۾ ويندو هو. مانڙي ڪائي زور ڏياريندو هو جو زور سندس ڪمزوري هوندا هئا. شام ٿاٽي واپس دڪان تي ايندو هو ته سندس ٽڪ لٽل هوندا هئا. پر جيئن جيئن هو پئسا روڪيندو ويو، ٽنهي گهرن ۾ مانڊاڻ مچندو ويو ۽ خدا ڏني ان ٽمجهڻ ڪان بچڻ لاءِ اڇڻ وڃڻ به گهٽائي ڇڏيو ۽ ماني دڪان تي نياز جي اڳ جائي رانجهوءَ جي هٿان گهرائي وٺندو هو. هاڻ منجهند اوطاق تي گذاريندو هو. جڏهن هن خرچ ڪان بنهه هٿ روڪيو، رانجهي جي هٿان موڪليل نياپن تي به هو نه ويو ته نياز محمد جا ٽئي گهر ڇڻ ته لُڏي ويا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهريون نياپو حسنا جو هئس، جيڪو وَر وَر رانجهي پئي پهچايو. حسنا ٽڪي ته رانجهي جي ماءُ ڳالان سنيها موڪليس، پر سيٺ خدا ڏنو چري چو ٿو. تورو ڳهڻو ڳنڍڻ ۾ ان پاڻي موڪليو ته واه واه نه ته مڙئي خير ٿيو.

نيٺ صلاح ڪري مائي وڏي کي دانهن ڏنائون. جيڪا هاڻ پڻ ڏئي وٺي بيٺي هئي. نيٺ ته ڪاڏو پيتو ۾ چوڙ به ڪپي. سندس ٽي نياٽيون اچي جوان ٿيون هيون. خدا ڏني کي ان جي نياپن به گهڻ اثر ڪيو. هاڻ وٽس به دڪان وڏو واپار، ايجنسيون، جايون جڳهيون جام هيون. وٽس فرصت به نه هئي جو وسرام ڪٽي ڪري.

هڪ ڏينهن جيئن هو منجهند ٽاڻي دڪان بند ڪري، اوطاق ۾ وڃي وينو ۽ جيسين مائي اچي، تيسين هو جوڙ ڪٽ ۾ مصروف هو ته سندس ڪمري جو در کليو ۽ هُن نياز جي پهرئين گهر واري جنهن کي سڀ مائي وڏي چوندا هيا اُن کي اندر گهڙندي ڏٺو. خدا ڏنو بيهي رهيو.

"جنان، تون هيڏي چو آئي آهين؟"

"سڏن نياپن تي نه لڙندين ته آخر ايندس، نه ته بيو چا ڪندس؟"

"اوطاقن تي مايون ايندیون آهن چا؟"

"مان مائي نه آهيان، سائين خدا ڏنا. اسين تنهنجو ننگ آهيون. مان جوان ٽن ڌيئرن جي ماءُ آهيان. توکي چڱي پر خبر آهي. مان هاڻ هنن جوان ڌيئرن کي ڪاڏي نيان. هاڻ هنن جي واهه ڪڍ ۾ پنهنجا ننگ سنڀال. مان توکان پئسو ڏوڪڙ ڪو نه ٿي گهران يا نياز جي ڏنڍي جو ڪو حصو نه ڪو حساب. سمجهيئه خدا ڏنا؟"

خدا ڏنو سڄو پگهرجي ويو. هو ڏڪندو ويهي رهيو. نيٺ همت ڪري چيائينس، "نيڪ آهي، بهرحال مون ڪان جيڪي ٿيندو مان ڪندس. تون هاڻ هتان هل."

مائي وڏي کيس هڪ دفعو گهوري ڏٺو. کيس پگهر ۾ شل ۾ هٿ ڏڪندي ڏسي، وٽي ۾ پاڻي اوتي کيس پياريو ۽ ايترو چيو، "سائين خدا ڏنا، تون اسان سڀني جو سيڪجهه آهين. موٽي آ. پيسو سيڪجهه نه آهي. اسين تو کان حصو نه گهرنداسين. تون ئي اسان جو نياز آهين. تو اڳ به سنڀاليو هو، هاڻ به اسان

تي هٿ رک."

ٺڪل پگهريل سيٺ خدا ڏنو آهلي پيو. مائي وڏيءِ کيس زور ڏيڻ شروع ڪيا ۽ کيس جڏهن سجاڳي ٿي تہ ڪمري ۾ ڪير بہ نہ هو.

سيٺ خدا ڏني کي ائين لڳو تہ هُن خواب ڏٺوآهي. سندس پاسي ۾ حساب ڪتاب جون بنديون پيون هيون. هو وري انهن ۾ اهڙو رُڌبجي ويو جو ڪائنس اهو وسري ويو، تہ مائي وڏي وٽس آئي بہ هئي ۽ کيس ڪجهہ چئي وئي هئي.

اجان ڏينهن ئي ڪو نہ گذريا تہ رانجهو، ماءُ کي وٺي سندس بينڪ ۾ آيو.

"هيءَ ڪهڙي مشڪري لاتي اٿو. ان ڏينهن مائي وڏي آئي، اڄ وري تون گلان آئي آهين. بابا، توهان جو حساب ڪتاب ئي تہ ناهيان تو، حصي ۾ جيڪي ايندو گهر ويني پهچائيندس."

"تون چا حساب ڪتاب ڏيندين، خدا ڏنا. بہ سال گذري ويا آهن، اسين انگ لاءِ بہ واجهايون ٿا. تنهنجو چڙ تہ ننگ نہ هٽاسين. تو تہ جيئري سيني کي دفنائي ڇڏيو آهي. تون گهر تہ اچ، اسين ڊڪ گهرون ٿا، اسين ڇپر ڇانو گهرون ٿا. اسان کي ائين نہ رول، خدا ڏنا."

"ٺيڪ آ، ٺيڪ آ. مان ايندس، هاڻ تون گهر هل. اڙي رانجها، ماءُ کي وٺي وڃ ۽ هيءَ اوطاق آهي، هٽ نہ آڻيندو ڪر، سمجهيئہ؟"

"خدا ڏنا، رانجهو منهنجو جوان پٽ آهي، تنهنجي نوڪري ڪري پيو، ڏس ان کي بہ تون چڱي طرح پگهار نہ ٿو ڏين. ڏسجانءِ جوان جماڻ نينگر آهي، ڪا گستاخي نہ ڪري وجهي."

"هان! توهين مون کي ڌمڪايو ٿا. هتان نڪري وڃو. جوان ٿو تہ هليا وڃو." خدا ڏنو ڏڪڻ لڳو.

ائين رانجهو اڳتي وڌڻ لڳو. پر گلان ہانهن کان وٺي ٻاهر ڪڍيس ۽ اندران در ڏئي ڇڏيائينس. خدا ڏنو پگهرجي ڪريو، مائي گلان وچي سندس پير ورتا، تريون مهتيائينس، وٺي ۾ پاٽي پياريائينس، پوءِ اچي زور ڏنائينس ۽ ائين سيٺ خدا ڏنو اتي ئي سمهي پيو. جڏهن جاڳيو تہ اُت ڪجهہ بہ نہ هو. اهي ئي بنديون، اهوئي حساب ڪتاب، اها ئي ملڪيت، اهو ئي موهہ. هو سڀ کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خواب جاڻي ملڪيت جي موهہ ۾ وري جُنبي ويو.

هن اهو خواب وساريو مس تہ هڪ نئهڻ جو حسنا سندس اوطاق ۾ گهڙي آئي. خدا ڏني چرڪ ڀريو، ”نيٺ تون ٻہ آئينءَ!“

”مان توسان آخري دفعو ملڻ ۽ هن ننڍڙيءَ کي ملائڻ آئي آهيان.“

خدا ڏني اُن ٻارڙيءَ کي نہ ڏٺو، پرسندس نڪتل پيٽ تي نظر وجهي پئي ۽ هو ان کي گهوريندو رهيو. چڻ تہ پڇندو هجيس:

”اهو ڪٿان آيو؟“

حسنا سندس نظر جو پيڇو ڪندي چيو: ”تون وڏو ظالم آهين خدا ڏنا. تو اسان کي ڇا سمجهيو آهي ۽ ڇا بڻايو آهي. اڄ تہ ڏيکاريانءِ.“

ائين چئي هوءَ زور سان ٻاهر نڪتي. خدا ڏنو ڀريون دفعو اڳتي وڌيو ۽ سندس ڪڍ پيو.

جيئن حسنا اوطاق جي ٻاهران نڪتي تہ سيٺ خدا ڏنو ٻہ ٻاهر نڪتو. هُن پنھي ورائي خدا ڏني کي گهوري ڏٺو. زهريلي مشڪ مشڪي، ٻاهر گهٽي وٽ بيٺل موٽر ۾ چڙهڻ کان اڳ ڪار جي در وٽ بيٺل ڀريل بت واري شخص کي چيو، ”هلو سائين.“

پوءِ پنھي ورائي چيو، ”سيٺ خدا ڏنا، هيءُ رئيس الله بخش آهي، منھنجو مڙس. سمجهئہ. جي گوٺنات ڪئي اٿيئي ۽ نياز جي ملڪيت مان حصو نہ ڏيندين تہ آندا ڪيرائي ڇڏينديمانءِ. سمجهئہ.“

هُن برقعي جو پلئہ هيٺ ڪيو ۽ ڪار ۾ اڳينءَ سيٽ تي ٽپ ڏئي چڙهي وينئي ۽ ڪڇڙيءَ کي ٻہ پاڻ سان وهاريائين ۽ سيٺ خدا ڏني ڏانهن اشارو ڪندي چيائينس، ”بيبي، پنهنجي بابا کي سلام ڪر.“

رئيس الله بخش سندس پاسي وارو در بند ڪيو ۽ سيٺ خدا ڏني کي گهوري ڏٺو ، شھپرن تي هٿ رکيو ۽ پوءِ ڪار جي ڊرائيونگ سيٽ تي ويهي، هڪ ئي سَٽ ۾ گهٽيءَ مان ڪار ڪڍي ويو.

سيٺ خدا ڏنو اُت ئي بيٺو رهيو. سندس هڪ هٿ اوطاق جي ڀت تي هو ۽ پوءِ آهستي آهستي ڀت کي ٽيڪ ڏئي گسڪندي وڃي فرش ڪنئيائين. رانجهو، جيڪو ماني کڻيو پئي آيو، سو ماني ڇڏي ڊوڙندي وڌيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ننڊ ۾ هُن کي سيٺ خدا ڏني جو بت برف لڳو. خدا ڏني هڪ وار اک پٽڻ جي ڪئي. هن رانجهي کي ڏٺو. هن کي هيءُ ويل خواب جي ويل نه لڳي. ڪيس سڀ سچ ۽ ساپيان لڳي. سندس اک مان ٻه لڙڪ لڙيا ۽ رانجهي جو هٿ وٺي چپن تي رکڻ جي ڪئي. پر ائين نه ڪري سگهيو، چاڪاڻ ته انهيءَ آخري گهڙيءَ ۾ ائين ٿيندو آهي. اها ڪا نئين پراڻي ڳالهه ڪانهي!

●

# زوراور

هيءُ اُنهن ڏينهن جون ڳالهيون آهن، جڏهن گهر جو ڪم ڪار عورتون پاڻ ڪنديون هيون. ماني پاڻ پچائينديون هيون، پاروٽي ماني ڪائڻ عيب نہ هوندو هو. ٻار وڏن جا ڪتيل يا آلٽر ٽيل ڪپڙا پائيندا هئا. خاص طرح سُڪي پُڪي پڳها، وارا سرڪاري ڪامورا گهٽو ڪري انهيءَ ڳٽتيءَ ۾ هوندا هئا تہ هيڏو عيال ڪيئن پالجي. جيڪڏهن ڪنهن کي ڪو اباڻو نوڪر ملي ويو تہ عيش تي ويندا هئا. منهنجو اَبو- اَمان انهي ۾ خوش هئا تہ ڪين مامو محمد ملي ويو هو. مامو نوڪر ڪو نہ هو، نہ لِچ ۾ مائٽ، پر درزڪو ڪم ڄاڻندو هو.

اُنهيءَ دور ۾ عيال جا ڪپڙا لٽا سبڻ ۽ سبرائڻ وڏو مسئلو هوندو هو. اُتي مامي محمد جو وجود ابي اَمان لاءِ وڏو ڏڍُ هوندو هو. مامو اصل مقيم شڪارپور حال مقيم هر اُهو گهر جتي ڪو ڪامورو پنهنجي وڏي اهل عيال سان رهندو هجي ۽ رُڳو ڪاڏي پيتي ۾ پورو هجي. مامو محمد بنيادي طرح سان پراڻو، انگريزن جي دور جو ڪاريگر هو، پر سندس سِبٽي اهڙي هوندي هئي، جو ڪنهن جي پَتلون ڻاهيندو هو تہ چڊي نهي ويندي هئي، جي چَڊي ڻاهيندو هو تہ ڪڇو نهي ويندو هو. جيترو وقت گورا هئا، اوترو وقت تہ مامي محمد جو درزڪو ڪينچي ڇاپ دڪان مشهور هو. ڇاڪاڻ تہ گورن لاءِ چڊيون بہ ڪار هيون.

مامي جي ڏهہ سيري خوفناڪ ڪينچي مشهور هوندي هئي، جنهن سان نہ رُڳو ڪپڙا ڪٽڻ وقت ماڻهن جي پيڙي ٻڌُندي هئي، پر جيستائين ڪپڙو مشين تائين پهچي يا ڪاريگر وٽ وڃي، اڳ ئي مامو اڌ ڪپڙو ڪٽي ونندو هو.

مامي جي اِنهن حالن هوندي بہ سندس دڪان تي ميڙاڪو هوندو هو.

ڳالهين جو ڳهير، پوڪائي، پيو سهنڪت ساٿ ڪي وندرائيندو هو. ڪم ڪار مليس ته واهه واهه، نه ته آئي وئي سان ڪچهري. ڪو سگريٽ ڇڪائيندس ته تڙي پوندو.

”يَرَ ڏاڍو ڪو زوراور اَن.“

اِهو مامي جو خاص جملو هوندو هو. ڪم ويلي ڳائڻ جو شوق پراڻو هيس، ”رَهي وڃ رات پنيور ۾...“ ٽلهن ڏوڙن چپن سان ڳائيندو هو ته وينل اُٿي ويندا هئا.

جڏهن گهر ۾ ٽيو اونڌو هوندو هيس ته پئسي ڏوڪڙ تي ٻَرڏڪ مچندو هو. جوڙس اچي تپائيندي هيس ۽ مامو دڪان ڪنهن موالي ڪاريگر جي حوالي ڪري ڏيندو هو ڪڙيءَ تي زور. پوءِ ڪنهن نه ڪنهن ڪاموري وٽ ڪڏهن سڪر، ڪڏهن روهڙي، ڪڏهن دادو. ڪنهن لاڙڪاڻي وڃي نڪرندو هو. جنهن به ڪاموري وٽ ٽڪندو هو، اُن جي گهر جي ٻاتين کي ٻنهه پنهنجو ڪري ونندو هو ۽ گهر ڏياڻي سندس پيڻ هوندي هئي ۽ ٻار ڀاڻيجا. جلد هو ”مامو“ بڻجي راج ڪندو هو. نه رڳو هُو، صاحب جا ڪپڙا لٽا ڪٽي ٻارن لاءِ ناهيندو هو، پر سڄي گهر تي به رعب هلائيندو هو. ڪيس ڏوڪڙ پئسي جي ڳڻتي نه هوندي هئي. جڏهن اُتان راج ڪري، حڪم هلائي، سڄي گهر کي مُنجهائي بيزار ڪري نڪرندو هو ته جي ڪجهه پئسا مالڪن ڏنا ته واهه واهه، نه ته ٻيو شهر ۽ ٻيو گهر. پر جلد مامي جو اهو گهٽو رُلڻ گهٽبو ويو. شايد عمر سارو، پر ان جو ڪارڻ مان سمجهان ٿو ته مامي جو اسان جي گهر سان لڳاءُ هو. اَمڙ جي ته هو خاص عزت ڪندو هو. هو جڏهن به گهر ڇڏيندو هو يا بابي جو نياپو پهچ[illegible] سان[illegible] ٽڪندو هو.

هاڻ هُن ٻيا گهر ڇڏي ڏنا. سندس لاءِ بنگلي ۾ هڪ الڳ ڪمرو هوندو هو، جتي ڪپڙن جا ڍير ۽ مامو هوندو هو. پر اصل ۾ سڄي گهر جو حاڪم ٿيو وينو هوندو هو. صبح جو ٻوڙ ٻاڙي آڻڻ، نوڪر چاڪر کي دڙڪي ۾ رکڻ، صفائي وغيره ڪرائڻ به سندس ڪم هو. اَمان آجي ٿي ويني هوندي هئي. نوڪر مامي جون دانهون بابي وٽ ڪندا هئا ته بابو کلي ڏيندو هو ۽ دڙڪو ڏيندو هئن: ”چورا، ڪٿي مامو مون کي نه مار ڪڍي. ڪم ڪيو ۽ سِڌا ٿي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هلو."

مامو پنهنجو درزڪو ڪم گهٽ ڪندو هو. ڏهه سيري ڪينچي جنهن ڏينهن هلندي هئي، اسان ڏڇندا هئاسين. اِجهو ٿو پتلون کي نِڪر ڪري ۽ نِڪر کي ڪڇو. اِن ڪري وچي پاسو ڏيندا هئاسينس. بس پوءِ مامي جون ڪير ڳالهيون ٻُڌي! اَمڙ نيٺ اچي چوندي هيس: "ادا، ڪجهه ڪم کي ۽ اُڪلاءِ."

يڪدم گوڙ ڪندو هو، "ادي يَرَ، ڪا ڏاڍي زوراور اَن. مان مان تنگ ٿي اَن چيا؟"

"نه، ادا، ائين نه چئه." اَمڙ ڪلي هلي ويندي هئي ۽ اسان جي عيد ٿي ويندي هئي. وينا کيس چوريندا ۽ چرچا ڪندا هئاسين. مامو هو ته جهونو جهان، پر ڪاڏي پيتي جو شوقين هو. پر اصل وڏو شوق کيس فلم جو هوندو هو. مامو ايندو هو ته منهنجا ته مزا هوندا هئا. ڇاڪاڻ ته مون کي فلم ڏسڻ جو جنون هوندو هو.

هونئن ئي مون لاءِ منجهند هجي يا رات، موقعو مليو ناهي ۽ گولي ٿي ويندو هوس. بابي جي وڏي آفيسر هئڻ ڪري فلمون ۾ پلا مفت، بنهه جهل پل نه هوندي هئي. سکر شهر ۾ سئنيمائون به گهٽيون هيون. تنهنڪري ڪڏهن ته مسئلو اهو هوندو هو ته ڪهڙي فلم ڏسجي؟ مامي جي اچڻ ڪري ڪڏهن ته قانوني طرح سان بابي کي ٻڌائي، ڪڏهن امڙ تي زور بار آٽي وچيو فلم ڏسي ايندا هئاسين. ڪڏهن منجهند جو وسَ نه هلندو هو ته جڏهن سڀ سُمهي پوندا هئا ته بنگلي جي پويان جبل ۽ پٽ لتاڙيندا پير پٿون ڪندا، ڪاڙهي جو وچي ڪنهن سئنيما پيڙو ٿيندا هئاسين. مامو سئنيما تي پهچڻ تائين ساٽو ٿي پوندو هو. جهونڙي کي مان به ڊوڙائيندو ايندو هيس، "ماما، جلدي ڪر، کيل شروع ٿي ويندو."

"يَرَ، ڏاڍو ڪو زوراور اَن. پر تون فڪر نه ڪر، کيل تي مان پُڄائيندو مانءِ." ائين لڳندو هو، ڄڻ هو سچ پچ مون کي ڪلهي تي کنيو کيل تي پڄائڻ پيو هلي. سنهڙو سيپڪڙو مامو، لڏندو لمندو نيٺ اچي سئنيما تي پهچندو ۽ پهچڻ سان دانهن ڪندو، "يَرَ ٻاٽلي ته پيار."

ڏوڪڙ پيسي جي هوندي هئي کڙڪائي. ۽ آنا ملي خرچي، سو مامي لاءِ ٻاٽلي ڪٿان اچي؟ مان سڌو مئنيجر جي ڪمري ۾ وڃي ڪائنس پھريائين تہ ۽ پاسون وٺندو هئس. بابي جو لحاظ ڪري مئنيجر اٿي ملندو هو، پر جڏهن چوندو هو مانس، مئنيجر صاحب "ٻاٽلي تہ پيار"، تہ سندس منهن ڦري ويندو هو. چپ ڪري پوندي هيس، پر بابي جي دٻ کان يڪدم ٻاٽليون گھرائي اندر هال ۾ پھچرائي ڏيندو هو. مامو ٻاٽلي پي ايڏي وڏي اوڳرائي ڏيندو هو، جو اوسي پاسي وارا اهڙيءَ طرح اسان کي ڏسندا هئا، جو سندن اکيون اوندهہ هوندي بہ اسان کي ڦوٽاريل نظر ايندي هيون.

جي وري مامي کي ڪو گانو وڻيو تہ بہ ڏاڍيان سُر سُر ۾ ملائي ڳائيندو. پلا مامو ڳائي تہ پوءِ بنهہ پينگ ٿي وئي! يڪدم هال ۾ رڙيون ٿي ويندي هيون، "او پائي اوپائي." پر پائي بہ بَس ڪري! تڏهن بس ڪندو هو، جڏهن پنيان ڪو وينل اچي بہ ٺي لوڏا ڏيندو هئس. مامو ڳائڻ بند ڪري ٿلهن چپن سان ٻڙ ٻڙ جھڙو آواز ڪڍي مون کي چوندو هو، "ڏاڍا بد ذوق آهن. اهڙا بد ذوق آهن تہ هتي ڇو ٿا اچن؟"

انٽرول ۾ پوسٽر ۽ فوٽو ڏسي تڙي پوندو هو.

"يَرَ ڏس تہ سهين، فيشن ڪاٽي پھتو آهي. ڊزائين تہ ڏسينس."

"ماما، قميص جي ڊزائين يا منُهن جي؟"

"يَرَ بنهہ ڪو زوراور اَن. مزو وڃائي ڇڏينہ."

اسان جي اِها ياري پئي هلندي هئي. مامو جڏهن ايندو هو تہ مان ڪتاب ڇڏيندو هئس. ڪڏهن تہ اسڪول گُسائي بہ وٺندو هئس. مامي کي جيئڻ چوندو هئس، هو بہ رونشي ۾ خوش. اَمڙ کان خرچي کاٻاري لاءِ ڏوڪڙ ڪڍڻ لاءِ مامو ڪافي هو. بس ڏوڪڙ مليس، تِڙي پوندو. "ادي يَرَ ڏاڍي ڪا زوراور آهين." پوءِ ڪٽي پيسا قابو ڪندو.

"ماما، حصو ڇڏاءِ."

"يَرَ ڏاڍو ڪو زوراور اَن، اچي وٺ."

بس پوءِ مامو ۽ مان شهر گھمي ڦري کائي پي سڌو کيل تي. هڪ ڏينهن جيئن کيل ڏسي شام جو موٽياسين تہ گھر ۾ ٻڙڏڪ متو پيو هو. ٽورن ڏينهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ مئٽرڪ جا امتحان شروع ٿيڻ وارا هئا. مون تہ جڻ امتحان کي ڪنگهيو ئي ڪو نہ ٿي. اسان جي رفتار اهائي. الله سولي ڪري اسان جي هڪ مائٽ جي، جيڪو اُن ڏينهن ڳوٺان آيو هو شهر ۾ امتحان ڏيڻ. اُن سڄو ٽائيم ٽيبل بابي کي ٻڌائي ڇڏيو. بابي ليکي تہ اڃا امتحان ۾ ڏينهن اٿس. ويتر جو اڇڻ ساڻ هن همراهہ کي پڙهندو ڏٺائين، بنهہ ٻرُ ٿيو بيٺو هجي. اسان کي جو ڏٺائين تہ ڳاڙهو ٿي ويو. پهرين اُلر مون تي ڪيائين. مون پڇي پاسو ڪيو. پوءِ مامي کي اچي ڪنيائين. ”ماما، هن عمر ۾ تو کي بہ فلم جو شوق. پاڻ ٻلي وڃ، پر هن کي ڇو ڪاريو اٿئي. تو تہ هن کي بنهہ ڪاري ڇڏيو آهي. تو اسان سان دشمني ڪئي آهي. تون هيءُ مهرباني ٿو ڪرين!“

مامو ڪُڇي جهڙي پٽ. امڙ کي نيٺ خيال آيو، وڏي ابي وٽ آئي. ”وڏي سڏي جو تہ خيال ڪر.“

”هيءُ وڏو آ، ٻار جي آئيندي جو ڪو اٿس خيال؟“ بابو چوندو هليو. اَمڙ مامي کي وني اچي ڪوٺيءَ ۾ ويهاريو. مامو بنهہ ڀڳهرجي ويو هو. امڙ شربت ٺاهي آڻي ڏنس، ڦڪي ڪل کلي چيائينس: ”ادي يَرَ ڏاڍي زوروار اَن.“

اُن رات گهر ۾ ڏاڍي خاموشي هئي، مون دل ئي دل ۾ اُن مائٽ کي ڏاڍيون گاريون ڏنيون. مامي وٽ بہ دفعا ويس پر هوَ پاسو ورايو بنگلي آڏو ٻاهر کليل ميدان تي کٽ تي ليٽيو پيو هو. ماني کڻي ويومانس.

”يَرَ ڏاڍو زوراور اَن. ماني اڄ کڻي نہ ٿا کائون.“ ماني موٽايائين تہ امڙ سڏايس. اندر آيو تہ اَمڙ پوتي کڻي پيرن تي رکيس بنهہ جهڄي پيو: ”ادي يَرَ ڪا ڏاڍي زوراور اَن. ائين تہ نہ مار.“ رئو کڻي مٿي تي رکيائينس. پوءِ کٽ تي چڙهي وينو، ماني پور کاڌائين. نہ اَمڙ پئي ڳالهايو نہ هُن. رکيو رکيو اَمڙ ڳوڙها پئي اُگهيا. مامو چُپ هو.

صبح جو مامي جي اُهائي گجگوڙ پي پئي. نوڪرن کي اُٺاريائين. امڙ کان پيسا ورتائين. پنڊي کڻي بازار ويو. ڳنڍڻ وني ڏنائين. پوءِ اچي ڪم کي لڳو سندس مشين هلندي وڃي، هيءُ ڳائيندو بہ وڃي! ”او رهي وڃ رات پنيور ۾ ... او رهي وڃ ...“

هن دفعي ڪپڙا ڏاڍا ڀلا ڪنيائين. اسان سيني کي پارايائين. ڪلي اَمان

چٽو ٿيندو ويو. اڄ مامو سُر ۾ ڳائي پيو، ”رَهي وڃ رات پنيور ۾. الا رهَي وڃ رات.“ مامي جي ڳلن تان ڳوڙها ڳڙيا پئي. بابو جيئن پاسيرو ويٺو هو، تيئن منهن سڌو نہ ڪيائين. شايد رُنو پئي. مامي جو آواز جهڪو ٿيندو پئي ويو. مان اکين ۾ ڳوڙها ڪٽي ٻاهر هليو آيس. اسان سکر موٽياسين مس تہ خبر پئي تہ مامو گذاري ويو.

مان مامي جي حڪم تي ڏاڍو پڙهيو. پڙهي وڏو ماڻهو بہ ٿيس، پر اِها حسرت رهي تہ منهنجا ٻار سنڌس ڪٽيل ڪپڙا پائين. مون ڪيترا دفعا ڪوشش ڪئي آهي تہ منهنجو اولاد ڪٽيل يا آلٽر ٿيل ڪپڙا پائي، نيٺ هڪ ڏينهن مون واري پُٽ مون کي چئي ڏنو: ”بابا، ڪهڙيون ڳالهيون ٿا ڪريو. هن زماني ۾ ڪٽيل اَلٽرڊ ڪپڙا؟ ڏاڍا ڪي زوراور آهيو!“ مون کي اُن ويلي مامو ڏاڍو ياد آيو. مان زماني جي زوراوري تي چُپ آهيان.

●

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# زبرو ڏک

بس مان جيئن هيٺ لٿس ته سمجهيم ڪنهن قيد مان آزاد ٿيو آهيان. سامت ۾ اچڻ لاءِ پرڀرو بيهي رهيس. ٿيلهو هيٺ رکي مٽي تي رکيل ٽوال کي ڇنڊيم ۽ پوءِ بينس پاڻ کي ڇنڊڻ. ائين ڪو سڌ ٿيو. لوٽو هنيم، ڏسان ته استاد نبن سامهون واري دڪان تي چمڙائين پٽي تي پاڪي تکي ڪري رهيو هو.

"پنهل سائين، انهيءَ ڇنڊ ڦوڪ لاءِ اسين حاضر آهيون."

مون ٿيلهو کنيو ۽ اڳتي وڃي سندس دڪان تي چڙهيس. يڪدم ٻانهن کان وٺي ڪٽي ڪرسيءَ ۾ هنيائين.

"ويهه، ته سائين، مس مس تو هٿ اچين."

يڪدم ڦوڪارو ڪڍيائين. جو مان ٿڌڙي پاڻيءَ تي اصل نڙي پيس. ٽوال سان انگ اگهيائين. هو مالش ڪي لڳو ته مون ڪٽي اکيون پوريون. سندس ڳالهائڻ ٻڌان ته پيو، پر پري کان.

"انهيءَ نِڪر بس کان ته پنڌ اچجي ته بهتر. هيڏو آفيسر ٿيو آهين، پر اچين انهيءَ ڇڪڙي بس ۾. نندو مختيارڪار ڪا معمولي ڳالهه ته ناهي. ڏس ته سهين، اسان جا پورل ڪيئن نه لٽجي ميرا ٿيو پون. سونهن ته ڏس، جوانڙو اصل لهسجي پيو آهي. ڳاڙها ڳلڙا هيڊ پيا ڇڏين، ڳلڙا ڪومائجي ٽا وڃن."

ائين ڪو آواز آيو: "استاد، واندو آهين؟ سيرب نهرائڻا آهن."

"ٻگن، جهٽ ترسي اچ. پنهل سائينءَ کي تيار ڪري وٺان." سندس هٿ بيٺو ته مون اکيون کوليون.

"بس، چاچا نبن، گهڻو ٿيو. اچي هيءَ وٺ. مان هلان ٿو. ابو انتظار ڪندو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندو.“

”پنهل سائين، چو ٿو بي عزتو ڪرين. پيسا نہ ڏيندو ڪر. بس اسان وارو ڪمڙو ڪري ڏي بنهہ پير ڌوئي پيئندومانءِ. هو ڏسين ٿو، ڪيئن اسان وارو يار ڪمايو وينو آهي.“

مون ڏٺو، استاد جو پيارو ڪُتو ڪمايو وينو هو.

”بنهہ نج بُلتري آهي. سندس ساٿي بہ بُلتري نسل جا هجن تہ واهہ واهہ ٿي وڃي. ايڏانهن اتر پاسي جو نوڪريءَ سانگي ويو آهين تہ ڪجهہ تہ اسان فقيرن سان وهي وڃ. ڪيڏيون نہ منٿون ڪيون اٿمانءِ.“

”پر، استاد، مون کي خبر ئي نہ ٿي پويَ تہ بلتري ڇا ٿيندو آهي؟“

اُستاد بتال ڪاڍو. ”سائين، ڪمال آ. سڄي ڄمار اُستاد نبن ۾ اُن جي بُلترين سان گذاري اٿوَ. توهان کي بلتري ڪتي جي خبر نہ ٿي پوي، هيڏانهن ڏسو.“

اوچتو اُستاد نبن شڪل ڦيرائي وني غُر غُر ڪيائين: ”هيءُ ڏس، هيءُ بلتري هيئن ٿيندو آهي.“ وني زور سان ڀونڪيو. سندس شڪل ٻاهر ويٺل ڪتي کان هيئن مختلف هئي، جو ڪنهن خوفناڪ ڪتي جو روپ ڌاري بنهہ پئي ڏاڙهيائين. مون ڪيس هٿ سان روڪيو. يڪدم حملو ڪري هٿ ۾ چڪ هنيائين. مون هٿ ڇڏائي، دانهن ڪئي: ”اُستاد، ماڻهو جو روح اٿئي يا ڪتي جو.“

سندس ڏاڙهڻ بند ٿي ويو.

”ڀلا هٽايان ڪورس سُين جو.“

بنهہ کلي پيو. مان دُڪان تان هيٺ لهي پريرو ٿي بيٺس.

”استاد، اصل بلتري تہ تون آن، باقي هي لوسي تہ ڇوڙي ڇڏ.“

دُڪان وٽ ٻڌل مرضيل ڪتي ڏي اشارو ڪندي چيومانس، اُتان وني اُلر ڪيائين.

”هي لوسي آ؟ هي لوسي آ؟ واهہ، سائين، واهہ: واهہ جي عزت ڪئي اٿوَ، خانداني ڪتي جي! خانداني ماڻهو ٿي ڪري خاندان جو قدر نہ ٿا ڪريو.“ واهہ، سائين، واهہ! بُلتري نہ وني ڏيو تہ توهان جي مرضي. پر هھڙو ذليل تہ نہ ڪريو.

”اُستاد، ڪاوڙ نہ ڪر. بلتري ايندا، بنهہ ڀلي نسل جا بلتري، پر ويڙهہ ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نه مارائجانءِ." ايئن چئي مان گهر ڏي تکو ٿيس.

هڪ ته اتين - پندرهين ڏينهن سئو ميل سٽي پهچ ۾ پهچڻ سان اُستاد نبن جي وَر چڙهجي. ڏينهن ئي اصل گار ٿيو وڃي. اُستاد نبن جو ڏوهه نه هو، سندس وڏا انهي ڪتن جي ميل ۾ مارجي ويا. پلا ڪُتا وٺي ڏارڻ، رڇ ڪتي - يا سوئر- ڪتي جي ويڙهاند سندن پيشو هو. وڏا زميندار سندن محتاج هئا. پلي نسل جا ويڙهو ڪتا ملندا ۽ نبن جي وڏڙن وٽ هئا. خانداني ويڙهاڪ هئا، پر وقت ساڻن ويڙهه وڙهي ويو. پهريائين نسل ڦٽو. پوءِ ڪئين نسل مئا. بلتري هجي يا هاؤنڊ، وٽن ڪتو نه رهيو. هيءُ شڪر جو استاد نبن حجامڪو ڌنڌو سکي پيو. اچي شهر جي منهن تي، وَنگ وٽ، دُڪانڙو کوليائين. شوق ڌاڍو هيس. ڪي پلڙا ڪتڙا ۽ هيس، پر آهستي اهي ۽ رڇ ۽ سوئر جي ميل ۾ مارائي ڇڏيائين، تنهن پويان بلترين جو ڪيس ڪو سنو نسل نه مليو. ايڪڙ بيڪڙ ڪو ڪتو ور چڙهندو هيس ته ڪنهن شوقين کي وڪڻي ڇڏيندو هو. هاڻ وري هي ڪتو ملي ويو هئس، سو دُڪان تي پڌي نشان ٻڌائي جڳ کي پيو ڏيکاريندو هو ته اجان وٽس بلترين جو نسل آهي. پر اسان اُن ڪتي کي لوسي ڪتو چئي کيس چيڙائيندا هئاسين. ڪڏهن وري ڪو وڏيرو ڦاسندو هيس ته اُن جي اوطاق تي وڃي اُنهيءَ جي ڪتن جي سار سنڀال لهندو هو ۽ صلاحون ڏيندو هو. ۽ چار ڏوڪڙ جڙي پوندا هيس. ڪتن ۾ رڇن يا سوئر جي ميل ٿيندي هئي ته يڪدم پهچي ويندو هو ۽ جيڪو هوندو هيس سو شرطن ۾ وڃائي ڇڏيندو هو.

سندس حجامڪو دُڪان ۽ جڻ ته اوطاق هوندي هئي. ڪتن جي شوقينن جو ميڙاڪو هوندو هو. منهنجو نوڪري سانگي بس اسٽينڊ تي پنڌ هوندو هو. چڙهان ته سامهون هيءُ، جي لهان ته ۽ هيءُ سچڻ سامهون. کيس ڪنهن ٻڌايو هو ته اُتر ڏي ڪتن جو نسل پلو ٿئي ٿو. منهنجي نوڪري روينيو کاتي ۾ هئي، هو هرويرو اِهو زور لائيندو هو ته کيس جوڙي بلتري نسل جي ڪتن جي وٺي ڏيان. هڪ ته نوڪري، پيو اتين ڏينهن ڳوٺ اچڻ، وري دنياداري، اسان کان خيال ئي لهيو وڃي. هڪ ڏينهن جيئن گشت تان موٽي جاءِ تي پهتس ته ڏسان چاچو نبن ويٺو آهي.

"اڙي چاچا، ڏي خبر، نيٺ پنڌ پئين."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهل سائين، ڪاتي تو ڇڏيانءِ. اسان جي ته پينگ ٿي وئي آهي. هو شهنشاهه بلتري ڏنو هيئه، اُهو به نيٺ ميدان ۾ لاٿم. يارن زور پريو، هن ڏڪ ئي نه جهليو. پهرين ئي سَٽ ۾ رڇ چڪ هنيس، شهنشاهه ڪئون ئي نه ڪئي ۽ الله ڏي هليو.“

”اُستاد، چوندو هومانءِ ته زوريءَ تو هُن کي ٿوم مان جافران ٻٽايو هو اصل ۾ هو شهنشاهه نه هو، لوسي هو.“

اُستاد نبن ڳاڙهو ٿي ويو پر سور پي چيائين:

”پنهل سائين، تنهنجي تڏي تي آيو آهيان، بي عزتو ته نه ڪر. شهنشاهه جا جوهر مون ڏٺا. هڪ واري رئيس خاوند ڏني واري سوئر کي وچڙيو ته رئيس سَوَ جو نوٽ مون کي ڏنو هو. خير توهان آفيسر ماڻهو ڇا ڄاڻو انهيءَ شوق مان، بس هاڻي پلائي ڪر. جوڙي ڪتن جي وٺي ڏي، پر هجن بُلتري.“

مون سوچي ٻئي ڏينهن رئيس عارب کي، جو ڪتن جو وڏو شوقين هو، ماڻهو موڪليو. هو ٻنهن جوڙي ڪتن سان اچي نڪتو. واقعي سنهڙا سيپڪڙا سهٽا ڪتا هئا. چيائين پي ته بلتري نسل جا آهن ۽ ويڙهه جي ڏانءَ جا به هئا.

اُستاد نبن جو هي پلوڙ ڪتا ڏٺا ته ٻنهه ٽڙي پيو. چئي:

”بس، سائين، لئي تي وئي. ڏسان ٿو ته ترَ ۾ ڪير ٿو مون کي وٺي.“

واقعي هن جي لئي ٿي وئي، سندس در تي جو ههڙا پلوڙ ڪتا هجن ته چڱا شوقين رئيس به ايندا هئس. مان هاڻ جڏهن به وٽانئس لنگهندو هئس ته دانهن ڪندو:

”پنهل سائين، ڦٽي ڦوڪاري ڪانسواءِ نه ڇڏيندومانءِ. هلي آ، هلي آ.“

.مان ڪڏهن ته ڇڏايو وڃانس، ڪڏهن وهانس ته مائٽ ڳولي اچي دڪان تان ڪٽندا هئا ته ويل ٿري وئي، راڻو گهر نه آيو. پر استاد نبن وٽ ويل هجي نه هجي، هو راڻو پيو ڳائيندو هو.

ٻنهي بلترين کي هاڻ دُڪان جي پويان اڱڻ ۾ ٻڌندو هو. شوقين کي سهائي ڏيکاريندو هو. هڪ ڏينهن پڇيومانس:

”ڏي خبر، اُستاد، ٻنهي ڪا ميل ماري يا رکيو وينو آهين؟“

”سائين، ڪا هڪ ميل هجي. اصل تر کي ويل ۾ وجهي ڇڏيو اٿن. رئيس خاوند ڏني جي ڪتن سان ڇڏيندو آهيان، باقي سندن ڪو رنگ ڏسي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سائين، بس دعا ٿو ڪيانءِ. فقيرن تي وڙ ڪيو اٿئي. باقي هڪ وڙ ڪر. آهين وڏو صاحب پر منهنجو عرض نہ موٽاءِ. اڄ رئيس جي ڳوٺ ميل آهي. شام ڪا مهرباني ڪر.“

مون عمر اهڙو ڪم نہ ڪيو سو جان ڇڏائڻ لاءِ چيومانس تہ ”چڱو چڱو ڏسنداسين.“

شام ٿي مس ٿي تہ ڏسان اُستاد نبن ٽانگو جهلي بيٺو آهي، ”ابا، چاهي؟ چئي: ”بس، سهٽا، هَلُ.“

مان بہ نڪري پيس، ٽانگي جي هودي ۾ ٻئي بلتري وينا هئا. ڏاڍا معصوم وٽيا پي. ڪڙا تڙا، سجاڳ ڪتا هئا. اُستاد نبن پويان وٽن وينو هو، مان اڳيان وينل هيس. تدڳي ٽپي پنهنجو ڳوٺ ڇڏي اڳيرو تياسين تہ ٽانگي واري ڳالهايو:

”استاد، اڄ خبرون پونديون. تو وارن بلترين چڱن رڇن جا لاهہ ڪڍيا آهن، پر اڄ ميل آهي سوئر جي. پانيان ٿو تہ تو وارن شينهن سوئر اڃا ڏٺو نہ آهي.“

مان بہ چوان تہ اُستاد چپ چو هو ۽ مون کي ونيو وڃي، وڏو ڪو مسئلو سامهون هيس. اُستاد نبن ڪنڌ ڌوٽيو ۽ هوشيار ٿي گلو ٽانگي واري کي جواب ڏنائين:

”گلڻ ٽانگا! تو کي ڪهڙي خبر تہ هيءُ شينهن ڪٿي ڪٽان آيو آهيان. اصل سوئرن جي ڏُن مان ڪڍي آيو آهيان. پَليا وڏا ٿيا ئي سوئرن وٽ آهن.“

مون سندس لباڙ ٻڌي کلي کيس چيو، ”وري وڙهن بہ سوئرن سان ٿا.“

”سوئر آهن ئي وڙهڻ لاءِ. سوئر مارڻ ثواب آ.“ استاد نهہ پهہ جواب ڏنو:

”پر، سائين، ڏسون تہ هي ٿا وڙهن يا سوئر ٿو وڙهين.“ گلو ٽانگي واري ٽوڪ سان چيو:

”او ٽانگا، گهٽو نہ ڳالهاءِ. مونِ وارا شينهن ڪتي تو کي نہ ڦاڙي وجهن!“

اسان ائين ڳالهيون ڪندا، اُستاد کي چيڙائيندا، رئيس خاوند ڏني جي ڪوٽ وٽ پهتاسين. خلق ڪوٽ ٻاهران چڙهيو بيٺي هئي. مون کي بہ مٿي وهاريائين. رئيس خاوند ڏنو تڙي پيو تڙي.

”سائين، وڏا ڀاڳ جو اوهان اسان وٽ بہ پير پري آيا آهيو. اُستاد نبن اڄ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪارنامو ڪري ڏيکاريو اهي.

”ڪارنامو اصل تڏهن ٿيندو جو سندس شينهن ۽ اوهان جا بگهڙ انهيءَ سوئر کي ڏسين.“

”“سائين ڏسجو ۽ پاڻ ئي فيصلو ڪجو. رئيس شمس الدين ۽ پليڏني نيڪيدار جا ڪتا ۽ ميل ۾ شامل آهن. وڏو ميل آهي. تر ۾ اهڙو ميل اڳ ۾ ڪڏهن نه ٿيو آهي.““

واقعي انبوهه هجن، ماڻهن پئي شرطون هنيون. رئيس جي ماڻهن ۽ اوڳڙ پئي ڪئي. اوچتو رڙ مچي وئي. ٿرمان سوئر نڪتو ۽ ميدان ۾ هڪ ڊوڙ پائي، گپ واري ميدان ۾ منهن هڻي ويهي رهيو. رڙيون ۽ هش هش گهٽي ٿي، پر هو ماٺ ڪيو ويٺو هو.

مون ڪلي رئيس کي چيو، ”مرون لُوسي ٿو لڳي.“
”نه سائين، وَڄ ڏسوس ٿا، رڳو ڪُتا لهن، پوءِ رنگ ڏسجو.“

ائين ڪندي باهوڙ ٿي. ست اٺ ڪتا ميدان ۾ آيا، اچي مرون کي ورتئون. مرون آهستي لاچار اُٿيو، پر گهڙيءَ ۾ ۽ چڪر ڏنائين ۽ ٻه ٽي ڪتا ڏَڪي وڌائين. همراه ڪوٺ ڪان هيٺ پاسن کان پاسيرا بينل هئا. ڏَڪي ڪتن کي ڪنيو ڊوڙيو مٿي چڙهي ٿي آيا، سوئر جا وَڄ واقعي تکا هئا. ڪي ٿڪيا. اِئين ڪندي نوان ڪتا لائتون ٿي. مرون ۽ ڊوڙي ڊوڙي ٿڪو ضرور هو پر ڪو خاص اثر نه ٿيو هيس. ائين ڏنم استاد نبن پنهنجا ۽ ڪتا ۽ ٽي ٻيا جيڪي شايد رئيس جا هئا، ميدان ۾ ڇڏيا، واقعي ويڙهو هئا. ويڙهه مزي واري ٿي وئي هئي. مون جهڙو ماڻهو ۽ انساني جذبن ڪان پري جوش ۾ اچي، واهه واهه ڪرڻ لڳو. ڪتا ڏَڪيا، مون تي اثر نه هو. هاڻ جوش ۾ رڙيون پئي ڪيم ”ونيس، ونيس“ ڪتڙا ويچارا ڦتجي ڪريا. مون رئيس کي چيو، ٻيا لاهيو. رئيس آخري ۽ ٽي لاٿا. پر سوئر هاڻ ٿپيو بيٺو هو، منٽ ٽي ڪيائين. رئيس هاڻ بي چين هو.

”سائين هاڻ بس ٿا ڪيون، سوئر ڪاري ڪري ڇڏي آهي. ڏاڍا پلوڙ

مارايا اٿئون.“

”رئيس! ڇڏڻو ناهي، هاڻي ڏَکيو ٻه آهي، ڇڏيوس نه.“

ائين ڪندي ڏنم ته نبن پاڻ ميدان ۾ لٿو. ڪنهن رڙ ڪيس: ”اُستاد نبن، اِيڏانهن نه. اِيڏانهن نه.“

”يار شينهن تا مرن.“ سوئر جي گهمري هجي، ٻر تيو بيٺو هو. بس نبن جيئن ڏکيل ڪتن کي ڪڍڻ لاءِ نٽريو ته سوئر ڦيرو ڏئي اچي ڪڙڪيس. بس ڪنيو ويس، وچي ڪوٺ جي ٻي ڪنڊ کان ڪڍيائينس. چوڌاري رڙ مچي وئي. مان اُتي بيهي رهيس. ڪنڌ ڏوٽي نظارو ڏنم. چڻ ته ميدانِ جنگ هو. ڏاڍو خون وهيو هو. ڪئين ڪتا ڦٽيا ڏکيا پيا هئا. آسانجو اُستاد نبن ڏکيو پيو هو. مون کي پاڻ کان نفرت اچڻ لڳي. مان ڪتي کان ڪتي هليو ويو هيس. بس مان ۽ ڪوٺ تان گهيڙ تي ٽپو ڏنو. ائين ڏنم ته ڪئين همراهه ڏڦا ڪٽي هيٺ لٿا. رئيس خاوند ڏني جو ڏنو ته پاڻ گهيڙ لهي آيو. مون کي ٻانهن کان اڳتي وڃڻ کان روڪيائين. جوانن گهڙيءَ ۾ سوئر جو ڏڦن سان ڪم لاهي ڇڏيو. اُستاد نبن وٽ ٻه همراهه پهچي ويا هئا. سڄو ڇچريو پيو هو.

”اُستاد هي ڪهڙو قهر ڪيئه.“ منهنجي اکين ۾ پاڻي هو.

”سائين، هيءُ ٻلڙي ٻچا ڪري پاليا هئم، اصل جهڙي اچي ويم. ڏاڍا وڻندا هئم. ٻچا مارائڻا ته نه هئا.“

”اُستاد هي پنهنجا پاليل هيئه، وڻندا هيئه. تڏهن ني!“

اُستاد چپ هو، اکين ۾ پاڻي هيس.

اُستاد بچي ويو. سندس جسم سڄو ڏَکيل ۽ ڇچريل هو. هاڻ ۽ مون کي دُڪان تي چمڙائين پٽي تي پاڪي تکي ڪندي ملندو آهي، پر مون کي سڏ نه ڪندو آهي. جي مان پنهنجي ليکي سيرب نهرائڻ يا ڦٽي ڦوڪاري لاءِ ويندو آهيان ته هو ٻلڙي ڪتن جي نه ڳالهه ڪندو آهي نه فرمائش. هُن جي دُڪان تي باقي ٻچيل ٻن ڪتن مان هڪ ڏکيل ڪتو، زمين ۾ منهن هنيو پيو هوندو آهي. مون هڪ ڏينهن اُستاد کي چيڙائڻ لاءِ چيو.

”استاد هيءُ ٻلڙي ٻه لوسي تي ويو آهي.“

اُستاد هن دفعي نه چڙيو. رڳو مرڪيو ۽ پوءِ چيائين:

”پنهل سائين! اسين ئي لوسي تي ويا آهيون، ٻچن جا ڏک ڏاڍا ڪي زبرا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن.“

مون ڏرتيءَ ۾ منهن هَنيل ڏَڪيل، معذور ڪتڙي ڏانهن ڏٺو. جيڪو هاڻ بلڙي ته ڇا پر لوسي به نه رهيو هو. پوءِ ڪنڌ مٿي ڪڻي ڪيس چيو:

”ها اُستاد. ٻچن جو ڏک برابر زبرو آهي.“

●

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چوري ساڻ چسن

سلطان اوطاق ۾ گهڙيو ته مان ٽپو ڏئي اٿي بيٺس. ساڻس اسان جا ٻيا ٽي ٻاري به همراهي هئا. سلطان لک اسان جو هاري سهي، پر ابي ڏاڏي جي ڏينهن جو ساٿي هو. مون سڪ مان وٺي ڪوچ تي ويهاريو مانس. سال ٻن کان پوءِ ڏٺو هومانس، همراهه ٻنهه جهونو پئي لڳو. نه اها مينديءَ رتي سونهاري، نه اڇو پٽڻي جهڙو پٽڪو، نه اکين ۾ سرمي جي سونهن، نه وري مساڳ سان مليل جرڪندڙ ڏند. ڪپڙن ڏي ڏٺومانس ته اڄ گوڏ ٻڏل هئس. رئيس جي اوطاق تي سلطان ڀلو وڳو اوڍي ايندو هو. سندس منهن تي اڄ گهنج وڌي ويا هئا. ٻنهه ڏهاڳيل پئي لڳو.

”سلطان، خير ته آهي، اُجڙيو پيو آهين؟“

سلطان ماٺ ويٺو رهيو. سلطان اسان جو جهونڙو هاري هوندو هو. منهنجي ننڍي هوندي کان ساڻس دل هوندي هئي. جڏهن به ملندو هو ته مان وچڙي ويندو هيومانس. مان ڪچهري جو ڪوڏيو ۽ پاڻ گفتن جو بادشاهه. بس ساڻس ڪچهري ڪري اٿندو هوس ته سمجهندو هوس ڪنهن مَٽَ مَڌَ جا پياري چڙيا آهن. سندس ڪچهري بس جي ڪونه هئي. هو ڳالهائيندو هو ته محفل مست مگن هوندي هئي. اڄ محفل جو مور ماٺ ۾ هو. مون سلطان جو لڙيل ڪنڌ مٿي ڪنيو، اکين ۾ ميگهه ملهار هو. بس وسڻ تي هو. مون ڇڪي ڪيس ڇاتيءَ لاتو. ٻنهه وسي پيو. اوڇنگارون ڏئي رنو، ڳوڙها بس ئي نه ڪن. مون ساڻس گڏ آيل پنهنجي هاري صوف کان اشارن ۾ پڇيو. جيسين هو ٻڌائي، سلطان ڪنڌ مٿي ڪڻي مون ڏي سڌو نهاريو.

”سائين صوف ڇا ٻڌائيندو، مان ٿو ٻڌايانءِ. شاهن مري ويو ـــ سائين

شاهن مري ويو.“ شاهن سلطان جو وڏو پٽ، اسان جو هاري هو. سلطان جئين جهونو ٿيو ته سندس هارپ هن جي ٻن پٽن شاهن ۽ گلڻ، سنڀالي هئي. گلڻ مانو پر شاهن شهزور هو. طاقت وارو، سهڻو جوان. پلو هاري، پر ڏيڻ جي چوريءَ جو ماهر. شاهن ڪٿي ٻلا ڍڳا ڏنا نه آهن، نند ڦتي پوندس. بنهه پويون ڏينهن ٿي لڳندن، جيسين ڍڳا ڪڏي واٽ نه وڃائين ته شاهن ڪونه سڏائي. جهلبو به ڏکيو هو، پوليس جي پڪڙ ۾ گهٽ اچي، تنهنڪري ويري به ويري هيس.

”سلطان، مان توکي چوندو هوس ته شاهن کي جهل، ڪڏهن پاڻ اهڙو جهلبئي جو ڳوليو نه ملنديءِ.“

”نه سائين هيءُ چور چوريءَ وگهي نه مئو آهي: اڪسيڊنٽ ٿيس. توکي ته خبر آهي ته هاڻ پرپاسي ۾ ڪنډ وارو ڪارخانو لڳو آهي. پلا پڪو روڊ، ٽرڪ وارا نشو پي هلائين ٽرڪ، بس همراهه جون پاسريون ڪڍي وڌائون.“

سلطان ڳالهه ٻڌائيندي سهڪي پيو. هن بس ڪئي ته صوف شروع ٿيو.

”سائين، ويو هو ٻهاري وارن ڏي. ٻن ڏينهن کان اتي تڪيل هو. ٻهاري وارن جو ڳوٺ ته خبر اٿئي، شهر جي چيڙي تي پڪي روڊ سان آهي. ٻهارو ۽ هيءُ هوٽلن جا شوقين، بس شهر پيا اچن وڃن. ٻهارو ته روڊ ٽپي ڳوٺ واري پاسي آيو، پر شاهن ٽپي نه سگهيو. پريان ٽرڪ پئي آيو، جوان کي ڪنيو ويو. بنهه ٽڪر ٿي ويو.“

مان ماٺ ۾ واقعو پئي ٻڌو. اعتبارئي نه پئي آيم. ڇهه فوٽو، پريل بت، ڪاٽڪو، ڦڙتيلو جوان. جنهن جي ٻرانگهه ڪوهه لتاڙي، سو روڊ ٽپندي ٽرڪ لتاڙيو. بنهه ويساهه نه پئي آيم. سلطان جو ماٺ ۾ هو، پرکي ويو.

”ابا سائين، ويسهه ته مان کي به نه هو. پر سال ٿيو، جو قرآن ڏنو مانس ته چوري کان پاسو ڪر. ڪاٽڪي چڏ. قسم ته ابا کنيائين، پر چوڪر وسامي ويو. آهستي آهستي ڪم کان جواب. بس ٻهاري جي سنگت ۾ پيو رلندو هو. گهڻو رهندو به هو ٻهاري وارن جي ڳوٺ هو. يار اٿس پلوڙ، پاڻ سان ڪم تي لڳائي ڇڏيو هئائينس. اسان ته پاڻ پلي ڇڏيو هو. ڪنهن ويلي پور پيس ته ڳوٺ ايندو هو. زال کي پڇي ڪونه. باقي ٻچڙن سان دل هيس. بس انهن کي ڏسي تول وني ڏئي، ۽ پوءِ اهو ئو وڃئي. گهڻو چئونس: ”ابا! ابا! گهڙي ته ويهه.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڱائيءَ لاءِ قرآن ڏنم. بس ھمراھہ چوريءَ ڪان ويو، چڻ گھر ڪان ويو.“

سلطان پنھنجي ڳالھايو. مان اوطاق ۾ ھوندي بہ اوطاق ۾ نہ ھيس. اڄڪلھہ نوڪري سانگي ٻاھر پيو رھنو پئي، پر جڏھن ٻني ٻاري جي سنڀال ڪندو ھيس تہ شاھن مون وٽ گھڻو ايندو ھو. سھڻو جوان ھو، سندس نرڙ تي ڏينيوڙي جو نشان ڏاڍو نھندو ھيس. پيءُ وانگر مساڳ ھٽندو ھو. ڏند پيا جرڪندا ھيس. مان جڏھن پڇندو ھيو مانس: ”شاھن، ڏي خبر انھيءَ ڏينيوڙيءَ جي: ڪنھن ڏينيوڙيءَ تہ نہ ڏنگيو اٿئي.“ ھيڏو پھلوان مڙس، بنھہ چوڪرين وانگر شرمائجي ويندو ھو.

ھن راڄ جو زميندار ھوندي بہ منھنجي راڄ سان دوستي ھوندي ھئي. ھاڻ وچڻ گھٽ ٿئي، ادو ننڍو پيو منھن ڏئي. پر جڏھن بہ ويندو آھيان تہ راڄ اڇيو مڙي. بس اھا ڪچھري لڳندي آھي، جو اسين مست ٿي اٿندا آھيون. سلطان سان گھڻي لڳندي ھئي، پر سندس پٽ شاھن مون کي وڻندو ھو. سندس شخصيت ۾ ھڪ سحر ھوندو ھو. پَٽ تي ھجي يا کٽ تي، سڀني ھارين ۾ پيو ٻڪندو ھو. سندس شخصيت مون کي ڏاڍو متاثر ڪندي ھئي.

مان سلطان کي چوندو ھيس:

”سلطان، ھن ڪاتڪو کي سمجھاءِ، عمر نہ وڃائي. مون سان ھلي تہ شھر ۾ ڪنھن ڪم ڪار سان لايانس. سندس حياتي ٺھي پوندي.“

تون مالڪ آن، ھلئي تہ ڀلي وٺي وڃينس. ”ڀلا شاھن کي ڍڳن جي چوريءَ جي ڄُوسَ. ڇھين مھيني ڪري يا ٻارھين، پر ڪري ضرور ۽ جھڙي تھڙي ڍڳي ۾ بہ ھٿ نہ وجھي. بس ڳولي ڪڍندو. مان ڪڏھن پڇندو ھومانس تہ کلي پوندو ھو:

”پوناڙ، توھان سان ڪھڙا لڪ لڪاءُ. ڍڳو يا ڍڳي مون کي نہ ماري، سندس اک بس ماريو وجھي. اک ۾ ڏسندو مانس، جي مٽيا ھوندس تہ بنھہ چڪي ڪيڏندو مانس. پوءِ ڀل مون وٽ ڏينھنڪ ھجي. ڪڍندو مانس ضرور.“

ويني ويني شاھن جا ڏاڍا پور پيا. اُھي ڏکيا ڏينھن بہ گھاريل ھئا. جڏھن زمين تي قبضہ ٿيا. شاھن، ڪھاڙي کنيو اُبو پيو ورندو ھو. وڏو پر جھلائو ھو. پيءُ ٿيءُ پوليس سان ويڙھہ تہ ھمراھہ ڇڏيو. ڳالھہ ڏاڍو تنگ ڪندي ھئي. پر ماٺھو تہ مٽيا وارو ھو، پوءِ عيب بہ سوين ھجنس. مون ڏنو سلطان ۽ سندس

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساٿي اٿيا بيٺا هئا.

”ابل سائين، ڳوٺ مهمان آهن. ٻهاري وارا آيل آهن. ڪجهه سندن ماني ٽڪر جو به فڪر ڪيون. بس موڪل ڏي، وري ٻئي ساعت ايندا سين. اجان ته اِتي آهيو نه؟“

”ها چاچا، پر مان ڳوٺ ايندس شاهن جو پير ڏيڻ. مڙس ويو پر يار کي ته ياد ڪبو.“

هو نڪتائي پي ته مون کي خيال آيو:

”صوف، سڀاڻي شهر اچين ته ٻهاري کي ونيو اچجانءِ. مان يار جي يار سان ملڻ چاهيان ٿو.“

”حاضر منهنجا سائين!“

هيءُ سڀ ويا ته مان وري ٻئي خفي ۾ لڳي ويس. پنهنجي ڳوٺ اچون چئني چماهي، ماڻهو ملڻ ۽ پير پرڻ ۾ پورو. ڏينهن گذريو رات وئي، صبح جو صوف، ٻهاري کي وني آيو ته شاهن جو موت ياد آيو. ماڻهو موت کي ته پل لاءِ ياد ڪري ٿو ڇاڪاڻ ته آهي به پل جو کيل.

مون سوچيو ته ٻهارو به شاهن وانگي ڪو قدآور ڪو سهڻو جوان هوندو. پر هيءُ جوان قد جو ننڍو، رنگ جو سانورو پر ڦڙتيلو هو. سندس اکيون ننڍيون ٻليءَ وانگر چمڪيون پئي. اجان اسان هڪٻئي سان ڪيڪر ئي ڪانه ڪئي ته تر جو وڏو صوبيدار فضل حسين اندر گهڙيو. پراڻو واقف هو. سيلوٽ هڻي اچي مليو.

”سائينجن جي خبر پئي، بس چيم ته ٿيندو وڃان.“

سندس نظر ٻهاري تي پئي ته پيشانيءَ تي گهنج اچي ويس.

”اڙي ڪاڪو. پنهنجي جُوءِ ڇڏي هتي ڪيئن آيو آن. چيو هيومانءِ ته هيڏي نه اچجانءِ، مارجي ويندين.“

”سائين! سائين! ٻابو آن. بس سائينءَ گهرايو هو، اجهو وڃان پيو.“

ٻهارو ڀڳهريو پيو هو. ڏٺم ته فضل حسين جي نرڙ تي گهنج وڌي ويا هئا ڪاوڙ مڙئي سرس هيس.

مون کلي ڳالهه کي لنوايو.

”ڇڱو، توهان هلي مناهين ۾ ويهو، مان پوءِ ڳالهائيندس.“

چاهيائين. ٻانهن موتي ناهي اِشارو ڪري ڇڏيائين. شاهن ڪي منهنجي سامهون ڏَڪيائون، ڪٺائون، پوءِ روڊ تي پنهنجي ٽرڪ سان چٽيائون. مان پاڻ هُيم سائين. فضل حسين کي به خبر آهي، شاهن جي مائٽن کي به خبر آهي. سائين، هو پوليس جي ڪري چپ آهن.“

ٻهارو چپ ٿي ويو. فضا ۾ سانت ڇانئجي وئي.مون اتي ٻهاري کي فرش تان ڪنيو. ٻهارو ڏنم ٿڙڪي پيو، هراسيل هو.

”سائين پاڳيا مون کي ماري ڇڏيندا. فضل حسين کي به لَٻي ڇڏيو اٿن. سڄي پوليس مليل آهي. مون کي حڪم هو، ڪجي مان پڪي تي نه اچجانءِ نه ته مارجي ويندين. آيو هٿس چاچي سلطان سان ملڻ. بس چاچي جو حڪم ٿيو، ٻيو اوهان جو نالو ٻڌو هيم، هلي آيس هتي ته ....“

هو وينو ڏڪ سيڪاٽڻ، مان مرڪي وينس. وڏي پاڪر پاتومانس. کيسي مان ڪجهه نوٽ ڪڍي ڏنامانس. دلداري ڏني مانس.

”خير آ، خيرآ. مان وينو آهيان، ڪنهن مائيءَ جي لال کي طاقت آ. بس تون هاڻ پلي وڃ، ڳالهه چپر ۾ رهندي.“

مون صوف کي سڏ ڪيو، ڪيس به خرچي ڏنم ۽ چيومانس ته ٻهاري کي خيال سان وٺي وڃي. ٻهاري هٿ ٻڌي موڪلايو.

”بابل سائين، پارت اٿئي“.

مون ٻهاري کي ڪنڌ هيٺ لڙڪائيندي ويندي ڏٺو. هُن جي چهري تي هراس هو. هڪ ڪاتڪو موت جي پَل ڪان ڪيڏو نه ٻڏل هو.

مان ٻئي صبح جو نوڪريءَ سانگي واپس حيدرآباد آيس پئي. اجان موٽر ۾ پير رکيم ته ڪمدار خانڻ آهستي آهستي اچي پٽڪو ڪيو:

”ٻهارو مري ويو سائين، اڪسيڊنٽ ۾. ساڳئي روڊ تي.“

مان ڪا گهڙي جمي بيهي رهيس ۽ پوءِ ڊرائيور کي اشارو ڪيم نيٺ موٽر اچي روڊ تي چڙهي. ڪجهه پنڌ اڳيان هلي مس ته سامهون ڪا شيءِ چچريل روڊ تي پئي هئي. مون يڪدم دانهن ڪئي ۽ ڊرائيور کي ٻانهن جهڪي گاڏي بيهارڻ لاءِ چيو. ڊرائيور زور سان بريڪ هنئي.

”شمن ڏس ڪنهن جو لاش آهي.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”سائين هيءَ لاش نہ اهي ڪتو اهي. توهان هروڀرو ڇرڪي ويا اهيو. هي ماڻهوءَ جو لاش نہ آهي. ٽرڪ هيٺان ڪتو چچرجي مئو آهي.“

پوءِ هن گاڏي هلائي، مون ڪيس اشارو ڪيو، پاسو ڪري گاڏي ڪڍيائين. مون ڪتي جي چچريل جسم کي ڏٺو، اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيم.

●

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اسان تي الزام آندا جڳ جيئڻ جا

زليخا پنهنجن خوابن جي شهزادي سان ڳالهيون پي ڪيون، هوءَ هِن دنيا کان پري پرين جي ديس ۾ وڃي هئي، سندس شهزادو ڪانئس پري نہ هو. سندس ڳالهين هن جي ڪنن ۾ سُرباٽ پي ڪيا. هوءَ هميشه جيان اُنهيءَ خواب ۾ الوٽ هئي، جو ماڻس ڪيس جاڳائي وڌو. هوءَ اُيا ساهہ کڻندي اُٿي ويٺي. زليخا آهستي اُٿي کٽ هيٺان پيل جتي سوري ويجهي ڪئي، پوءِ جتي گهليندي ٻاهر نڪتي. ٻاهر نڪتي تہ ولهہ وڪوڙي ويس. هُن دري وٽ پيل ٻتي کي کنيو ۽ وٽ سوري مٿي ڪئي.

هوءَ حويليءَ جو اڱڻ لتاڙي، رنڌڻي تائين پهتي تہ سڄي ڏڪي پئي. ولهہ بہ ولهہ هئي. ڪيس ننڊ اهڙي آئي هئي، جو رات چڱو پهر ٽپي هلي هئي ۽ هن کان ماءُ کي ڪير ڏيڻ بہ وسري ويو هو. سڄي حويلي جي ڪمرن جا در بند هئا، وراندن جون چڪون ڏنل هيون. هوءَ اڪيلي اڱڻ ۾ هئي. رنڌڻي جا ٻئي در ٻيڪڙيل هئا. هُن جيئن هڪ در کي ڌڪو ڏنو، در چيچراٽ ڪندو کلي پيو. اندر اوندهہ هئي. هوءَ جيئن لالٽين کڻي اندر داخل ٿي تہ هن پاڻ کي ماڻهن ۾ گهريل پاتيو. هُن اُنهن ڪُنڊن ڏانهن نهاريو. ڪارن ڪپڙن، ڪارن ڪتن ۽ ڪارن پٽڪن سان بہ جوان سندس سامهون بيٺا هئا. ائين اوچتو هڪ همراهہ جنهنجو رنگ صفا ڪارو هو، شڪليون ٺاهيندو منهن مان گڦ ڪيندو نچندو ٽپا ڏيندو اڳتي وڌيو. زليخا اتي ئي ڄمي بيهي رهي، سندس ٽنگن ۾ اڳئي ساهہ ڪونہ هو، ويتر هي پوائتي شڪل ڏٺائين، تہ ڦهڪو ڪائي ڪري. ائين ٻئي جوان پاڪر ۾ پري ڪيس بيهارڻ جي ڪئي.

هوءَ سڄي ڏڪي پئي. اُنهيءَ جوان جنهنجو وري رنگ پورو ۽ شڪل سهڻي هئس ۽ ڪنن ۾ ڪيوٽيون هئس، زليخا کي ڏڪندو ڏٺائين تہ مٿان ڪٽي ڪتي ورايائينس. هوءَ سڄي ويڙهجي سيڙهجي اُنهيءَ جوان جي ڀاڪر ۾ هلي ويئي. هوءَ آهستي آهستي هوش ۾ ايندي پئي وئي. هُن ڳيتون ڏئي، رڙ ڪرڻ چاهي "جن — جن" پر ڪانئس صرف پٽڪو نڪتو، جيڪو هن ٻڌو. پوري جوان سندس منهن تي هٿ ڏنو.

"ها اسين جن آهيون. ڪوهہ سليمان کان آيا آهيون. مان جنات جي بادشاهہ جو پٽ آهيان. هيءُ منهنجو وزير آهي - اسين پرين جهڙي شهزادي کي نقصان نہ پهچائينداسين."

زليخا هن کي ماٺ ميٺ ۾ تڪيندي رهي. جنات جي شهزادي جو ٻڌي هوءَ انهن خوابن واري شهزادي ڏي هلي وئي. جنهن کي اجان هاڻ خواب ۾ ڇڏي آئي هئي. هوءَ آهستي پاڻ ڇڏائي پري ٿي بيهي رهي.

سندس اکيون حيرت ۾ پريل هيون. هيءُ تہ ساڳيو شهزادو آهي، سهڻين نيرين اکين، پوري رنگ وارو شهزادو. هوءَ هاڻ ڪنڌ جهڪائي بيهي رهي، هو وٽس وري وڌي آيو. هُن سندس اَچرو هٿ ورتو، پوءِ هڪ آڱر ۾ چلڙو پارايائينس. پيار مان ڪيس ويجهو ڪيائين، ۽ هٽڙو ڪٽي ڇپن تائين آندائين.

هوءَ ان ڇهاءُ ۾ ٻڏي وئي ۽ اکيون بند ٿي ويس. هن کي سمڪ ئي نہ رهي، اِئين اوچتو، هن محسوس ڪيو تہ اتي ڪير بہ نہ هو. هن يڪدم اکيون کوليون. هيڏانهن نهاري هوڏي نهاري، يڪدم ٻاهر نڪتي. ماٽس وراندي جي ڇپري وٽ بيٺي هئي، "چور - چور" ماٽس اوچتو رڙيون ڪيون. هوءَ وٽس ڊوڙي آئي، "نہ امان چور نہ هئا. جن هئا جن."

"تو ڏٺا ڇا؟"

ماٽس تئين رڙيون ڪيون، "چور- چور- جن - جن - چور - چور - جن - جن ...."

زليخا سندس وات تي هٿ ڏنو، پر ماٽس حالون بي حال هئي. سڄي حويلي جاڳي پئي، زليخا جو پيءُ وڏو خان، آدم خان، بندوق سوڌو ٻاهر نڪتو. هو سڌو حويلي جا ڪڙا ڪندا لاهيندو، بين پٽن سان گڏ ٻاهر نڪري ويو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زليخا گمر سمر ورانديءَ جي ٽنيي کي جهليو بيني هئي. اوچتو هُن بندوقن جا ٺڪاءُ ٻڌا. هوءَ سڄي ڏڪي وئي.

”اڙي هنن کي نہ ماريو. هو جنات آهن. جنن جو شهزادو ۽ ساڻس وزير آهي. امان هنن کي چئہ تہ بندوقون نہ هڻن. هو شهزادا آهن.“

هوءَ ائين چوندي ساڻي ٿي ڪري پئي.

مون پڦي زليخا کي تڏهن ڏٺو، جڏهن پل هيٺان گهٽو پاڻي وهي ويو هو. پڦي زليخا جا وار چانديءَ جو روپ وٺي چڪا هئا. پڦي زليخا لاءِ اهو مشهور هو تہ هُن تي جنن جو اثر آهي. حقيقت ۾ پڦي زليخا جا وارث سندس ڀائر هئا. جن ڪنهن بهاني سندس سڄي ڇمار وڃائي ڇڏي. متان ملڪيت گهرن ۾ نہ وڃي. پڦي زليخا اسان جي اَبي جي سوٽاڻي لڄ ۾ سؤٽ هئي. مان جڏهن بہ پڦي زليخا جي گهر ويندو هئس، ۽ ساڻس ملندو هئس سندس ڀڪنڊڙ منهن جي ڏيا مون کي ماٺ ڪرائي ڇڏيندي هئي. مان ويجهو بہ هئو سانس ۽ لاڏلو پڻ، پر پڇڻ جي همٿ مون ۾ نہ هئي. پر هڪ ڏينهن همٿ ڪري ڪانئس پڇي وينس. هوءَ اُن ويلي چلهہ تي ويٺي هئي ۽ کير پئي گرم ڪيائين.

”پڦي اڄ تہ ان جنن جي شهزادي واري ڳالهہ تي وڃي. ڀلا اهو شهزادو ڪئين هو؟“

هوءَ مرڪي ويٺي، سندس اکين ۾ جوت اچي وئي.

”شيطان، توکي بہ ماڻهين ۽ ماسين پريو آهي. اهو شهزادو تو جهڙو هو، بس.“

”نہ پڦي. ڳالهہ تہ ڳالهہ آهي. پر مون کي تو کان ڳالهہ ٻڌڻي ضرور آهي. پڦي ڏس مان تنهنجو لاڏلو بہ آهيان نہ. توکي اصل ڳالهہ ٻڌائڻي پوندي پڦي!“

هاڻ پڦي زليخا روئي ويٺي.

”مون کي سيني ڏاڍو بدنام ۽ ڪوڙو ڪيو. منو اِنهيءَ ڪهاڻي تہ منهنجي سڄي حياتي ويران ڪري ڇڏي. ڀائرن بنهہ ويهاري ڇڏيو، جڻ اهو شهزادو موٽندو ۽ مون کي وٺي ويندو. ڳالهہ تي سا تي. ان جي ڪهڙي پچار ڪجي. مون ڪهڙو گناهہ ڪيو آهي؟“ هوءَ ماٺ تي وئي.

مون کيس وڌيڪ ڏکوئڻ نہ ٿي، چاهيو. پر ورهين کان اندر ۾ دٻيل هڪ

# پرديسي پکيئڙا

هن پٽ تي ڦهليل گليلن ۽ ڳوڙهن کي جاچيو ۽ پوءِ ڪانياٺي جي وچ تي هڪ ڳوڙهو رکيو. سندس ننيڊڙي ٻانهن ڏاڍي ڏانو سان ڪانياٺي کي گهمايو. هڪ ننڍڙي پکيءَ نڪتو ۽ پنهنجي ننيڊڙي ۽ نرم آواز کي وڌو ۽ کهرو ڪندي پڪاريو: ”هو - هو - هو - وهيو -“

پکين چوڌاري پڙڪو ڪاڏو ۽ وَهين جون قطارون سندس سامهون پورانهون ڪنديون ڪجين جي چوٽين ڪان اِئين نڪتيون، جڻ هو هيءُ باغ رکو ڇڏي نه ويندا، پر ملڪ به ٽپي ويندا.

هن ڪيترن سالن ڪان وهين کي قطارون ڪندي، ڪٽل جي مند ۾ ڪجين جي چوڌاري لامارا ڏيندي، ٻن ڳڙين خاطر جان جوکم ۾ وجهندي ڏٺو ۽ سندس پيءُ بچل باغائي جا ڏڪ بچائيندي ڏٺو. هيءُ پهريون سال هو، جو بچل بيماري سانگي، سچل کي ڪانياٺي سونپي هئي، پر هن هدايت سان ته ”سچل! ڪانياٺي وهندي پر جي ڪنهن پکي پکڻ جو کنپ ڪريو، سمجھ ته ڪِيس ڪري ڇڏيئه. خاص طرح وَهيي جو ته خيال ڪجانءِ. هيءُ پتڪڙو پورڙو پکي، پرديسي پکي اٿئي.“

سچل حيران ٿي پڇيو هيس، ”پر بابا! هيءُ پکي ته هتي جو آهي، پرديسي ڪيئن ٿيو؟“

”نه من! ڏورانهين ملڪ جو پتڪڙو پکي آهي. هيءُ ڪٽل جو عاشق آهي. ڪي سوين ڪوهه لتاڙي، ڪجين جي باغن ۾ اَچيو منزل هٽي. ڪٽل جون ٻه ڳڙيون سندس شوق به آهي ته پيٽ پوڄا به. مڙيوئي سندس شوق ۽ پيٽڙي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو خيال ڪجانءِ ٻچا! چو ته اسان ۾ شوق ۽ پيٽ جا ماريل آهيون!"

سچل کي يلي يت جاڻ هئي ته پٽس پيٽ لاءِ جي باغائي هو ته باغ جي ڪجيءَ ڪجيءَ سان ۾ چاهه هيس ۽ ڪيس جهونو باغائي سمجهيو ويندو هو. ڪجين جي باغن ۾ سندس موهه هوندو هو. يلي رئيسن جو باغ هجي يا سيٺين جو، وڏيرن جو هجي يا پيرن جو. ٻچل هلي ۾ ڪين صلاحون ڏيندو، پوءِ ڪٽي پاڻ پيرن وٽ نوڪر چو نه هجي. هونئن ۾ سندس پيرن سان جيئن ئي جيءُ ريجهيو هو، هن هاڻ پيريءَ تائين پئي نباهيو.

سچل ويني ويني پنهنجي پيءُ ٻچل جي حال تي ۾ سوچيو. جيڪو هاڻ کٽ تي پيو هو. ڪنگهي ڪنگهي سندس برو حال ٿيو هو. باقي ڪي بچيو هو. هونئن ۾ ڪمزورڙو ته هوئي. پر پَرُ ڪان هن بيماري هٽي هڏا ڪري ڇڏيو هوس. ماڻس ڪيئي حڪيم پيتيا هئا. ڪي چون ته سلهه اٿس، ڪي چون ته دم جو مريض آهي، ڪن ته مورڳو چيو ته "بابا! اِها ۾ پيري!"

پر سچل کي اها پڪ هئي ته بابو ڪڏهن اُٿي اچي پيڙو ٿيندم. سندس هڪ ته پيءُ سان دل هوندي هئي، ٻيو هيڏي وڏي باغ ۾ هو اُباڻڪو ۾ ٿيندو هو ۽ جهار هڪلڻ ۾ ته سندس لاءِ ڪو سولو ڪم نه هو.

ائين سندس ويچارن کي وَهين جي پورانهين قطارن پل لاءِ پري ڪري ڇڏيو. هو چرڪ پري اٿيو، هُن جي جان پئي نظر وئي ته ڪيس پورانهون پئي نظر آيون. ڪٿي ته هنن پڙڪا پئي ڏنا ته ڪٿي چوٽيارا وينا هيا. سندن ايڏي گهٽائي ڏسي ننڍڙو سچل ڊڄي ويو. هُن عمر ۾ ايڏو وهيو نه ڏٺو هو. هيل ولرن جا ولر ڏسي هو حيران ۾ ٿيو پي ته ڊنو ۾ پئي. هن ڪا گهڙي ته هن پورانهين پڙڪي ۽ چوٽيءَ جا نظارا پئي پسيا. اج ڪيس هيءُ ڪجين جو باغ ٻيو پئي لڳو. اوچتو ڪيس خيال آيو ۽ هو ڊڄي ويو: "جي سڄي ڪَتل جهارئي ڪائي وئي ته پوءِ —!" هُن يڪدم گُليلا ۽ ڳوڙها ميڙيا ۽ ڪانياٽيءَ جي وچ تي رکندو ويو، نڪاءُ ڪيندو اُن سان گڏ سندس رڙ ۾ پئي پيئي: "هو — هو — هو — وهيو —!"

سندس ٻانهن ساٽي تي پئي، پر اج وَهيو ۾ چئي ته ننڍڙي يار سچل جي ياري ڇڏي ڪاٽي تو وڃان. پڙڪو ڏيو، وريو ڦريو اچي، سو ۾ وَلرين. يا ته

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گوشا رسائتا ٿيا هيا يا تہ سچل جو باغ ئي منو هو ۽ ڪين وڌيو هو. سچل جڏهن هيءُ لقاءُ ڏٺو تہ يڪدم گليلن ۽ ڳوڙهن سان ڪٽي ڪيسا پريائين ۽ باغ ۾ اندر ڪاهي پيو. ڪانياٽي وَهندي پئي هلي، پر وڃيو جي پڇر ڇڏي! نيٺ سچل ڪانياٽي اُيي ڪئي ۽ سڌي هٽڻ لڳو. ڪنهن مهل ڪنهن وَلر ڪي ٿي چٽيائين تہ ڪنهن مهل ڪو اڪيلو بہ هٿ پئي چڙهيس تہ گليلي يا ڳوڙهي جو زوزاٽ هيس. پر سائين اڳيان بہ وَهيو هو. ڪانياٽي جي نڪاءُ سان هُن پڙڪو پئي ڪاڏو ۽ گليلي (ڳوڙهي) جي پهچڻ کان اڳ ئي هنن يا تہ آسمان پئي ڪنيو يا لهوارا ٿيو وڃي پٽ پئي ورتائون. شايد ائين بہ هجي جو سچل جي پتڪڙي وجود کي هنن پاڻ جهڙو پتڪڙو سمجهيو هجي. جو تہ جڏهن سچل ڪانياٽي هٽي ساٿو ٿيو ۽ پگهر وڃي ڪڙي ڪنيس تہ هو هڪ ڪجيءُ جي ڇانوَ ۾ ويهي رهيو ۽ گهڙي ئي ڪانہ گذري تہ وَهين اچي ديرو سندس پاسي ۾ هنيو ۽ ٽپ ڏيندا، سندس آڏو پئي ڪيڏيا. ڪي تہ بنهہ سندس مٿي کان يا تہ بنهہ ڪنن وٽان پون ڪندا وڃي سندس پنيان تي ويٺا. ائين پئي لڳو ڄڻ هو سچل سان راند پيا ڪن. ڪا گهڙي سچل هن نرمل نظاري ۾ گم ٿي ويو. ڪيس هيءُ پتڪڙا پکي ڏاڍا وڻيا پئي. پر پوءِ جو هن مٿي نهاريو تہ ڪيس باغ جي پينگ نظر آئي.

هو هرهر خار مان اٿيو پئي ۽ ڪانياٽيءَ جو نڪاءُ ڪڏي وري ويهي پئي رهيو. هُن ڪي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ هو ڇا ڪري. ڪا مهل هو بي وس ويٺو رهيو ۽ پئي وَهين جون رانديون پسيائين. هاڻي تہ هو ڇيڪ ڇڏيل هيا ۽ پٽ تي لهي ايا هيا. سچل هنن ري بود ۾ نينگ ٽپا ڏيندي مورڳو پوسريو يئي. سندس بي وسي ۽ لاچاري، ضد ۾ بدلجي وئي هئي. هُن جو منهن ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿيندو پئي ويو. سندس ڏند پڪوڙيا ويا. چوڌاري وَهين جو غوغاءُ هو ۽ سندس ڪنن جون دهلڙيون ڦاٽيون پئي، لوندڙين نڪاءُ پئي ڏنا. ويٺي ويٺي سندس هٿن ڪم ڪري ورتو ۽ هُن هِن دفعي ٻانهن کي گهٽو نہ گهمايو. بس سڌي ۽ اُيي ڪانياٽي وهي وئي ۽ سامهون ڪليل پٽ تي نچندڙ ڪڏندڙ بود ۾ ڇيچاٽن جو غوغاءُ ڪندڙ بي خبر پتڪڙن پکين پڙڪو ڪاڏو پر هڪ ساٿي سندن ساٿي نہ ٿيو ۽ ڏڪجي ڪريو. هو پٽ تي ڪنيڙاٽيون هٽي پنهنجون

ڪنيڙاٽيون ڪوهيندو رهيو. سچل هڪ وار ته خوشيءَ ۾ رڙ ڪئي: ”اهو ٿو وجيئي!“ پر پوءِ جو ڦٽڪڻ ۾ چين چين جو آواز ٻڌي هو سمجهي ويو. گهڙي ڪانه گذري ته سڄي باغ ۾ ماتم مچي ويو ۽ وهين رڙيون ڪري باغ مٿي تي کڻي ڏنو. هو اجان ويجها ته ڪونه پئي آيا، پر سندن واڪا وڏي سڏ پئي ٻڌا. سچل کي ائين لڳو ڄڻ وهيا اُب ڏاري وجهندا.

سچل کي وهين جي پڙڪن ۽ غلغلي هيسائي ڇڏيو هو. سچل ڊپ ۾ آهستي آهستي ڇُريو ۽ وڃي ڏکيءَ کي ڪنيو، جنهن هاڻي چڙيون ڪونه پئي هنيون پر ساڻو ٿيو پيو هو. سچل جي ننڍڙي هٿ ۾ ننڍڙو پکي جيئن آيو ته سچل کي ڏاڍو قياس آيو.

ننڍڙو پتڪڙو ڪنئرو هلڪڙو پکي ساڻو ٿيو سندس ترئءَ تي پيو هو. ڏک ۽ ڪو زبرو لڳو هيس، منجهس ڪا خاص جرپر نه هئي. ائين پي لڳو ڄڻ پوين پساهن ۾ هجي.

سچل آهستي آهستي مناهين ڏانهن هليو. هو هاڻ تڪڙو تڪڙو ٻنا ٽپڻ لڳو ۽ جيئن هو مناهين ويجهو پهتو ته ڪو ماڻهو پٽ تي ڪريل ڏنائين. ڪا گهڙي هو ڄمي بيهي رهيو، پوءِ اُبي رڙ ڪيائين، ”بابا ـ !“

ڊوڙندو وڃي پيءُ جي جُسي کي چنبڙيو.

ڏکي وهيي کي هن پٽ تي کڻي رکيو ۽ پوءِ هو پيءُ کي جاچڻ لڳو. سندس لونڊڙي ۽ منهن تي ڏکن جا نشان نظر آيا، جن مان رت وهي ڄمي هليو هو.

سچل ڏک سهي ڪري ويو ته اِهي گليلن ۽ ڳوڙهن جا ڏک هيا. هو سڄو ڏڪڻ لڳو، پوءِ روئڻ لڳو. هُن کي پنهنجا هنيل جوشيلا ڪانياٽين جا اُيا ڏک ياد آيا. هُن کي يقين ٿي ويو ته پٽس پوين پساهن ۾ آهي، ڇو جو بي سُرت پيو هو. هُن کي ويني خيال آيو ۽ هو مناهين ڏانهن ڊوڙيو. هُن نڪر وارو ڪُمرو پاٽيءَ سان ڀريو ۽ ڊوڙندو وريو. هن مٿي کي ٻڌل ليڙون ٿيل پوتڙو لاٿو، پاٽيءَ ۾ آلو ڪري پيءُ جو منهن اُگهڻ لڳو. هو سندس منهن اُگهندو پيو وڃي ۽ رُئندو به پيو وڃي. سندس ڳوڙها نه پيا بيهن. ڪي ته انهيءَ پاٽيءَ ۾ پئي ڳڙيا، جنهن سان هن پٽس جا ڏڪڙا پئي چينيا. ائين پٽس پٽڪو ڪيو ۽ ٻت

۾ چرپر آيس. گهڙيءَ کان پوءِ پٽس ڪنجهندو اُٿيو ۽ وَرُ ڪريو پئي جو سچل سهارو ڏئي سنڀالي ورتس. پٽس سچل ڏي نهاريو، سندس ڪومايل مُک پَسي مرڪي پيو. پوءِ جيئن ٿورو سنئون ٿيو ته سندس نظر ڏکي پکيئڙي تي پئي:

"سچل پٽ: گهبراءِ نه. پرواهه ناهي. هرهڪ پرديسي آهي. اڄ پرديسين جو وارو هيو. جهڙو وهيو پرديسي پکي، تهڙو مان ـ!"

هُن هٿ وڌائي پٽ تي پيل ڏڪيل وهيو هٿ ۾ کنيو ۽ پوءِ سندس چهنب وات ۾ وجهي، اُن ۾ ساهه ڦوڪڻ جي ڪئي، پر پوءِ هن پکيءَ کي چميو ۽ پٽڪيو. "مٺا! معاف ڪجانِ!" پوءِ بچل جو ڪنڌ. سچل جي هنج ۾ لڙڪي پيو. اُن سان گڏ پکي به سندس هنج ۾ ڪريو. هن ويلي سچل دانهن به نه ڪري سگهيو. صرف هو ٻن جُسن کي محسوس ڪري سگهيو پئي، ڪيس ائين لڳو ته ٻنهي پتڪڙي وهيي ۽ ٻنهي پيءُ جي جهور جسم ۾ ڪو فرق نه هو.

هُن مٿي نهاريو، چوڌاري ڪوبه غوغاءُ نه هو. سانت ئي سانت هئي ۽ ائين ٿي لڳو ته پرديسي پکيئڙا هاڻ اُڏامي ويا هئا.

●

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڌمو ٿيو. لهه هيٺ. مٿي نه وڃين ته ننڊ ئي نه اچئي.

ڊاڪٽر شهباز علي ٻُڏو اڀ ٻڏو ڪري وڃي مٿي ٽئين ماڙ تي پهتو. اُت به هڪ ڇپر ڪٽ پئي هئي. هو سهڪندو وڃي اُن تي ويٺو. چوڌاري چانڊوڪي ٻهاري لايو بيٺي هئي. اجا مٿي اچڻ ڪري هوا جا وڏيڪ جُهوٽا اچڻ لڳس. هو جهٽ پل ۾ ٻهاري ۾ اچي ويو. گنجي لاهي کٽ تي اُڇليائين. پيٽ چلڪائيندو هو ڪوني جي ننڍڙي پلنڙي تي وڃي ويٺو. چوڌاري عجيب ڪائنات ڦهليل هيس. هڪ پاسي ته سندس ڳوٺ جي جهرمر هئي، جيڪو هاڻ ڳوٺ نه پر شهر هو. بجلي آئي ته واٽر سپلاءِ آئي. اسڪول هاءِ اسڪول ٿيو ته ڪاليج به آيو. هاڻ جڏهن ٻُڏو هٺائين ته سندس هيءُ اباڻو شهر ضلعو ٿو ٿئي ته سندس مَنُ گدگد ٿيندو هو. هو روز هن ماڙيءَ تي چڙهي شهر جو نظارو ڪندو هو. هو شهر کي وڌندو ڏسي، ٽڙندو هو ۽ پوءِ آهستي آهستي هن ماڙيءَ جي ڪوني جي ٻئي پلنڙي ڏانهن وڌي ويندو هو. اُن پاسي سندس جايون ۽ پَٽَ ـ پلاٽ هئا.

ڀريائين ته هو انهن پٽن پلاٽن کي ڏسي خوش ٿيندو هو ۽ تصور ڪندو هو ته اهي ڪيتري ملڪيت ڪندا ۽ هو اجا وڌيڪ شاهوڪار ٿيندو.

هو انهيءَ کي امڙ جو حصو چوندو هو. ائين سندس نظر هڪ پاسيري ڪچي جاءِ تي پوندي هئي ته شڪل ڪاراٽجي ويندي هيس. ٻيهي ڏند ڪرٽيندو هيو. يڪدم اتان سُري ٽئين طرف هليو ويندو هو. ات به اهي ئي پَٽَ پلاٽ هئا، جنهن کي هو ابي جو حصو چوندو هو. هو هاڻ گدگد ٿيندو، فخر محسوس ڪندو هو ته ڏس هن پاسي جي ملڪيت بنا ڪنهن شرڪت جي سندس ملڪيت آهي ۽ هو ڪيئن آهستي آهستي سڄي ملڪيت تي قبضا ڪندو، وارث بنجي ويٺو هو. هو انهن مائٽن جي بي وسي ۽ لاچاري تي ڪلندو هو، جن کي هُن ڏاڍي سياڻپ ۽ هوشياريءَ سان بي‌دخل ڪيو هو. هن کي بيٺي ويٺي ان مائٽ جو خيال ايندو هو، جنهن سندس ماءُ جي حصي ۾ دعويداري ڪئي هئي ته هو اجا به وڌيڪ ڪاوڙبو هو ۽ چوٽين ٻ'سي وڌي ويندو هو. هيءُ پاسو هو پنهنجو پاسو ليکيندو هو. هيءَ ملڪيت هن ڪجهه ڦرلٽ ۽ ڪجهه پنهنجي ڊاڪٽريءَ جي ذريعي حاصل ڪئي هئي، هو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هنن جي واردات جو طريقو ڏاڍو آسان هو ته هو اول پنهنجن پڙ ڏاڍن، پڙ مامن ۽ پڙ چاچن سان گڏ گم ٿيل مائٽن جي حصن جا ڪليم وجهندا هئا. خاص طرح نانين، پڦين، چاچين ۽ مامين جي حصن ڪليم ڪرڻ ۾ آساني ٿيندي هين. ائين هو عزيزن قريبن جي ملڪيت ڪوڙن سچن نالن سان ڦٻائيندا هئا. جي نه ڦٻائي سگهندا هئا ته ان غريب جو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيندا هئا. قبضا ڪرڻ سندن آرٽ هو ۽ سندن خلاف ڪي به وڏا يا سندن جرگو نه ويندو هو. چاڪاڻ ته هيءَ ٽولو سيني کي علاج معالج جي سهوليتن ۽ مرڻي پرڻي توڙي دفن ڪفن جي بندوبست جي معرفت چپ ڪرائي ڇڏيندا هئا. جيڪو اجا بچي ويندو هو ته ڪيس ڌمڪين سان گڏ عذاب ۽ ڏنيٰ ڏيندڙ خط لکندا هئا. سندن مٿان خاندان جي عورتن جا دٻاءَ وجهي نياڻن سياڻين جا واسطا ڏيئي، آهستي آهستي ويندا هئا ملڪيت ڇڏرائيندا. انهيءَ سڄي ٽولي جو جيتوڻيڪ چيف دلبر علي دخلباز هئو، پر سندس رٽائر ٿيڻ کانپوءِ سندس پاءُ عاشق علي جي خوفناڪ جربن هوندي به ڊاڪٽر شهباز علي کي سيني کان مٿانهين حيثيت حاصل هئي. جيتوڻيڪ هو ڌسڻ ڪرڻ ۾ قد جو ننڍو ۽ ٻُت ۾ پريل، پريل نڪتل پيٽ سان سمهندو هو ته سندس ڳچي گم ٿي ويندي هئي ۽ ڪئين دفعا اوطاق تي اچڻ ڪرڻ وارن ونءِ رڙيون ڪيون ته ڊاڪٽر شهباز عليءَ جي منڊي ڪير وڍي ويو آهي. عمر ۾ ننڍو پر هڏ ڪاٺ جي ڳري ۽ مظبوط هئڻ ڪري پڪو لڳندو هو.

شهباز علي حقيقت ۾ دلبر علي برادران کان ملڪيت ڦٻائڻ ۾ گوءِ انهيءَ ڪري به کٽي ويو جو سندس سهرو گلباز سرڪاري نوڪري ۾ هو ۽ سندس واسطو ڪورٽن سان جام هوندو هو. هٿ ۾ تسبيح ۽ پل پل ۾ ڪوڙا قسم کڻڻ سندس معمول هو. جتي شهباز علي جي ڊاڪٽري يا ميسٽوپڻ ڪم نه ايندو هو، ات گلباز جي ڏاڍ ڏمر واري قانون جي لباس ۾ لڪل لٺ ڪم ايندي هئي. ائين ڪيترن يتيمن، بيوهه عورتن ۽ بيوس لاچار مٿن مائٽن جون ملڪيتون آرام سان هو ڊاڪٽر شهباز علي جي معرفت هٿراڌو قانون يا ڪوڙن قسمن جي ذريعي ائين گم ڪري ڇڏيندو هو جو اصل وارث وتندا هئا رت جا ڳوڙها ڳاڙيندا. پر چوندا آهن ته اوٺتيهه چور جون ته هڪ رات ساڌ جي

ٻہ هوندي اهي. شهباز عليءَ گلباز جو ٽولو هجي يا دلبر برادران، پر هو سندن سوٽائي سوٽ معصوم علي جي ملڪيت ڦٻائي نہ سگهيا. هو هڪ ڪچي پونگيءَ جهڙي جاءِ اڏيو شهباز عليءَ جي ماءُ واري حصي ۾ چنڊ جهڙي ملڪيت ۾ گرهڻ مثل وينو هو. هيءُ چالاڪ ۽ هوشيار ٽولو ڊاڪٽر شهباز علي جي مدد بہ ڪري نہ سگهيو. معصوم علي جي پلاٽ جي ٽڪري بنهہ سندس جاءِ سان لڳ هئي. شهباز علي جڏهن بہ متي چڙهندو هو تہ اِها پونگي ڏسي سندس منهن ڪاراٽجي ويندو هو. هن ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر يا تہ وقت معصوم علي جو ساٿ ڏئي رهيو هو يا شهباز علي جي قسمت خراب هئي. نہ تہ هُن اِهو سڄو پلاٽ ڦٻائي ان مٿان ويو محل ماڙيون ٺهرائيندو ويو هو. پر هن ٽڪري هٿي سندس پلاٽن جي سونهن ڦٽائي ڇڏي هئي.

معصوم علي اصل ۾ شهباز علي جي سهري گلباز جو سڳو ڀائٽيو هو. معصوم علي چاڪاڻ تہ هڪ غريب پاءُ جو غريب پٽ هو، تنهنڪري گلباز جو چنبو مظبوط هو. گلباز اهو پلاٽ، پنهنجي حصي سوڌو ڀين ڀائرن ۽ شهباز جي ماءُ جي نالي ۾ ڦٻايو. پر معصوم علي حق ۽ انصاف جي نالي ۾ پنهنجي وڏي چاچي محمد علي جي پٽن جي مدد سان ڪجهہ حصي تي قبضو ڪري ورتو. ڊاڪٽر شهباز علي ۽ سندس سهرو گلباز، معصوم علي کي تہ ٻي دخل ڪري سگهيا تي، پر مرحوم چاچي محمد علي جي اولاد سان اٽڪي نہ ٿي سگهيا، جو هو بہ سرڪاري نوڪري ۾ چڱن عهدن تي هئا ۽ هنن معصوم علي کي پنهنجو حصو بخش ڪري پلاٽ تي آڻي ويهاريو. ڊاڪٽر شهباز علي ۽ سندس سهري گلباز هُن غريب معصوم علي کي ڏاڍو سوڙهو ڪيو هو. اهڙو سوڙهو جو چوڌاري قبضن جي ذريعي هن جو لنگهہ بند ڪري ڇڏيائون. نلڪن جي لائين پچي ڇڏي ۽ سندس پاڻي جو نيڪال بہ بند ڪري ڇڏيو هئائون. هنن سندس لنگهہ واري گهٽي، جا معصوم علي جو بہ حق هئي، تنهن مٿان جاءِ ٺهرائي، پنهنجي قبضي ۾ آڻي ڇڏي. هن کي مقرر وقت تي اچڻ وڃڻ جي اجازت هوندي هئي، نہ تہ هو قيد ۾ اندر بند هوندو هو. جيتوڻيڪ هو ڪورٽ مان پنهنجو حصو پنهنجي سهوليتي حقن سان کٽي آيو هو پر رهٽو تہ ڪيس اِنهن ڏاڍن ۽ زورآورن سان ٻارن ٻچن سوڌو هو.

ڊاڪٽر شهباز علي سندس جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو هو: سندس پاسي گند ڦٽو ڪرڻ، گندو پاڻي سندس پلاٽ جي ٽڪر تي ۽ جهڳي ۾ ڇڏڻ، آئي وئي کي گار گند ڪرڻ. سندس سهري گلباز جو معصوم علي نندو پائيتيو هو، سو ايندي ويندي هو ٻہ گارين جا ڏوڙيا ڇاڙهيندو هئس.

ڊاڪٽر شهباز علي، اڄ ٻہ جيئن ٽين ماڙ تي ملڪيت جي تپاس ڪري واپس اچي کٽ تي ويٺو ئي مس تہ ڪيس ڪوڏر هڻڻ جو آواز ٻُڌڻ ۾ آيو. هو جيئن ئي وڏي پلنگڙي تي آيو ۽ هيٺ ڏنائين تہ چوداري ماٺ هئي. هن ڪاوڙ مان معصوم علي جي جهڳي ڏانهن نهاريو، ات ڪا ٻہ ڄُرپر نہ هئي. هن چارئي پاسا گهمي گهمي کٽ تي پير پساريا ئي مس تہ اهوئي آواز ڪير تڪڙي ڪوڏر هلائي رهيو هو. هو ڪا گهڙي آواز کي ٻڌندو رهيو، پوءِ انهي رخ ۾ ٽپو ڏيئي بيهي رهيو. پلنگڙي وٽان هيٺ ٽارچ هنيائين تہ ڪو ماڻهو هو جو کڏ کوٽي رهيو هو. هن يڪدم هڪل ڏنس: ”اڙي ڪهڙو آهين.“

همراهہ جيئن پنيرو هو تيئن سنئون ٿيو ۽ ٽارچ جي روشني ۾ پڌرو ٿي پيو. ”اڙي معصوم علي تون! مڙين نہ تو وري ڇاکي لڳو آهين.“

معصوم علي ڪا گهڙي چپ رهيو. پوءِ ڏاڍيان رڙ ڪري وراڻيائينس: ”تنهنجي قبر ٿو کوٽيان شهباز علي.“

شهباز ڪا گهڙي چپ رهيو. ٽارچ گهمايائين. ڪائنس رڙ نڪري وئي ٻہ وڏيون کڏون کوٽيل هيون، سي ٻہ سندس قبضي واري پلاٽ ۾. معصوم علي حد اورانگهي ٻئي حصي ۾ جيڪو شهباز علي جي ماءُ جي نالي ۾ قبايل هيون، ان ۾ بيهي کوٽ کوٽان ڪري رهيو هو. هو ڇا ڪري رهيو هو ۽ ڇو ڪري رهيو هو، اها معصوم علي کي ئي خبر هئي. ڊاڪٽر شهباز علي ٻنهہ ڳاڙهو ٿي ويو: ”اڙي معصوم علي، موت ڪنيو اٿئي! تون پرائي پلاٽ ۾ بيهي کڏون ٿو کوٽين، گولي هڪ ئي هڻندومانءِ...“

”گولي پلي هڻ. قبرن جي کوٽ ناهي شهباز علي!“ ٻي قبر تنهنجي سهري گلباز جي آهي — ٽين ٻہ ناهي وٺنداسين. لهي آ ... موت تنهنجو انتظار ٿو ڪري ...“ شهباز علي ڪاوڙ ۾ تمام ڪوڙي دانهن ڪئي، سڄو پاڙو اوڙو جاڳي پيو. هو يڪدم بندوق ڪڻڻ هيٺ ڊوڙيو. تڪڙ ڏاڍي هيس پر اڳيان ٻہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پل صراط جهڙي ڏاڪڻ هيس. پلا ڦرو مڙس سو جيئن جيئن اسپيڊ وڌائيندو ويو، ڏاڪڻ لڏندي لمندي نڪاءُ ڏنو ۽ شهباز علي ڪيپل وڻ وانگر ڳاتي پر هيٺ واري ماڙيءَ تي اچي ڪريو. سڄو ڪونو لرزجي ويو، جوٽس ٽپ ڏئي اٿي:

”اڙي گهوڙا مري ويس.“ مائي جميلہ پل ۾ پنهنجن لفظن جي ساپيا پسي ڏڪي وئي. ايئن رڙو رڙ مچي وئي. سندس سهرو گلباز رڙين تي مٿي چڙهي آيو. هڪ دل جو مريض، ٻيو جو ڏنائين جوان جماڻ نياڻو ڀڳل ڳاتي سان هيٺ پيو هو. اصل ڄمي ويو. جيئن شهباز علي واري ڇپر ڪٽ تي سمهاريائونس تہ اوٻاسيون ئي ٻہ ڏنائين.

اصل ۾ معصوم علي ڪوٺيون تہ ڪڏون گند ڪچري دفن ڪرڻ لاءِ هيون، پر ڪيس اها خبر نہ هئي تہ پاڻ ولي ٿي ويو آهي ۽ اهي واقعي شهباز علي ۽ گلباز علي جون قبرون ٺهيون. مٿن مائٽن کي بہ ڪوهہ پري قبرستان لاش ڍوئڻ بہ ڪو ڏاڍو ڏکيو لڳو، جو گهلي ٻنهي ڄڻن کي انهيءَ ئي پلاٽ ۾ ڪڏن ۾ ايئن ئي ڪٺي هنيائون، جڻ تہ ڪي اڳيئي ڪوٺيل ۽ تيار ٿيل قبرون هيون.

چون ٿا تہ معصوم عليءَ لاءِ سيني سهوليتن جا دروازا کلي ويا آهن جو مٽ مائٽ ٻن قبرن جي ڪري گهٽي کلي رکن ٿا. معصوم علي کي ڊپ صرف اُن ڏينهن جو آهي، جنهن ڏينهن شهباز علي جو پٽ وڏو ٿي ظلم ۽ دوکيبازيءَ جون واڳون سنڀاليندو ڇاڪاڻ تہ شهباز علي جي پٽ کي دلبر برادران ٽريننگ ڏئي رهيا آهن

معصوم علي هاڻ پنهنجي غريباڻي پونگي تي نالو ڪاڪ محل رکرايو آهي ۽ آئي وئي کي اِهي ٻہ قبرون ڏيکاري مشڪي چوندو آهي تہ هو ڏسو ”ڪاڪ ڪنديءَ قبرون“.

●

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جاڳ ٻہ تنھنجي جيءَ سان

ھو اجا در تي اڳڻ ۾ داخل مس ٿيو تہ اڱڻ ۾ بيٺل نينگر ھڪدم دانھن ڪئي: ”ھان! ھان! ڪير آن؟ ڪير آن؟ ائين گھڙي اچبو آھي — ھَل ھَلْ ٻاھر.“

سليم جون وڪون وڪوڙجي ويون ۽ ڄمي بيھي رھيو. وِچ وراڪو ڏنو ۽ پوءِ نينگر ڪٺي رئي سان منھن ڍڪيو. سليم ھوش ۾ ھو يا بي ھوش، پوئين پير وريو ۽ در ٻاھران دڪيءَ تي اچي بيھي رھيو. ھو ڪا گھڙي سوچيندو رھيو. پوءِ ھن گھٽيءَ جو جائزو ورتو. گھر ۽ در ڪي ورائي ڏٺائين. گھٽي بہ ساڳي، گھر ۽ گھر جو در بہ ساڳيو. ھن ڪي ھن گھٽي ۾ گھر ڏانھن لڙندي ورھيہ ضرور ٿيا ھئا. پر ايڏو بہ ھو بي ھوش ڪونہ ھو، جو ھو ماسيءَ جو گھر نہ سڃاڻي. جنھن گھر ڏانھن ماءُ سان گڏ ايندي سندس جُتيون گسي ويون ھيون. جنھن گھر جي اڱڻ ۾ ھو ماسات قادن سان گڏ کيڏي وڏو ٿيو ھو: جنھن گھٽيءَ ۾ بيھي ھن ھوڪرون ڏنيون ھيون. اڄ ھن ڪي اھا گھٽي ۽ گھر اوپرو لڳو. ھن سوچيو تہ ڪنھن راھگير کان پُڇي. ائين ٿيڙيءَ پويان آواز آيو:

”ابو سلڻ آھين؟“

ھن جو ساھہ ساھہ ۾ آيو. اھو ماسي قادن ـ ماءُ جو آواز ھو. ماسي قادن ـ ماءُ سندس سڳي ماسي نہ ھئي، پر سندس ماءُ جي سوٽاٽي لڄ ۾ سوٽ ھئي. ھن لاءِ سڳن کان بہ وڌ ھئي. ننڍي لاڪر سندس پرگھور لھڻ واري اھا ماسي تہ ھئي، جنھن کيس سانديو ۽ لاڏ ڪنيا. ماءُ جي گذرڻ کان پوءِ ھن ڳوٺ اچڻ ئي ڇڏي ڏنو. ورھين لاڪئون ماسيءَ جي چِٺي مليس تہ دل سَٽ ڏنس. ھو ڪنھن کان پڇڻ بنا ھليو آيو. ڇڙٻ تہ ڪاڏائين، پر پوءِ ماسيءَ جو مٺو آواز

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌائين ته اندر ۾ ٽڙي پيو. يڪدم اندر ڪاهي پيو. هو ماسيءَ سان حجائتو هو، يڪدم ماسيءَ کي ڀاڪر ۾ ڀري ڪٽي مٿي کنيائين.

”ها ماسي، مان سلڻ آهيان، پر ڪلاڪ کان ويل ۾ آهيان. هيئن پنهنجن جو آڌرڀاءُ ڪبو آهي؟ اهڙا چوڪيدار وهاري ڇڏيا اٿئي جو ...“

سليم محسوس ڪيو ته ماسيءَ جو بنهه آواز نه پئي نڪتو. صرف وڏن ساهن جو آواز هو. سليم محسوس ڪيو ته تمام هلڪو جسم، جڻ هڏائون پڃرو سندس هنج ۾ آهي. هن يڪدم ماسيءَ کي ڏٺو. هڪ ڪمزور ۽ نٻل جسم سندس ڀاڪر ۾ اُيا ساهه کٽي رهيو هو. هن يڪدم هيڏانهن هوڏانهن نهاري ماسيءَ کي اڱڻ ۾ پيل کٽ تي ليٽايو. مڙهو جسم، سليم جي سَٽ ۽ ڦيريون، ماسي قادن ـــ ماءُ اصل اڌ مئي تي پئي هئي. اندران اها نينگر، جنهن سليم کي ڇڙٻ ڏني هئي، ڊوڙندي آئي. يڪدم اچي ماسيءَ جون تريون مهٽيائين ۽ پوءِ ڊوڙندي پاڻي کڻي آئي. ڪجهه ترين جي گرمائش، ڪجهه پاڻيءَ جا ڇنڊا، ماسي هوش ۾ اچي وئي.

انهيءَ وچ ۾ سليم ڦڪو ڦڪو بيٺو رهيو. هو اُنهيءَ نينگر کي ڏسندو رهيو، جنهن جا نيڻ نماڻا ها. وار ڪليل، جُهل هنيو، هيٺ لهرو پئي هنيائون. رنگ اڇڙو، منهن اهڙو اڇو اُجرو ۽ ڏوتل پوتل جهڙو فرشتو. هيءَ قدآور نينگر اُچلون ڏئي اڱڻ ۾ هلي پئي ۽ سليم جي اک منجهس هئي. ماسي ڪنگهيو ڪڙڪيو ته سليم ۽ نينگر مان اک ڪيڏي. هو حيران هو، هن کي هيڏي سونهن ۽ اوجر ڪٿهن نظر ڪانه آئي هئي. جوان ئي هو ته زال ۽ ٻچا ڇٽي مولا جي ملڪ هلي. هيءُ اڪيلي نوڪري ڪري ٻچا نپائي اصل هڇي پيو. ٻيوه پيڻ کي اچي پاڻ سان رهايائين. اڄ نندي نوڪري، سيان وڏي. وڏو آفيسر ٿيو ته لوٽو نه هنيائين. اڄ نندي نيٽي نينگر ڏسي، بنهه هرڪي پيو. ماسيءَ سان ڳالهه ٻولهه ۾ وينو ته ڪلي پيو.

”ماسي! توکي ته خبر آهي اسان جي زندگيءَ جي. جيڏا اُٺ تيڏا لوڏا، نوڪري ۾ ئي پورا آهيون.“

”پر ابا، جوٺهين هيءُ جهان ڇڏيو ته توکي جهلي ته ڪانه وئي هئي. ٻچا پيڻ پالي وڏا ڪيا. ائين جواني جهوتو ڪري ڇڏيئي، عجب ماڻهو آهين.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ها ماسي، ھوئنن ﮃ جواني جھوتو آھي. پر ماسي ھاڻي فيصلو ڪيو اٿم ته ڪو سڱ ملي. ڪيستائين اڪيلو رھبو؟“

هُن اُن نينگر ڏانھن نھاريو. جيڪا ھاڻ متي تي پلنگ وجھيو چانھ کڻي آئي ھئي. ماسيءَ پراڻي عينڪ مان ڪيس ڏسي ورتو.

”تو شايد ھن کي نه سڃاتو.“ سليم ڪنڌ ڏوڻي نهڪ ڪئي.

”شاھ بانو اٿئي، منھنجي ڏوھٽي شانان جي ڌيءُ. شانان ﮃ ھن کي ۽ اڪبر کي ننڍو ئي ڇڏي گذاري وئي. توکي ته خبر آھي، ھيءُ ﭘچا مون ڪيئن نپائي وڏا ڪيا آھن؟“

ماسي سُڏڪي پئي. سليم حيران ھو ته ھُن اُن ڇوڪر کي ڪنھن زماني ۾ شانان جي ھنج تي ئي ڏٺو ھو. اڄ ھوءَ ائين وڏي وڻ تي وئي ھئي، جو سليم کي اُن قدآور ڇوڪري کي ڏسڻ لاءِ ڪنڌ متي ڪري ڳچي اُڀي ڪرڻي پئي پيئي. ھاڻ ماسيءَ ساھي کڻي ڳوڙھا اُگھيا.

”سلڻ! قادن جي روزگار جي ته خبر اٿئي. ريزڪي دوڪان. سو ڪڏھن موڙي آھي، ڪڏھن مندي آھي. ڪڏھن ائين نه ڇيائين ته ھان امان وٽ ھيل جھجھوڪمايو اٿم. نه پار نه ﭘچو. بس جيئن جوٽس ڇڏي ويس ته نه پاڻ لوٽو ھنيائين نه وري جوٽس موٽ ڪاڏي. اِھو مون پورھيا ڪري شانان جي ٻنھي جگر جي ٽڪرن کي تاتي نپائي وڏو ڪيو آھي. اڪبر ته اڃا پڙھي پيو پر شاھ بانو ھئي وڏا امتحان پاس ڪري ورتا آھن. توکي چني ﮃ اُن لاءِ لکي ھيم ته ھاڻ مون ۾ طاقت نه آھي.“

ماسي وري ٽبي ۾ پئجي وئي، پر سليم جي اکين ۾ چڻ ته چمڪ اچي ويئي. ھن جون نگاھون شاھ بانوءَ کي ڳولڻ لڳيون. شاه بانو پريان ﭙيٺي ھئي ۽ پئي رسيءَ تان ڌوتل ڪپڙا لاٽائين. ھن جنھن چستيءَ سان ڪپڙا لاٽا ۽ وري ڪٽ تي رکي سنوان ڪندي ھڙ ٺاھي وراندي ڏانھن نڪتي، سليم کي ٻنھ خيال کنيو ويا. ھيءَ سنئين سيبتي سھٽي ڇوڪري ملي وڃي ته ﭙيو ڇا کپي. ماسيءَ شايد ان لاءِ گھرايو آھي.

ماسيءَ جي کنگھ کڙڪي کيس وَرُ موٽايو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”توکي ته خبر اهي، هن زماني ۾ کدر سفر ڪيڏو نه ڏکيو اهي. چوان ٿي ته ڪا نوڪرڙي ابا ملي وڃيس ته ڏاڍو چڱو. تون هاڻي چڱو وڏو آفيسر آهين. هٿ ڏکيا اٿئي، وس ۾ به اٿئي، بس شاهه بانو کي ڪا نوڪري وٺي ڏي. هٿ هاڻي وڏا اسڪول به کليا آهن، بس ابو تي، ڪا مدد ڪر. دعائون ڪندي سانءِ.“ ماسيءَ منٿون ڪندي چيس.

سليم ڪجهه وسامي ويو، پر پوءِ همت نه هاريندي چيائين:

”ماسي اِها ڪهڙي ڳالهه آهي، شاه بانو لاءِ نوڪريون ڪوڙ، پر —“

هو چپ ٿي ويو ۽ سوچيائين ته نهيو ڳالهه ٻئي ويلي ڪبي، پر ماسيءَ يڪدم ڳالهه کي ڇڪيو:

”پر ڇا اَبا!“

”نه ماسي اها ڳالهه تنهنجي سوچڻ جي نه آهي. شاه بانو ڪاڏي وئي. سڏ ڪيوس، ڪجهه مان به ته انٽرويو وٺانس.“ سليم کلندي چيو.

شاه بانو ڪو پريان بيٺي ٻڌو، تکي ڊوڙندي آئي. جيئن شاه بانو ويجهو پهتي ته سليم جي اک وڪوڙي ويس. چوڪر سندس اک جي چمڪ پسي هٻڪي. پير وچڙيس، پر اچي پهتي ۽ ڏاڍي ادب ۽ احترام سان چيائين:

”جيءُ چاچا! اوهان سڏيو.“

سليم جي اک مان چمڪ گم ٿي وئي. سندس منهن ونَ ونَ ڪرڻ لڳو. گهڙيءَ ۾ نراڙ پگهرجي ويس، ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيائين ۽ چيائين:

”ٺيڪ آ شاه بانو، توکي ماستري ملي ويندي.“

ائين چئي اُٿيو ۽ ماسيءَ جي پيرن تي هٿ رکي ڏانهس نڙيو.

”چڱو ماسي، آءُ موڪلايان ٿو. ڪم به اٿم، صبح جو هليو ويندس. تون دلجاءِ ڪر. شاه بانو جي ماستري جو آرڊر توکي گهر ويٺي ملي ويندو.“

ماسي في الحال ته ماٺ ۾ اچي وئي، ۽ پوءِ سمڪ آيس ته سليم چائنٽ کان ٻاهر هو.

هن ٻاهر گهٽيءَ ۾ اچي وڏو اُيو ساهه کنيو ۽ پوءِ ساهه کٽندو هليو. کيس ائين محسوس ٿيو ته هو وڏي پورهيي کان آجو ٿيو آهي.

پر هو جيئن پنهنجي اباڻي گهر پهتو ته سندس هنيانءُ ڀرجي آيو. هيءُ گهر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهڻو ڪري سندس امڙ جي وفات کان پوءِ بند رهندو هو. سندس امڙ جيسين جيئري هئي تہ هيءُ بہ پنڌ ڪندو هو. اڄ ورهين ڪرهين آيو تہ اڱڻ ۾ ويهي رهيو. ڪمرا ڪليل هئا. اندران سندس پراڻي جهور نوڪرياڻي، جنهن کيس بہ پاليو هو، لڏندي ٻاهر نڪتي.

"ابا اچي وئين. مان چنڊ ڦوڪ ڪري چڏي اٿمانءِ. تون پلي هاڻ اندر ويهہ آرام ڪر. مان گهڙيءَ ۾ چانهہ ٺاهي ٿي ونان."

"ٺيڪ آ ڏاڏي."

هو اڱڻ ڇڏي ڪمري ۾ آيو. ڪمري ۾ ٻوسٽ هو. هن کي پهريائين ٻوسٽ محسوس ٿيو. پوءِ هو جڻ تہ ٻوسٽ جو هيراڪ ٿي ويو. هو اُت پيل امڙ واريءَ کٽ تي پيرانديءَ کان ويهي رهيو.

هن ڪڏهن ائين نہ سوچيو هو، نہ محسوس ڪيو هو. اڄ هو هڪ ننڍي ٻار وانگي ڪو رانديڪو ڏسي هرکي پيو ۽ پوءِ هن جا هٿا ٽڏا ساهہ. سچي جهوٽي واري جواني صدين وارا پل ٿي لڳس. هن ڪڏهن اڪيلائي لاءِ سوچيو بہ نہ هو. اڄ هو پاڻ کي ايڏو اڪيلو سمجهي رهيو هو، جو احساس وچان ڳوڙها ڳڙي آيس. هو ڪا مهل ائين وينو رهيو. ڪڙڪي تي هو سجاڳ ٿيو. ڳوڙها اگهي پُنيرو ٿي چيائين، "ڏاڏي چانهہ رکي وڃ. مان پاڻهي پيان ٿو."

ڪمري ۾ اوندهڙي هئي. پر هن ڏٺو تہ ڪنهن وڏي اچي بتي ٻاريءَ هن جيئن روشني پسي مٿي ڪنڌ ڪنيو تہ هن جي سامهون شاه بانو پاڻي ۽ چانهہ ڪنيو بيٺي هئي.

"سائين! چانهہ پيو." هن جون اکيون تيئن پرجي آيون. هن اٿڻ چاهيو. شاه بانو پاسي ۾ پيل ٽيبل تي پاڻي ۽ ڪوپ رکيو ۽ کيس وهاري ڇڏيو. پوءِ ٿپ ڏيئي پر ۾ ويهي رهيس. هن ڳوڙها ڳڙندا ڏٺا ۽ پوءِ رئي سان سندس ڳوڙها اُگهڻ لڳي. هو تيئن جهڄي پيو.

"نہ منهنجا سائين! ائين روئبو آهي ڇا. توهان تہ منهنجا سائين آهيو."

شاهہ بانو اهڙي پيار ۽ پاٻوهہ سان چيس جو هو فدا ٿي پيو. هن ڪٽي ڀاڪر ۾ ڀريس.

"شاهہ بانو تون مون سان هلندينءَ، منهنجي ٿيندينءَ."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ها سائين. ناني چئي ٿي اوهان منهنجا چاچا تورائي آهيو. اوهان سائين آهيو ۽ جيئن سائين چئي تيئن ڪر. توهان جيئن چئو سائين.“

هو اٿي بيٺو ۽ ڪانئس تورو پرپرو وڃي بيٺو. شاه بانو بہ اٿي بيهي رهي. هو ڪيس گهوريندو رهيو. هو ٻڏتر ۾ هو. ڇوڪر صفا بدليل هئي. هُن جو انداز ۽ رُخ ئي ٻيو هو. هو سندس موهيندڙ انداز پسي، ويو ويچارن ۾ ويڙهيو.

پاڻ پنجاهہ جي ويجهو هو ۽ ڇوڪر ويهن پنجويهن ڪان مٿي ڪيس نہ لڳي. هن ڪي ڪا گهڙي لوڪ لڄا جو خيال آيو ۽ جوان ٻارن جو. هو ائين سوچيندو رهيو. ائين شاهہ بانو اڇل ڏئي ويجهو هلي آيس. هُن ڇرڪ پريو پر ڇوڪر منجهيل نہ هئي.

”ڇا ٿا سوچيو. ناني چئي پئي تہ سائينءَ کي پريشان ٿيڻ نہ ڏجانءِ. ڏاڍو خيال ڪجائينس.“

پوءِ هن چانهہ جو ڪوپ ڪنيو.

”ڀلا چانهہ پيو. چانهہ ٿي ٺري. اڙي چانهہ تہ ٺري ويئي. بيهہ گرم ڪري اچان. ناني ڪاوڙجي ويندي.“ سليم وڌي وڃي ڪانئس ڪوپ ورتو ۽ رکي ڇڏيو. هن فيصلو ڪري ورتو. پوءِ ڪيس پاڻ ڏانهن ڇڪيو. ويجهو ڪندي چيائينس:

”پنهنجي نانيءَ جي ڳالهہ ڇڏ شاه بانو، تون بہ تہ ڳالهہ ڪر. تنهنجي مرضي ڇا آهي؟“

شاهہ بانو ڪا گهڙي چپ ٿي ويئي ۽ پوءِ چيائين:

”ناني چئي ٿي تہ جيئن سائين جي مرضي ۽ تون هاڻ هن جي ٻانهي آهين. توهان جي ڪاوڙجي ويو تہ نانيءَ کي ڏاڍو ڏک ٿيو. ان ويل برقعو پارائي وٺي آئي اٿم.“

”ماسي ڪاٿي آ.“ سليم ڪانئس پڇيو.

”ناني ٻاهر ڏاڏيءَ سان ويٺي آهي. مون کي نانيءَ چيو آهي تہ جيئن سائين چئي. جي وٺي هلي تہ بہ حاضر، جي هت ٻانهي ڪري ويهاري تہ بہ جيئن سندس مرضي.“

سليم وري سوچ ۾ پئجي ويو. شاديءَ جو ڇوڻ سولو، پر ان سان گڏ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئين مسئلا، ڪئين مرحلا خيال ۾ ايس. جيئن شاهہ بانو وديڪ ويجهو تيس ۽ ٻچيءَ ۾ ٻانهون پيس تہ سليم بنهہ پاڻي ٿي پيو. يڪدم سٽ پائي ٻاهر نڪتو. ماسي اڱڻ ۾ ويٺي، ڏاڏيءَ سان ٻولاچاري ڪئي. بنهہ اورگهور ٿيو ڊوڙندي آئي.

”مان صدقو وڃانءِ. ائين ڪاوڙجي وڃبو آهي. شاهہ بانو ڪهڙي شيءِ آهي، تون حڪم ڪر، شاهہ بانو جڏهن ڪپئي ڪٽي وڃ. اج ڪان تنهنجي مِلڪ ٿي.“

”پر ماسي —“

”پر ہر ناهي. توکي وٽي ٿي ۽ مان سلڻ ڪان اُها شيءِ رکان؟ مان پاڻهي شاهہ بانوءَ جي پيءُ قادن سان منهن ڏينديس. جڏهن وٽئي تڏهن نڪاح ڪرينس، شيءِ تنهنجي ٿي.“

سليم وري سوچ ۾ پئجي ويو. يڪدم پنتي موٽ ڪاڏائين. هُن ٻڌو ڏاڏيءَ وڏي واڪ چئي رهي هئي: ”ادي قادن ماءُ! شاهہ بانو ڪا وڏن ڀاڳن واري آهي، جو ههڙو ماڻهو مليو اٿس. هيڏو وڏو آفيسر، لکن جي ملڪيت، عمرن جي فرق ڪي چا ڪبو. پاڻ بہ تہ لکن جو مٽ آهي. اسان جو ابو، بس تنهنجي ڇوڪري راڄ ڪندي راڄ.“

هو اندر گهڙيو تہ حيران ٿي ويو. شاهہ بانو بي خبر ٿيو ويٺي هئي. هُن پئي هٿ مهٽيا، سندس هٿ ڏڪيا پئي. هو جيئن ويجهو ويس تہ ڪيس هوءَ اڃي نظر آئي، چڻ بنهہ رت ئي نہ هجيس. هو ويجهو ويس تہ ڏنائين سڄو ڏڪي ۽ سهڪي پئي. هن سڏ ڪيس، ”شاهہ بانو، شاهہ بانو“ هو ڇرڪ ڀري ائين اٿي چڻ ڪنهن ڊپائتي خواب مان سجاڳ ٿي هجي. شاهہ بانو ڪيس ڏٺو. ڪا گهڙي هوءَ ڏڪندي رهي، هٿ مهٽيندي رهي، پوءِ ڏڪندڙ هٿن سان هُن سندس هٿ پڪڙيا.

”سائين او سائين ـ ناني، سائين ـ ناني.“ هن بہ چار لاڳيتيون ڳيتون ڏنيون ۽ سهڪڻ لڳي. سليم ڏٺو تہ شاهہ بانو وقلي پئي. هو سندس هٿ پير مهٽڻ لڳو. پر زوريءَ هٿ ڇڏايا ۽ سخت مهٽڻ لڳي ـ سندس وقل جاري هئي، آواز ڳرو ٿي ويس: ”منهنجي ڳالهہ ٻڌو سائين ـ منهنجي ڳالهہ ٻڌو پوءِ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فيصلو ڪيو، تڪڙ نه ڪيو. هن دفعي ته منهنجي ڳالهه ٻڌو، توهان ضرور ٻڌندؤ ٻلي ٻيو نه ٻڌي، سائين او سائين.“

نينگر ليلايو پئي، هو ڏڪي ويو. هو حيران هو ته هي ڇا ٿي ويو. هن ڪيس پاڪر ۾ پريو ته ڇوڪر رُنڻ لڳي، ٻنهه جهجي پئي.

”ڳالهه ڪر من! تون کُلي ڳالهه ڪر دل.“

سليم هن کي پرچائڻ ۽ پرپائڻ لڳو. ائين شاهه بانو ٽپ ڏئي سنئين ٿي ويهي رهي. سندس جسم ۾ اها ئي ڏڪڻي هئي، پر هوءَ پاڻ کي روڪي ڳالهائڻ لڳي:

”منهنجي ڳالهه ٻڌو مان هوش حواس ۾ آهيان. خدا جي واسطي منهنجي ٻڌو. منهنجي پيءُ تي اعتبار نه ڪجو. نانيءَ جو ڏوهه ناهي، پر هو بيوس آهي. منهنجو پيءُ نشئي ۽ جواري آهي. هن کي پئسا کپن. هن ۽ مڱڻا ٽوڙيا آهن. هاڻ منهنجو ٽيون مڱڻو ٿيل آهي. هو هڪ ڪان پئسا وٺي وري ٻئي کان وڏائي ونندو آهي، ۽ پيو آسرن تي هلائيندو آهي، هاڻ ٽيون مڱڻو ڪيو اٿس. توهان کان پئسا وٺي وري اهو ڇڏائيندا. پوءِ وري اهوئي عذاب منهنجي لاءِ ڏنب، گلا ۽ خواري. توهان ۽ هليا ويندؤ وري ڪو ڇوٽون ايندو. منهنجي لاءِ ائين ڇو آهي سائين؟ ماڻهو چون ٿا ته نياڻي آهي.“

شاهه بانو وري هڪ نفسياتي مريض وانگر هٿ مهٽيا ۽ سڄي ڏڪڻ لڳي.

”مون کي ڇڏي ڏيو سائين. مان سيني جي ٻانهي آهيان، سيني جي، ابي جي، نانيءَ جي، سيني جي سائين، منهنجو ڇا آهي.“

ڇوڪر وري وقلڻ لڳي ۽ ڏڪندي سڏڪندي آهلي پئي. هاڻ سندس ڳوڙها نه ٿي بيٺا.

سليم جي اکين ۾ ۽ پاڻي پرجي آيو. هو ڏکويل جيءَ کي ڏسي ڏکوئجي ويو.

هن وري هن جا هٿ مهٽيا، پاڻي پياريو. شاهه بانو کي هوش ۾ آندو. هوش ۾ اچي شاهه بانو هن کي چنبڙي پئي. هو هن جي وجود کي هاڻ محسوس ڪرڻ لڳو هو. هن جي ڇهاءُ ۾ هن کي نئين زندگيءَ جو احساس ٿيو. هو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهه بانو کي پاڪر ۾ پري ٻاهر وٺي آيو. شاهه بانو هن جي جيءَ سان لڳي ڪمري کان ٻاهر آئي. اڱڻ ۾ شاهه بانو جي ناني ۽ سليم جي پراڻي نوڪرياڻي ڏاڏي ته ويٺيون هيون، پر چپ هيون، ۽ فضا ڪجهه ڳري لڳي پئي.

جيئن ئي سليم ۽ شاهه بانو ورانڊي کان ٻاهر نڪتا ته ٻئي پڻ ڪجهه هٽڪيا. شاهه بانو ته ٻنهه پاڻ کي الڳ ڪرڻ چاهيو، پر سليم ڪيس ڇڪي پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳائي ٻيهاري ڇڏيو. فضا اوپري ان لاءِ هئي جو سامهون شاهه بانو جو پيءُ قادن ٽوپي نراڙ تي رکيو ٻيٺو هو. ڪا گهڙي سانت رهي، پوءِ سليم ڳالهايو: ”ڏاڏي! اندران منهنجو بريف ڪيس کڻي آ.“ ڏاڏي ڊوڙندي وئي، ڊوڙندي وري، ”ابا اچي!“

سليم، شاهه بانو کي ڏاڏي جي حوالي ڪيو، ”هن جو خيال ڪر، ڪٿي ڪري نه پوي.“

شاهه بانو ۾ وري ڏڪڻي پيدا ٿي چڪي هئي. پوءِ سليم بريف ڪيس کوليو ۽ ان ۾ پيل نوٽن جا ٿها ڪڍي ٻاهر ڪيا، جيڪي اڄ ڪيس اباڻي ملڪيت جي اُپراسي طور ڪمدار ڏنا هئا. هن بريف ڪيس مان چيڪ بڪ ڪڍيو، پوءِ نوٽن جا ٿها قادن جي آڏو اڇلايا، جيڪي قادن جي سامهون پيل کٽ تي ڪريا. پوءِ سليم چيڪ صحيح ڪيو ۽ اهو به وڏي نوٽن سان گڏ رکيو.

”ماسات قادن سائين! مڱڻي ڇڏائڻ لاءِ رقم ۽ تنهنجي گذاري لاءِ بلينڪ چيڪ. ڳوٺ جي بينڪ ۾ جيڪا ميڙي چونڊي آهي سا تنهنجي ٿي. ڇوڪريءَ جي پچر ڇڏ.“ هو اجا ڳالهائي پيو ته ڏاڏيءَ دانهن ڪئي: ”ابا! شاهه بانو.“

ماسي به ڊوڙي. شاهه بانو بيهوش ٿي وئي هئي. هنن شاهه بانو کي، نوٽ سيري پري ڪري، کٽ تي ليٽايو. هو هٿ پير مهٽڻ لڳس. شاهه بانو ڪنجهڻ لڳي. ڪجهه هوش ۾ آئي ته هٿ مهٽڻ لڳي، ڏڪڻ لڳي، گهڙيءَ ۾ وڦلڻ شروع ڪيائين. هاڻ ڪجهه سمجهه ۾ آيو پئي ۽ ڪجهه نه. سليم قادن ڏي رخ ڪيو: ”قادن سائين، ڏسي ڇڏ، تو پنهنجي ڌيءَ جا ڪهڙا حال ڪيا آهن. هيءَ هيري ڪٽي تو خاڪ سر ڪري ڇڏي. ڪڏهن ڪنهن در وڪاڻي، ڪڏهن ڪنهن در. هاڻ تون هن کي وساري ڇڏ. مان وٺيو ٿو وڃانس

۾ ياد رکجانءِ جي تو ڪا مستي ڪئي آهي ۽ هن کي تنگ ڪيو آهي ته فرياد ڪرائيندوسانءِ. اڙي نياڻين جا سورنهن مگڻا ڪرائبا آهن؟ در در وڪڻبو آهي؟ پيسي جي پيٽ کي ته باهه لڳئي ٿي، پر جائيءَ جي ڄَر به ڪڏهن آئي اٿئي؟"

سليم ڳالهائيندي سهڪيو پئي. قادن ڪنڌ لاڙيو ڪا گهڙي بيٺو رهيو ۽ پوءِ وڏي نياڻي وٽ آيو. هن کي حالون بي حال ڏنائين، ته لڙڪ لڙي پيس. مٿي تي هٿ رکيائينس ۽ پوءِ سليم ڏي نهاريائين. ان نگاهه ۾ سڀڪجهه هو. سليم ڪنڌ سان ها ڪيس، قادن پوئين پير موٽيو ۽ اگهڻ ٽپي ٻاهر نڪري ويو.

ماحول ۾ چوڌاري ڪا گهڙي خاموشي رهي. ڪنهن ڪنهن مهل شاهه بانو جي ڪنجهڻ جو آواز آيو پئي. ڏاڏيءَ جو آواز ته "امان، امان منهنجي، هوش ۾ اچ"، نه ته چوڌاري عجيب سانت هئي. شاهه بانو جي ناني، سليم جي ماسي چپ هئي ۽ پئي شاهه بانو کي مٿي تي زور ڏنا. اوچتو سليم ڳالهايو، "ماسي، هاڻ تون گهر وڃ، شاهه بانو جا به وڳا ٿيلهي ۾ وجهي آ. مان هن کي رات پهر ۾ ڪٽي ويندس. شاهه بانو کي ڊاڪٽر جي ضرورت آ."

ماسيءَ ڏانهس نهاري اوچنگارن ۾ اچي پئي. سليم ويجهو وڃي ٻاڪر ٻاتس ۽ پرچائڻ جي ڪيائينس. "هن نياڻيءَ جي ڏوهاري مان آهيان ابا! مون هن لاءِ ڪجهه نه ڪيو آ. ڪجهه به نه. مان هن جي خدمت ڪندس. هن کي ريجهائيندس. مون کي ڪهڙي خبر ته ڇوڪري اندر ئي ڇڄي پئي آهي. باهه ڏيان اهڙن مگڻن کي. مان صدقو وڃانءِ ٻچڙيءَ تي، منهنجا مولا هٿ سچو ڏينس، بخشي بچائي ڏي."

ماسيءَ پئي رنو ۽ ڳالهايو. سليم آهستي ڪيس اٿاريو ۽ چيو: "دير نه ڪر ماسي، شاهه بانو کي ڊاڪٽر جي ضرورت آهي، مان هاڻ ئي ڪيس شهر ڪٽي ويندس."

"مان اڇا آيس ابا، مان به ساڻس گڏ هلنديس."

سليم هڪدم وراڻيس، "نه ماسي، شاهه بانو جي ماضي جي ڪا شيءِ هن سان نه هجي. بس دعا ڪرينس، نيڪ ٿي پئي. گدگد هوندي، راضي خوشي ايندي، وني ايندومانس. تون فڪر نه ڪر مني جيجل ماءُ، جلدي ڪر."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماسيءَ جو منهن لهي ويو، پر هُن شاهه بانوءَ تي نظر وڌي ته ڪيس جهڙي آئي. يڪدم جُتي سيري پير ۾ ڪيائين ۽ سڌو گهر نڪري وئي. هوڏانهن سليم اندران ڪمري مان ڪورامن ڪنيو آيو ۽ شيشي مان ڦڙا پاڻيءَ ۾ وجهي شاهه بانوءَ کي پياريا. شاهه بانو آهستي آهستي هوش ۾ اچڻ لڳي.

سليم جڏهن کيس هنج ۾ کڻي ڪار تائين آيو ته شاهه بانو ڪجهه هوش ۾ هئي. هن لهڻ جي ڪئي، پر هو ڪنيو ويس. شاهه بانوءَ سهاري لاءِ ٻچيءَ ۾ ٻانهون وجهي ڇڏيس.

سليم ائين سمجهيو ڄڻ هو ڪا ملڪيت سانديو پيو وڃي. ماسي ۽ ڏاڏيءَ در تائين موڪلائڻ آيون. گهٽيءَ ۾ ڪير نه هو. رات چڱو پنڌ ٽپي هلي هئي. جڏهن سليم اتان نڪتو، هو تڪي گاڏي ڪيدي آيو. کيس ائين پئي لڳو ڪٿي ڪانئس هيءُ سرمايو ڪير کسي نه وٺي. سڄي زندگي پالهو رهيو. هيءُ مليس ته ڄڻ کيس پاڻ مليو. هو هرهر شاهه بانوءَ کي تڪي رهيو هو، جيڪا سندس پرسان آهليل هئي. هو سندس سونهن ۽ پرپائيندڙ وجود کي پسي گدگد پئي ٿيو. کيس خبر نه هئي، ته ڪڏهن موتي لال هٿن ۾ هوندي به هٿن مان پاڻيءَ وانگر وهي به نڪري ويندا آهن. هو آهستي آهستي شاهه بانوءَ جي ڪنن ۾ سُرٻاٽ ڪندو رهيو.

”شاهه بانو، مون کي خبر آهي ته مان ڇا آهيان. تو مون تي وڏو وڙ ڪيو آهي. تون ڪٿي رنج ته ناهين.“

شاهه بانو آهستي آهستي مشڪندي رهي ۽ پوءِ تڪل آواز ۾ چيائين:

”توهان سان رنج! توهان ته منهنجا محسن آهيو - منهنجا سائين آهيو - پلا ڪاڏي هلون پيا، منهنجا ڪپڙا لٽا ڪنيا اٿو.“

”شاهه بانو، هيءُ پنهي جو نئون سفر آهي. منزل جي مون کي به خبر نه آهي. تون ساڻ آهين ته سڀ سولي تي پوندي. تنهنجي بيگ ڊگي ۾ آهي ۽ سنهي سامان وارو ٿيلهو بيٺ تي اٿئي.“

شاهه بانو پويان ڏنو ۽ هٿ وڌائي ٿيلهو ڪنيو ۽ هنج ۾ ڪري کوليائين. ٿيلهو انهن ئي نوٽن سان پريل هو ۽ سليم وارو چيڪ به مٿان رکيل هو. ”سائين، هيءُ ڏسو نانيءَ جا ڪم.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سليم ڏسي وائڙو ٿي ويو ۽ ڪا گهڙي چپ رهيو ۽ پوءِ ڪلي شاهه بانو ڏي نهاريائين، ”هي نانهنِ طرفان ڏاج اٿئي.“

شاهه بانو شرمائجي وئي ۽ هن دفعي ڏاڍي پيار سان ڏانهس ڏٺائين، ۽ جيئن سليم سندس نگاهون محسوس ڪيون ته هُن ۾ ڏاڍي پيار سان ڏٺس ۽ سُرباڻ ڪندي ۽ ڏانهس جهڪندي چيائين، ”شاهه بانو پنهنجي منزل پري نه آهي.“

ائين اوچتو شاهه بانو دانهن ڪئي، ”سامهون ڏسو- سنڀالجو!“

سليم گاڏي سامهون ٽرڪ کان بچايو، پر گاڏي ڪئين پنڌ پيچرا ستيندي، ٽپندي هڪ ڪامي ۾ هڪ ٽڪاءُ سان وڃي دنگ ڪيو.

سليم هوش ۾ آيو ته ڏٺائين شاهه بانو سندس پرسان ئي هئي. هن دفعي خاموش ۽ چپ. سليم ڏڪي ويو. هن رڙيون ڪيون، ”شاهه بانو- شاهه بانو- شاهه بانو.“

شاهه بانو وٽس ئي هئي، پر ان ۾ ٻوليندڙ پکي نه هو. هو به آهستي آهستي خاموش ٿي ويو. هو ڪار مان ٻاهر نڪتو ته هُن محسوس ڪيو ته هو وري اڪيلو آهي- هُن ڪامي ڪان متي نهاريو، هڪ وهندڙ روشني هئي. هڪٻئي پٺيان روشني. هُن جي اکين کي روشني نه وڻڻ لڳي. هن کي ڪامي ۾ پوندڙ روشني جا پاڇا به نه وڻيا. هو ڪار جو در کولي شاهه بانو جي پاسي ۾ ويهي رهيو. هُن کي ائين لڳو ته ڄڻ هو اڪيلو نه آهي. هن جون اکيون ٽڪجڻ لڳيون هيون. هُن به شاهه بانو وانگر سمهڻ چاهيو. جڏهن شاهه بانو ستل آهي ته هو جاڳي ڇا ڪندو. هو اکيون ٻوٽي آهلي پيو. نئين سفر جي ڪيس خبر نه هئي.

●

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



”هڪ هوشمند حساس انسان وانگر حميد جي سوچ ۾ گهرائي آهي. سطحي سوچن ۽ سستن جذبن جو هن جي سڄاڻ ذهن ۾ ڪو گذر ناهي. جذبن جي سچائيءَ سان لکندو آهي ۽ ڪنهن کي آئيڊيل بڻائي فنڪار جو فنڪار سان ذهن ٽڪرائي لکڻ جي محتاجيءَ کان بنهه آجو آهي.“

**– ماهتاب محبوب**

”پنهنجي شخصيت وانگر ٻولي ٻه مٺي ڪم آڻيندو آهي. مخالف نقطهء نگاهه تي حملي ڪرڻ وقت ٻه ڳجهي يا پرتو ٽوڪ هڻي سامهين ڳالهه کي ڏاهڙ جي بدران پنهنجي اظهار جي ڦهلاءُ کان ڪم وٺندو آهي، ان خيال کان ڪيس ادبي نيڪ نيتيءَ وارا لاڙا رکندڙ ڪهاڻيڪار چئي سگهجي ٿو.“

**– عبدالقادر جوڻيجو**

”حميد سنڌي جي افساني جي خصوصيت هن جو انداز آهي، جيڪو مجبور ڪندو آهي ته افسانو پڙهي ختم ڪجي. ’روشن اونداهه‘ هن معاشري جي جيئري جاڳندي ڪهاڻي آهي، جنهن جا ڪردار بلڪل اسان وانگر زنده ۽ زندگيءَ جي پيچيدگين ۾ الجهيل آهن.“

**– قاضي خادم**

”سنڌ جا قديم آثار جنهن تباهيءَ ۽ برباديءَ واري دؤر مان گذري رهيا آهن، ان تي جيترو به ماتم ڪجي اهو ٿورو آهي. حميد جي ڪهاڻي ’دربان‘ ۾ جنهن تباهيءَ جي نشاندهي ڪئي وئي آهي، سا پڪ ئي پڪ سنڌ جي ثقافتي ۽ قديمي ورثي جي ويرانيءَ ڏانهن اشارو ڪري ٿي. اهڙي سٺي ڪهاڻيءَ لاءِ حميد مبارڪن جو مستحق آهي.“

**– غلام محمد لاکو**

”ڳچ وقت اڳ نسيم کرل جو ’چوٿيون در‘ پڙهيو هئم، ۽ وري اهڙي ئي هڪ ڪهاڻي ’باک‘ ۾ ’دربان‘ نالي پڙهيم. حميد سنڌ جي ثقافتي تباهيءَ تي وقتائتو قلم کنيو آهي.“

**– غلام علي باگاڻي**

”اسان وٽ سنڌيءَ ۾ اهڙيون ڪهاڻيون ٿوريون لکيون ويون آهن، جن ۾ قلم جي قوت آهي. حميد سنڌ جي معاشري ۽ فرسوده روايتن ۽ مسئلن تي اونهائيءَ سان لکي ٿو. حميد جي ڪهاڻين ۾ ڪٿي ڪٿي مايوسين ۽ ڏکن جا چٽا اهڃاڻ آهن، ان لاءِ ڪردارن ۾ ڪٿي هُو پاڻ ئي لکل هوندو آهي. ڪٿي لياڪا پائيندو آهي ته ڪٿي صفا ظاهر آهي.“

**– حميده بلوچ**

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book